# كلامِ امين

مخدوم امين محمّد صدّيقي
”پکَن ڏٽي“

طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا
1440ھ / 2018ع

كلامِ امين
مخدوم امين محمّد صدّيقي ”پکَن ڏٽي“
2018ع

Gul Hayat Institute

طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا
1440ھ / 2018ع

# ڪلامِ امين

(سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام)

## مخدوم امين محمّد صدّيقي
## ”پَڪَن ڏٽي“

طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا
۱۴۴۰ھ / 2018ع



ڪتاب جا حق ۽ واسطا ڇپائيندڙ وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | ڪلامِ امين |
| شاعر: | مخدومِ امين محمّد صدّيقي ”پڪن ڏٽي“ |
| پهريون ڇاپو: | ۱۴۴۰ھ/2018ع |
| ڪمپيوٽر لي آئوٽ: | عبدالله جروار |
| ڇپيندڙ: | سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي |
| ڇپائيندڙ: | طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا |
| پڙرو ڪندڙ: | گل پنهور سروري |
| قيمت: | =/500 روپيا |

طالب المولىٰ اڪيڊمي
هالا




Gul Hayat Institute

# فهرست

انتساب: مخدوم جميل الزمان ٿ
اداري پاران/پنهنجي پاران: مخدوم جميل الزمان ث
ٻه اکر: ڊاڪٽر نواز علي "شوق" ج
سوانح حيات: مخدوم جميل الزمان ڏ

## کلامِ امين

### سنڌي ڪلام

**مولود شريف:**

1. مرحبا يا مصطفيٰ ﷺ سردار سرور مرحبا (ٻهاڳ) 7
2. محمّد مصطفيٰ ﷺ ڪرماڙميان (ٻهاڳ) 8
3. ريءَ جانب جيئڙوجلي (ٻهاڳ) 9

**ڪافيون:**

1. ماندو مون مهمان (آسا) 13
2. سک ساهڙ جي سِڌاري (ڪلنگڙو) 14
3. تنهنجي نيڻن جادو لايو (پيلوي) 15
4. جي ميخاني ملندو مولا (پيلوي) 16
5. جانب جدائي لاهي (پيلوي) 17
6. هن تہ حياتي ساڻ (پيلوي) 18
7. دلبر دل کي دام وڌا (توڙي-گنڌاري) 19
8. عشق آندا سامان سينگاري (تلنگ) 20
9. بانگ اَلستُ رَبِّي (تلنگ) 21





10. سرک ساقي کان چکَڻُ (تلنگ) 22
11. جانب جدائي چاهي (تلنگ) 23
12. نان وڇوڙي جي ويل (ڪاريهل) 24
13. روئندي راتو ڏينهن (ڪاريهل) 25
14. سرور جا ساٿياءِ (ڪاريهل) 26
15. اها بيرنگي بازار ٿئي (جوڳ) 27
16. رائي منجھ رهاڻ (جوڳ) 28
17. رائي رهي رات (جوڳ) 29
18. نيٽ اچي نيندا (جوڳ) 30
19. جيئري جدائي منهنجي (جوڳ) 31
20. آرياڻي شل ايندا (ڪوهياري) 32
21. ڪير گهڙيون هت گهاريندا (ڪوهياري) 33
22. ٻاروچا ٻيهار، اڱڻ آءِ (ڪوهياري) 34
23. ڪيائين ڪونہ قياس (ڪوهياري) 35
24. چوٽي آهين چري (ڪوهياري) 36
25. آيا ڪثرت ڪنان ڪاهي (پوپالي - ڪلياڻ) 37
26. جنين کي عشق جو آهي (ڪلياڻ) 38
27. آهي دم دم جو ديدار (ڪنياٽ) 39
28. چا ڳاڏي چا ڳتڪار (ڪنياٽ) 40
29. زلف جي ڦاهيءَ ۾ ڦاسڻ (ٻاڳيسري) 41
30. هن ڪاڪل ڦهري ڪمند (ٻاڳيسري) 42
31. سڄڻ جا ساريو سانگ 43

**وايون:**

1. آيو آديسن جو متي راهوندہ راز (رامڪلي) 47
3. روئندي ڪيچين ڪاڻ (ديسي) 48
4. هي منهنجا سڏڙا سڻي 49

**بيتَ:**

**رامڪلي:** 55



Gul Hayat Institute

ديسي: 71
راڳو: 81
ڪيڏارو: 87
ڏهر: 91

## سرائڪي ڪلام

### ڪافيون:

1. برهه رنگي رنگ رمزان لايان (گجري) 101
2. حال تہ استقبال تمهين هو (گجري) 102
3. مئن مولا عشق منيندا هون (پيروي) 103
4. سر تي حال حلاج دا چايو سي (توڙي- گنڌاري) 104
5. آوين يار اساڏي ويڙهي ول (توڙي-گنڌاري) 105
6. دل چاڪ چڪن تان چلو چلو (تلنگ) 106
7. رک سُرت پرت وچ پلي پلي (تلنگ) 107
8. بر دي دا ڪر بيک بهان، (ڪاريهل-گنڌاري) 108
9. عشق جنهان گهر آوندا 110
10. اڄ عشق اسان ڪني آيا هي (جوڳ) 111
11. سو ڪوئي ڪام ڪريوي (ڪنياٽ) 112
12. سو ڪوئي بيک بناوين (ڪنياٽ) 113
13. آک "اناالحق" تي اظهار (ڪنياٽ) 114
14. عشق ميڏي گهر آوندا (ڪنياٽ- ڪماچ) 115
15. عشق اسان ڏي ڪول (ڪنياٽ) 116
16. مئن وچ مؤج مريندا (ڪنياٽ) 117
17. دم دم دلبر دور نهين هي (ڪنياٽ) 118
18. ڪٿ هندو ڪٿان مؤمن مذهب (ڪنياٽ) 119

### ڏوهيڙا:

1. اول ڪوئي انصاف ڪري، وچ سيني شطرنج جوڙي 123
2. خفي جلي اتي ڪشف ڪرامت، اتي سب اوري چالي 123



كلامِ امين

3. عشق عجائب التين باتان هئي هئي هل مچايا 124
4. "الف" الستي بانگ سٽائي ڪلهم قالوا بولي 124
5. "ب" بَدوّح بُهارانت برسر، ماهي مندر آيا 125

## متفرقات

مرثيو: 131
منظوم خط: 149
لولي: 153
سي حرفي: 171

## ضميما

1. پکن وارن صاحبن جي لوليءَ جو قلمي نسخو 175
2. راهوبند جا فقيراڻا آثار 188
3. سيّد حيدر شاهه حيدر اجناڻيؒ 191
4. پير سيد صالح شاهه جيلاني "صالح" 193
5. مرزا قليچ بيگ "قليچ" 194
6. قاضي يار محمد قريشي 195
7. آخوند الله بخش انصاري 197
8. سيٺ وشنداس مانجهوءَ وارو 199
9. سيلو فقير سيلاني 201
10. منٺار فقير راڄڙ 203
11. فقير حاجي محمد پريل مگسي 205
12. فقير پريل نوشهرائي 206
13. فقير علي بخش پٽو 207
14. قاضي عبدالله پورگر 208
15. پير محمّد عالم قريشي 209
16. سومار فقير عرف سومر فقير 210
17. روايتون ۽ راهوبند شريف جي مختلف جاين جو تفصيل 211
18. واقعاتي تاريخ 213
تصويرون 227
ڪتاباب 237



Gul Hayat Institute

# انتساب

**حضرت مخدوم امين محمّد سائين** رحہ

**”پڪن ڏٽي“**

(13 سجّاده نشين درگاهہ حضرت غوث الحق رحہ هالا)

جي سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام جي مجموعي

**”ڪلامِ امين“**

ڪي دل جي گهرائين سان

**حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ سائين** رحہ

(17 سجّاده نشين درگاهہ حضرت غوث الحق رحہ هالا)

**حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر صدّيقي** رحہ

(معمارِ هالا)

**۽ عالم فاضل پروفيسر محبوب علي چنا**

سان منسوب ٿو ڪريان.

۱۳ رمضان المبارڪ ۱۴۳۹ھ
29 مئي 2018ع
دبئي

**مخدوم جميل الزمان**







Gul Hayat Institute

## اداري پاران / پنهنجي پاران:

حضرت مخدوم امين محمد ثالثؒ جن جو ڪلام تاليف و ترتيب جا طويل مرحلا پورا ڪري، حضرت قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائينؒ جن جي نگرانيءَ هيٺ، حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر صدّيقي هالائيؒ ۽ پروفيسر محبوب علي چنا صاحب جي ڪوشش سان سنہ 1966ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپرايو ويو، جنهن جو ٻيو ڇاپو ساڳئي اداري طرفان سنہ 1990ع ۾ منظر تي آيو.

چند سال اڳ مونکي حضرت مخدوم امين محمد "پکن ڏٽي" سائينؒ جن جو ڪجھ اڻ ڇپيل ڪلام دستياب ٿيو جنهن ۾ سندن ڇيل / لڪيل "لوليءَ" جو قلمي نسخو بہ آهي، ضرورت هئي تہ اهو خزانو عالمن ۽ شاعرن اڳيان آڻجي.

"ڪلام امين"، اعليٰ حضرت مخدوم امين محمد ثالثؒ جن جي سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام تي مشتمل آهي، جنهن ۾ سندن مذڪوره اڻ ڇپيل ڪلام پڻ ڏنو اٿم. "ڪليات امين" ۾ ڪافين، بيتن ۽ ڏوهيڙن جي ترتيب جيڪا منهنجي استاد بيعديل اعليٰ حضرت قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائينؒ جن مقرر ڪئي هئي اها ساڳي ترتيب "ڪلام امين" ۾ رکي اٿم، جيڪو نئون ڪلام مليو اهو هر حصّي جي آخر ۾ ڏنو اٿم. حضرت مخدوم امين محمد ثالثؒ جن جي سوانح منهنجي ڪتاب "تذڪره مخدومان هالا" تان ورتل آهي. جيڪا هتي عالمن ۽ اديبن جي معلومات جي لاءِ ڏني پئي وڃي.

آئون، اعليٰ حضرت قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ





سائينؒ (17 سجّاده نشين درگاھ حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرورؒ هالا)، حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر سائينؒ ۽ محترم پروفيسر محبوب علي چنا صاحب کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو جن اڄ کان تقريبن ستر سال پهرين، حضرت پکن ڏٽي سائينؒ جن جي ڪلام کي سهيڙي پڌرو ڪرڻ جو قدم کنيو.

اميد آهي تہ هي ڪوشش اهل ادب ۽ اهل قلم دوستن کي وڻندي.

**مخدوم جميل الزمان**
سجّاده نشين
درگاھ حضرت غوث الحق مخدوم نوحؒ هالا
چيئرمين، طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا

٢ رمضان المبارڪ ١٤٣٩ھ
18 مئي 2018ع
لنڊن



Gul Hayat Institute

## ٻه اکر:

سنڌ ۾ سوين پيرن فقيرن ۽ صوفي بزرگن جون خانقاهون آهن، سي سڀيئي اسان لاءِ سون آهن، جن تي سنڌ واسين کي فخر آهي. انهن مان هڪ هالا جي مخدومن جي خانقاهه آهي، جيڪا صدين کان مشهور آهي. ان خانقاهه کي هڪ لحاظ سان نمايان حيثيت حاصل آهي ته هن خاندان، مخدوم نوح سرورؒ کان وٺي هن وقت تائين روحانيت سان گڏ دين اسلام ۽ علم و ادب جي وڏي خدمت ڪئي آهي. جنهن جو چٽو ثبوت عالي جناب مخدوم جميل الزمان صاحب جو لکيل ڪتاب مخدومانِ هالا ۽ ان سلسلي جا ٻيا ڪتاب آهن.

هن خاندان ۾ ڪيترائي عالم، اديب ۽ شاعر پيدا ٿيا. ويهين صدي جي هڪ ئي شخصيت قبله سائين مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ هڪ ئي شخص لکن جي مٽ هيو، جن جا علمي، ادبي ۽ ثقافتي ڪارناما سونهري اکرن ۾ لکڻ لائق آهن. ڪانئن پوءِ سندن لائق فائق فرزند ارجمند مخدوم امين محمد ادب، سياست ۽ عوامي خدمت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. هينئر سندن لائق فائق فرزند ۽ موجوده سجّاده نشين عالي جناب مخدوم جميل الزمان صاحب جن پنهنجن وڏڙن واري شاندار روايتن تي گامزن آهن. جن هيءُ ڪتاب ترتيب ڏنو آهي. سائينءَ جي مهرباني جو بنده راقم کي هن ڪتاب تي ٻه اکر لکڻ جي سعادت ۽ اعزاز بخشيائون.

هن ڪتاب ۾ گهڻي ڀاڱي بيت ۽ ڪافيون آهن، ان کان علاوه مولود شريف، مرثيو، منظوم خط ۽ سي حرفي شامل آهن.

ڪافي، سنڌ ۽ پنجاب ۾ صدين کان مقبول رهي آهي. اها درويشن جي درگاهن تي اُسري ۽ نِسري ۽ پوءِ انهن الله وارن بزرگن





جي مريدن، عقيدتمندن ۽ طالبن ان کي هر وستي ۽ واهڻ ۾ وڃي ڳايو، ماڻهن جو روح ريجهايو ۽ السِتي آواز پري پري تائين پهچايو.

ڪافي جيئن ته بزرگن جي درگاهن کان شروع ٿي، تنهن ڪري ان ۾ حمد، نعت، روحانيت ۽ اخلاق ۽ نصيحت نظر ايندي. جنهن ۾ روحانيت واري رمز هوندي، سا سدائين سلامت رهندي. پيرن فقيرن جي ميلن ۽ عرس جي موقعن تي فقير فقراء ڪافيون ڳائيندا رهن ٿا. اهو سلسلو صدين کان هلندو ٿو اچي.

ڪافي ۾ جيئن ته پنهنجو ماحول آهي ۽ دلڪش موسيقي آهي، تنهن ڪري اها هڪدم اثر ڪري ٿي. هي اهو وکر آهي، جيڪو ڪڏهن به پراڻو ٿي نٿو سگهي. مسلمانن پنهنجي مرشدن جي ميلي جي موقعي تي ۽ هندن وري پڳتن ذريعي بيتن ۽ ڪافين کي مشهور ۽ مقبول ڪيو.

انگريزن جي دور ۽ پوءِ پاڪستان واري دور ۾ غزل جي ترقي ٿي. اسان جي اڪثر شاعرن ڪافي بجاءِ غزل کي اهميت ڏني ۽ ڪافي کي وساري ڇڏيو. قبله سائين مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ غزل سان گڏ ڪافي کي به اهميت ڏني. پاڻ غزل، بيت ۽ ڪافي جا بلند پايه شاعر هئا.

غزل سان گڏ ڪافي کي پڻ ترقي وٺرائڻ ۾ ڀرپور ڪوشش ڪيائون. ڪافي جي فن تي هڪ معياري ڪتاب ”ڪافي“ تصنيف ڪيائون ۽ ڪافي جا مشاعرا پڻ منعقد ڪرايائون. اهڙي ريت سندن ڪوششن سان ڪافي کي اهميت ملي، نه ته اڪثر شاعر رڳو غزل چوندا رهيا ۽ ڪافي کان ڪوهين ڏور ٿيندا رهيا.

مخدوم امين محمد سائينؒ بيت ۽ ڪافي جا بلند پايه شاعر هئا، سندن ڪلام فڪر توڙي فن جي لحاظ سان افضل ۽ اعلیٰ آهي، ڪين ڪافي جي صنف تي ايڏو ڪمال حاصل هو، جو سندن ڪافين ۾ فڪر جي گهرائيءَ کان علاوه ڪيترائي گهاڙيٽا نظر ايندا. پاڻ تصوف ۽ سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو گهرو مطالعو ڪيو هئائون، تنهن ڪري سندن ڪلام ۾ تصوف ۽ ڪلاسيڪي رنگ نمايان نظر ايندو.



Gul Hayat Institute

هونئن تہ سندن كلام ۾ كيتريون ئي خوبيون موجود آهن، پر سندن كلام جي هڪ خاص خوبي اها آهي تہ پنهنجي بيتن ۽ كافين ۾ مناسب هنڌن تي قرآن پاڪ وارا الفاظ ۽ آيتون شامل كري ان كي وڏيڪ خوبصورت ۽ مدلل بڻايو اٿن. ڪن كافين ۾ كنهن تاريخي واقعي ۽ شخصيت جو ذكر كيو اٿن، تنهن كري سندن كلام "صنعت تلميع" سان سينگاريل نظر ايندو. هتي مثال خاطر سندن هڪ ڏوهيڙو پيش كجي ٿو، جنهن ۾ حمد سان گڏ نعت وارو نُور پڻ نظر اچي ٿو: فرمائين ٿا:

"الف" الله عليم تون، راحم رب رحمان
الف الست بربكم، فرض ٿيو فرمان
قالو بلىٰ كل ٿيو، جزء تي جرمان
جزائهم عند ربهم، اهوئي احسان

محمدﷺ لڌو مان، عالم تي "امين" ٿي

آخري مصرع ۾ وڏي رمز مان پنهنجو نالو بہ آندو اٿن.

پاڻ عاشقِ رسولﷺ هئا، ان جو ثبوت سندن مولود آهن، جن مان عشقِ رسول نمايان نظر اچي ٿو.

كتاب جي ص-7 تي سندن هڪ مولود موجود آهي. ان ۾ حضور پُر نُورﷺ جي صفت ۽ ساراهہ عالماڻي انداز ۾ بيان كئي اٿن. ان كان علاوه ان مولود ۾ قرآن مجيد جا الفاظ ۽ آيتون آڻي پنهنجي كلام كي وڌيڪ پاكيزه ۽ پُر تاثير بڻايو اٿن. كين عربي زبان تي ايڏو عبور حاصل آهي، جو پوري مصرع عربي زبان جي آڻي "صنعت تلميع" جو سهڻو مثال پيش كيو اٿن، ان مولود جا كجهہ شعر پيش كجن ٿا:

مرحبا يا مصطفيٰﷺ سردار سرور مرحبا،
مرحبا شاهِ رُسُل يا ميرمدني مرحبا.
شرف تنهنجي شان ۾ ياسين، طٰهٰ هَلۡ اَتٰي،
وصفِ تو "وَالَّيلِ" وارن "وَجهكَ" تنهنجو "وَالضُّحيٰ".





خَلَقۡتُ الۡجنّاتَ تَجۡرِيۡ تَحۡتَهَا الاَنۡهارُها،
"يُرۡزَقُونَ فَرِحِينَ" فائق تَو هٿان سڀ توهہ ٿيا.
حَاجَتِ الذَّراتُ وَجداً عِندَفِي اُسلوبهَا،
يا محمّد مصطفيٰﷺ وانَتَ شافعُ وَالشّفَا.

جيئن تہ پاڻ روحانيت جا صاحب هئا ۽ تصوف جو گهرو مطالعو كيو هئائون، تنهن كري تصوف سندن كلام جو اهم موضوع آهي. كافي نمبر-25 ۾ وحدت ۽ كثرت نفي ۽ اثبات جي سهڻي سمجهاڻي ڏيندي موزون عربي ۽ فارسي لفظ شامل كري پنهنجي كافي جي سونهن سوائي كئي اٿن، جنهن مان سندن تصوف جي گهري مطالعي ۽ لغت داني جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ساڳي كافي ۾ رسالت جو بيان پڻ عالماڻي انداز ۾ كيو اٿن. فرمائين ٿا:

آيا كثرت كنان كاهي،      وٺي وحدانيت واتي.
دلان دلدار سين دائم،      توڙي بيدار يا نائم.
هميشہ حرف هو صائم،      ڏريئون لاڳاپا سڀ لاهي،
ڇڏائي ڇرڪ كان ڇاتي.

نفي نائي كيا نائف،      خفيءَ جي خيال ۾ خائف،
ثباتيءَ ۾ سدا صائف،      پرت ۾ پنج وشش ڇاهي،
وجي ٿيا ذات ۾ ذاتي.

پناري پرت پاتائون،      قدر قربت جو ڄاتائون،
سڄڻ ساڳي سڃاتائون،      وڍي هو وڻ جو وڻ ڍاهي،
كيئون ميدان مٿباتي.

سٹئون لڪ لهرجا لوڏا،      اچي ٿيا احد كي اوڏا،
ڍكي "ميم" ۾، تاڻيائون توڏا،      ولايت وريا كاهي،
وجهي "وَجهكَ" منجهان جهاتي.



Gul Hayat Institute

”امين محمّد“ جڏهن آيو، اَلِف تنهن لام سان لايو،
هَي هَي حرف فرمايو، لباس ”الناس“ جو لاهي.
اِلاّ اللّٰهُ کيائون اثباتي.

مخدوم صاحبؒ شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ جي ڪلام جو گهرو مطالعو ڪيو هو. ڪٿي ڪٿي سندن ڪلام ۾ ڀٽائي وارو رنگ نمايان نظر اچي ٿو. نموني طور ڪجھ مثال پيش ڪجن ٿا. ڀٽائي پنهنجي ڪلام ۾ سسئي جي پنهون سان پريت، اٿل ارادي، سندس سُورهيائي، سورن ۽ ڏکن دردن جو داستان ور ور ڪري بيان ڪيو آهي. مخدوم صاحبؒ بہ سسئي جا سُور ۽ محبت جا مذڪور اثرائتي انداز ۾ بيان ڪيا آهن. هڪ ڪافي ۾ فرمائين ٿا:

روئندي راتو ڏينهن، ويئي وهامي راتڙي.
آيل آريءَ ڄام جي، ڪئي نماڻي نينهن.
ويلو ڪرنہ وچ ۾، ويندي سيڻن سيئن.
آيل آرامي ٿيان، ڪوهياري ري ڪينئن،
”امين“ اوچڻ عشق جو، جوڙي پاتائين جينئن.

ٻي هڪ ڪافي ۾ فرمائين ٿا:

هن سورن جي سسئي، ٿي ڪٺياڻي ڪاڻ،
ڏونگر منجهہ سا ڪيئن ڏري.
توڏا وچن ٿا تڪڙا، جتن ٿاٽو تاڻ.
هلان آءٌ ڪيئن هري.

مخدوم صاحبؒ جي بيتن ۾ پڻ ڀٽائي وارو رنگ موجود آهي. ان جا مثال سندن ڪلام جي سر ديسي ۽ سُر راڻي وارن بيتن ۾ نظر اچن ٿا. هتي نموني طور ٻنهي سُرن مان هڪ هڪ بيت پيش ڪجي ٿو:

ٻاروچا ٻاجهہ پئي، من آرياڻي اچن،
جيڏيون جن جا جيءَ ۾، پلپل پور پون،
ڪوهياري جا قلب تي، وري مچ مچن،
تن ڦوڙائي ڦٽن، اندر منهنجو اڌ ڪيو.





راڻا رسامڻ جو، کهڙو وريو واءُ،
رقيبن جي راز تي، سوڍا مَتِ مَر ساءُ،
موٽائي ماڳن تي، آڻيندءِ اللّٰهؐ،
اللّٰهؐ ڪارڻ آءُ، تہ سوڍا سُکياڻي ٿيان.

جيئن شاھ لطيف سُر رامڪلي ۾ جوڳين جو ذڪر ڪيو آهي، تيئن مخدوم صاحب سُر رامڪلي ۾ ڀٽائي واري رنگ ۾ جوڳي کي سهڻي صلاح ڏئي ٿو تہ، جي جوڳي ٿيڻ چاهين ٿو تہ اندر ۾ ويٺل نفس وارو نانگ ماري ڇڏ ۽ موت کي بہ مات ڏيئي ڇڏ. عاجزي ۽ انڪساريءَ سان پنهنجي رب کي ياد ڪندو رھ ۽ ان حقيقي محبوب جي وصال لاءِ واجهائيندو رھُ. جيڪڏهن وصال ۾ وٿ پئجي وڃي تہ پوءِ ائين سمجھ تہ هن جڳ ۾ تنهنجو جيئڻ اجايو آهي. تنهنجو مال مڏي، مقصد ۽ منزل اها آهي تہ حقيقي محبوب جو وصال حاصل ڪر. فرمائين ٿا:

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، تہ ڪرٽئون مارج ڪال،
اُٺي اور الک سين، هيٺو وٺي حال،
جي پَوئي وَٿ وصال کي، تہ جئڻ ڄاڻ جنجال،
مُوڙي تنهنجو مال، جي گُرسين گڏجين ڪاپڙي.

مخدوم صاحبؒ جي ڪلام ۾ ڪٿي ڪٿي سچل سرمستؒ وارو رنگ نظر اچي ٿو. هڪ ڪافي ۾ تہ قافيو ۽ رديف بہ سچل سائينؒ جي ڪافي وارو آندو اٿائون. ان ڪافي ۾ نار جو هوبهو نظارو نظر اچي ٿو. گڏوگڏ جُوئر جو ڊِڊي نيساري اچڻ ۽ تُري ڳنا تيار ٿيڻ جي ذڪر سان اڳوٽي دور جو ٻهراڙيءَ وارو ماحول ۽ منظر اکين اڳيان تري اچي ٿو. ان ڪافي جا ڪجھ شعر ملاحظہ فرمايو:

آهي دم دم جو ديدار، آهي پلپل جو ديدار
منڊل اسان جي نار تي.
ٻگا ڏاند ٻڌاسون ٻيئي، هڪل تني جي پري وڃي پيئي،



Gul Hayat Institute

وهـــن ٽـــا ڏارو ڏار، ڳـــاڏيءَ واري ڳٽڪـــار تـــي.
چوئي پاسي چڪريون سيئي، ارا تني جا ساڳيا سيئي،
لـــوڙن جـــي لارو لار، لٽـــڙي وهـــي للڪـــار تـــي.
ڊڊا چونڪ جهلي وجي نسريون، ڳنا تني جا ماڪي مصريون،
پچـــي ٽئـــا تـــارو تـــار، پيهـــي واريءَ پوڪـــار تـــي.
”امـين محمّـد“ اميّـد آهـي، لَسَ لابـارا ڇڏيائون لاهـي،
ڳوڙن ڳاهه ڇڏئا وجي ڳاهي، وائر جي وسڪار ڏاڍا ڪٽو در ڪار تي.

عشق ۽ عقل جي جنگ جو ذڪر اڪثر شاعرن ڪيو آهي. مخدوم صاحبؒ ان موضوع تي تمام سهڻي نموني خيالن جو اظهار ڪيو آهي. هڪ ڪافي ۾ عشق ۽ عقل جو جهيڙو بيان ڪندي، عشق کي فاتح ڏيکاريو اٿن. فرمائين ٿا ته جڏهن عشق اندر ۾ ٿاڪ ڪري ٿو ته تقويٰ تڪڙي هلي وڃي ٿي ۽ تسبيح جا ڏاڍا امالڪ اڏامي وڃن ٿا ۽ سڀ ماڻا ٽاڻا هوا تي وڃن ٿا. فرمائين ٿا:

عشـــق آڻـــي ڪيـــا دل ۾ ٿاڻـــا،
تســـبيح تقـــويٰ اٿـــي اُڏاڻـــا،
مـــور ڇـــڏي ويـــا ماڻـــا ٽاڻـــا،
راز ڏسـي سـڀ رنگـي، يـارو!

ٻئي بند ۾ فرمائين ٿا ته عشق، عقل جا شهر اجاڙي ڇڏي ٿو. برهه جي باهه سڀ گهر ساڙي ڇڏي ٿي، ايتري قدر جو اوڙو پاڙو به ان جي لپيٽ ۾ اچي وڃي ٿو. عشق وڏو پشنگي (پهلوان) آهي. فرمائين ٿا:

عشـق عقـل جـا ٿـو شـهر اجـاڙي،
باهـ برهـ جـي سـڀ گهـر سـاڙي،
آڻـــي آتـــش اوڙي پـــاڙي،
جيـئن سـو پُـور پَشـنگي، يـارو!

مخدوم صاحب مذڪوره ڪافي ۾ عشق جي بهادريءَ جو بيان ڪندي رُومي ۽ زنگي بهادر فوجن جو مثال پيش ڪيو آهي. بهادري ۽ پهلوانيءَ جي مناسبت سان ”پُشنگي“ قافيو آندو اٿن.





جنهن مان سندن تاريخ داني ۽ لغت دانيءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ’پشنگ‘ مشهور پهلوان افراسياب جي پيءُ جو نالو هو ۽ پُشنگ جي نالي سان هڪ ٻيو پهلوان پڻ ٿي گذريو آهي.

محبوب جي زلفن جي تعريف هر شاعر ڪئي آهي هنن سهڻيون تشبيهون ڏيئي پنهنجي شاعريءَ کي دلڪش بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي، هر شاعر جو پنهنجو انداز آهي. فقير عبدالغفور همايونيءَ جي هڪ نعتيه ڪافي کي تمام گهڻي شهرت ملي، ان ڪافي جي هڪ مصرع آهي:

تنهنجي زلـف جي بنـد ڪمنـد وڌا،
زنـــدان هـــزارين مـــان رڳـــو.

مخدوم امين محمدؒ ڪاڪل جي ڦهري ڪمند جي ڳالهه هڪ نياري نموني پيش ڪئي آهي، جيڪا نهايت پُرڪشش ۽ پُرتاثير آهي. هڪ ڪافي ۾ زلف جي ڦاهي ۾ ڦاسڻ جي تمنا رکي، پنهنجي محبوب تان ساهه سر صدقو ڪرڻ گهرن ٿا. ڇو جو اهو مال محب جو ئي ته آهي. ڪاڪل جي ڦهري ڪمند ۾ مختلف ملڪن جا وڏا وڏا بادشاهه ڦاسي پونٿا. فرمائين ٿا:

زلف جي ڦاهيءَ ۾ ڦاسڻ جو فڪر في الحال آهـ،
ساهه سر صدقو ڪريان هيءَ محب تنهنجو مال آهـ.
بنـده باشـنده ٿيـا سـڀ خسـرو ۽ خـاور جـا شـاهـ،
ڪاڪـل ڦهـري ڪمنـد ۾ طـوس ڇـا طهپـال آهـ.

ساڳي ڪافي ۾ محبوب جي ابرو کي تيز ترار ۽ مڙگان کي نيزا سڏيندي ٻڌائين ٿا ته انهن جي حملي آڏو مشهور پهلوان رستم جي جنگ ۾ بهادري به ڪا حيثيت نه ٿي رکي ۽ رستم جو پيءُ، جنهن جو نالو ”زال“ هو، سو به ڏڪي وڃي ٿو. شعر ملاحظ فرمايو:

تيـز نيـزان مثـل مڙگـان ابـرو هـن آنجـا تـرار،
رزم رستم ڇـا ڪنـدو اُن ڪـان گريـزان زال آهـ.



Gul Hayat Institute

مخدوم امين محمد سائينؒ سنڌي سان گڏ سرائڪي جا پڻ بلند پايہ شاعر هئا. سندن سرائڪي ڪلام ۾ منصور حلاجؒ جي فڪر جو پرچار نظر ايندو، هڪ ڪافي ۾ فرمائين ٿا:

سـرتي حـال حـلاج دا چايوسـي
جـڏان سـاغر عشـق پـلا يوسـي
دل ڪـون دسـتئون دلبـردي جـام مليـا
سـو ميڪـون سُـوري دا سـر انجـام مليـا
اسـانڪون "احـديت" دا انعـام مليـا
وچ سـو وادي ورهـ ولا يوسـي
وچـون سـو لهريـان لياڪـا پاونـدا هـي
هـر گهـر گيـت "انـا الحـق" ڳاونـدا هـي
سـاڏي جـان جگـر مـن پاونـدا هـي
تـڏان "حـق حـق" هُـل هُلايوسـي

ڪجھ ٻيا مثال پيش ڪجن ٿا:

آڪ "انـاالحق" تـي اظهـار،
وج وحـدت وچ ملـڪ متينـدا.

***

مـئن اهـو منصـور ڪهايـا،
جـنهن "انـاالحق" آڻ الايـا،
"ماسـبحاني" ملهـ ملايـا،
هـڻ گهتـوئي هـول،
مـئن شـاهي شـملا پايـا.

مخدوم صاحبؒ جن عشق کي افضل ۽ اعليٰ سمجهن ٿا. جڏهن عشق وٽن اچي ٿو تہ بي انتها خوش ٿين ٿا، ملائڪن کي چون ٿا تہ "مون کي مبارڪ ڏيو." منهنجي من کي رڳو عشق ئي وڻي ٿو. عشق عطا ٿيو آهي، هينئر آءٌ مغرب ۽ مشرق جو شهنشاهہ آهيان.





فرمائين ٿا:

عشق ميڏي گهر آوندا، ملڪو مئينون ڏيئو مبارڪ،
برهہ ميڏي من پاوندا، مئن سلطان مغرب تي مشارق.

مخدوم امين محمد سائينؒ کي هندي زبان تي پڻ عبور حاصل هو، جنهن جي ثابتي سندن هندي ڪلام مان ملي ٿي. نموني خاطر سندن هڪ هندي ڪافي جا ٻہ شعر پيش ڪجن ٿا:

ڪـٿ هنـدو ڪٿـان مـؤمن مـذهب،
مـئن هـون ٺـاڪر دواري مـئن دل هـون.
گيا گرو هي ميرا آوڻ، ستگر جڳ سنگت پرٿم پاوڻ،
جنم جراڪت مرمر ماروڻ، دوا پر ڏرمڪ مئن رل هون.
اندر آوڻ سارا جڳ سماوڻ، هر برهمڻ ڪون بيد بتاوڻ،
گنگا گورڪ گهر گهت ڪاوڻ، جمنا دي وچ من جل هون.

مخدوم امين محمد سائينؒ جي ڪلام ۾ بيشمار خوبيون موجود آهن. ڪٿي ڪٿي تہ اهڙي اونهي ڳالھ اسرار جي ڪئي اٿن جو حيرت وٺيو وڃي. سندن مطالعو ۽ مشاهدو وسيع هو، تنهن ڪري جو ڪجھ چيائون سو سچو سون آهي. سندن پاڪيزه ڪلام پڙهڻ سان سرور حاصل ٿئي ٿو ۽ اهو ايڏو تہ وڻي ٿو جو دل چاهي ٿي تہ بار بار پڙهجي ۽ دلي سڪون ۽ سرور حاصل ڪجي. سندن هي سهڻو من موهڻو ڪلام صدين تائين نغمي جي روپ ۾ فضائن ۾ گونجندو رهندو ۽ ٻڌندڙ ان مان محظوظ ٿيندا رهندا.

عالي جناب مخدوم جميل الزمان صاحب هن ڪتاب جو عالماڻو مقدمو لکيو آهي ۽ آخر ۾ جيڪا واقعاتي تاريخ ۽ ضميما ڏنا اٿن، سي سون تي سهاڳو آهن. انهن ضميمن ۽ واقعاتي تاريخ ڪتاب جي علميت ۽ اهميت ۾ اضافو ڪيو آهي.

9 آگسٽ 2018ع
ڪراچي

ڊاڪٽر نواز علي "شوق"



Gul Hayat Institute

# حضرت مخدوم امين محمد ثالث صدّيقي قريشي هالائي رحمة الله عليه[1]

**(1254-1303هه/1838-1886ع)**

حضرت مخدوم امين محمد ثالث عرف پڪن ڏٽي سائينؒ جن انهن ڀلارن بزرگن مان هئا جن جي روحاني فيض، بيشمار دلين ڪي اسلام جي نُور سان منوّر ڪيو ۽ سَوَن سينن ڪي عشقِ محمّد صلي الله عليه وسلم سان سيراب ۽ سرشار ڪري ڇڏيو.

## سلسلهء نسب:

ولي اللهؒ قطب الوقت حضرت مخدوم امين محمّد ثالث بن حضرت مخدوم محمّد زمان رابع بن حضرت مخدوم امين محمّد ثاني بن حضرت مخدوم پنيلڏو بن حضرت مخدوم عثمان بن حضرت مخدوم محمد زمان ثاني بن حضرت مخدوم مير محمّد بن حضرت مخدوم محمّد عرف مٺن بن حضرت مخدوم مير محمّد بن حضرت مخدوم ابو الخير بن حضرت مخدوم امين محمّد اوّل بن حضرت غوث الحق مخدوم لطف الله المعروف مخدوم نوح سرور صّديقي قريشي هالائيؒ

## شخصيت (اجمالي خاڪو):

پڪن وارا صاحب، نهايت جاذبِ نظر ۽ پُرڪشش شخصيت جا مالڪ هئا. الله ۽ رسول صلي الله عليه وسلم جو عشق، فقيري ۽ شاعري ورثي ۾ حاصل ٿين. ننڍي هوندي بادشاهن واري زندگي بسر ڪيائون. جڏهن رمي راهوند ڏي

---

[1] مولانا دين محمد وفائي (ولادت: 4_اپريل 1894ع/ وصال: 11 اپريل 1950ع)، مشاهيرِ سنڌ، جلد اول ص: 174 تي، عاليجناب حضرت مخدوم امين محمد ثالث عرف پڪن ڏٽي بن حضرت مخدوم محمد زمان رابع رحمة الله عليه جو ذڪر ڪندي ڪين حضرت مخدوم امين محمد ثاني بن حضرت مخدوم محمد زمان ثالث رحمة الله عليه جاڻايو آهي، جيڪو درست ڪونهي. حقيقت ۾ حضرت مخدوم امين محمد ثاني ولد حضرت مخدوم ميان پنيلڏو، حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جويارهون نمبر سجّاده نشين ۽ صاحبِ تذڪره حضرت مخدوم امين محمد ثالث عرف پڪن وارن صاحبن رحمة الله عليه جا ڏاڏا هئا، سندن انتقال 24 ڊسمبر 1836ع تي ٿيو.





هليا ته انهن مصنوعي ۽ مادي شين جي ڪا به وقعت ڪا نه رهي. راهوند تي[2] رهڻ واري دور ۾ وٽن وقت جا وڏا عالم، پير فقير رهاڻ ڪرڻ ۽ فيض حاصل ڪرڻ ايندا هئا. سندن پُر بهار هستيءَ جي طفيل راهوند جهڙو تاريڪ ۽ وارياسو علائقو به روشن ۽ آباد ٿي ويو.

وري شالَ وطن ۾ سي آديسي اچن
رنگ لڳي **راهوند** ۾ محبّت مچ مچن
طالب مولا مرد سي ڏسيو اڪيون ٿرن
واحدؔ! مانَ ورن رمي اُهي راهوند ۾.

مخدوم طالب الموليٰؒ

## سلسلهء طريقت:

پڪن وارا صاحب پنهنجي والد حضرت مخدوم محمد زمان رابع جا مريد هئا[3] ۽ سندن تربيت جو بنياد به والد بزرگوار جي هدايتن تي ٻڌل هئو. سندن حلقهءِ احباب، سيد حيدر شاهه "حيدر"، خواجه عبدالرحمان نقشبندي (وصال: 98-1897ع) ۽ سيد فاضل شاهه[4] جهڙن بزرگن، عالمن ۽ فقيرن تي

---

[2] ڏسو ضميمو 2.

[3] علامه دائود پوٽي (ولادت: 25 مارچ 1896_ وصال: 22 نومبر 1958ع) ڪتاب "سرها گل" ۾ لکيو آهي ته "پير ميان امين محمد، حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جي اولاد مان وڏي هدايت وارو بزرگ ٿي گذريو آهي. خواجه عبدالرحمان نقشبندي وٽان امانت مليس". پروفيسر محبوب علي چنا (ولادت: 12 مارچ 1922_ وصال: 22 نومبر 1977ع) ماهوار رسالي فردوس جي "حضرت مخدوم نوح نمبر" ص: 30 تي ان جي جواب ۾ لکي ٿو ته "حضرت مخدوم صاحب، خواجه عبدالرحمان صاحب جن جا مريد هئا؟ اهڙي ڪا به ثابتي حضرت مخدوم صاحب جن جي ڪتابن خواه روايتن مان نٿي ملي". مون (مصنف) ٻئي ڳالهيون پڙهڻ بعد تاريخ 4 اپريل 1992ع تي عاليجناب حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ سائينؒ جن کان ان بابت پڇيو هئو پاڻ ان وقت سندن وڏي بنگلي تي هئا ۽ جيڪو جواب ڏنائون اهو مندرجه ذيل آهي:

**"پڪن وارا صاحبَ پنهنجي والد جا مريد هئا. سندن تربيت جو بنياد به سندن والد جي هدايت تي ٻڌل هئو جيڪڏهن پاڻ خواجه صاحب جا معتقد هجن ها ته مٿن يعني پڪن وارن صاحبن تي خواجه صاحب جي مشرب وغيره جو اثر هجي ها، جنهن جي ڪا حقيقت ڪانهي."**

[4] سيد محمد فاضل شاهه رحمة الله عليه (1836_1901ع):
سيد محمد فاضل شاهه بن سيد حيدر شاهه بن سيد اسماعيل شاهه، 1252هه مطابق 1836ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو. فارسيءَ جي تعليم مولوي ولهاريءَ کان ورتائين، مولوي محمد حسن وٽ عربيءَ جي تحصيل حاصل ڪيائين (ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڪافيون جلد



Gul Hayat Institute

مشتمل هوندو هئو ۽ اهڙن ئي الله<sup></sup> وارن سان سندن رهاڻيون ٿينديون هيون.

ڏسي عين الڪ جا ٿيا لاهوتي لالَ
صُمٌّ بُڪمٌ عُميٌ جوڳين ٿيا جمالَ
نانگن ڪي ناسوت ۾ ٿيا قربَ ڪمالَ
حاضر ڏنا حالَ ويراڳين وصال جا
پڪن ڏڻي رح

1 ص: 408). فاضل شاهه جڏهن مڪتبن ۽ مدرسن جي محدود گهيري مان نڪتو ته ڪيس پيٽ گذر لاءِ ڳولا ڪرڻي پئي علمي مرڪزن ۽ مجلسن ۾ حصو ورتو، تقريرون ڪرڻ، همعصرن سان تحريري مقابلو ڪرڻ ۽ شعر ٺاهڻ سندس شروعاتي، مشغوليون هيون (ڊاڪٽر غلام علي الانه، منتخب ديوان فاضل ص: 6). سائين فاضل شاهه، انگريزن جي اڳياڙي واري زماني جو جيد عالم، مفتي، مفسر، فقيهه ۽ شاعر ٿي گذريو آهي، سندس تعلق ٽن متشرع طريقن سان هو جن مان حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه هالن واري جو سهروردي طريقو به اچي وڃي ٿو (پروفيسر محبوب علي چنا، ڪلياتِ امين ص: 51). سيد محمد فاضل شاهه، حضرت مخدوم امين محمد ثالث رحمة الله عليه جو معتقد ۽ گهاٽو دوست هئو. ساڻن بيحد محبّت ڪندو هئو. شروع ۾ حضرت مخدوم امين محمد ۽ سندن مشرب ڪان سخت احتزاز ڪندو هئو ۽ نهايت خراب سمجهندو هئو. جڏهن حيدرآباد شهر جو قاضي مقرر ٿيو ته اتفاقاً پڪن وارن صاحبن سان راهه هلندي ملاقات ٿيس، اُتي ڪافي ٻيا ماڻهو به موجود هئا. پاڻ پڪن وارن صاحبن کي ٻيهاري ڪائڻ تصوف جا ٻٽي پيچيده سوال پڇيائين. حضرت مخدوم امين محمد رحمة الله عليه جَن هڪ هڪ سوال جو نهايت مفصل ۽ ٿورن لفظن ۾ جواب ڏنو ۽ تشريح ڪئي. سيد فاضل شاهه تي ڏاڍو اثر ٿيو ۽ زارو زار روئڻ لڳو. اڳتي وڌي اچي پڪن وارن صاحبن سان مليو ۽ هميشه لاءِ سندن قرب ۾ قابو ٿي ويو (راوي، سيد علي احمد شاهه اجناڻي). حضرت مخدوم امين محمد صاحب عليه الرحمة سان به سائين فاضل شاهه جو گهرو عقيدت مندانه رستو هئو. حضرت مخدوم صاحب جن سائين فاضل شاهه جن جي پاڙي ۾ اوستي الياس نيروٽي جي اوطاق تي گهڻي قدر اچي رهندا هئا ۽ سائين فاضل شاهه به گهڻي حب سان هالن ۾ وڃيو حضرت مخدوم صاحب جن جي صحبت جو فيض حاصل ڪندو هئو. جڏهن حضرت مخدوم صاحب، دنيا جا لڳ لاڳاپا ڦٽا ڪري، هالا شهر ڪان پري راهوند مڪان ۾ وڃي زهد ۽ رياضت ۾ مشغول ٿيا هئا. تڏهن سائين فاضل شاهه به دنيا جا سڀ ڪم ڪار ڦٽا ڪري ساندهه ٻارهن مهينا مسجد جي ڪنڊ وسائي ويٺو (محمد صدّيق مسافر، ديوان فاضل ص: 50_51) سيد محمد فاضل شاهه رحمة الله عليه جو انتقال 67 سالن جي ڄمار ۾ 21 شعبان 1319هه (گنجنيئه اسرار سروريه) مطابق 3 ڊسمبر 1901ع تي ٿيو.
"فرض فاضل ڪر فقيري فخر سان_ مڪر جا قانون ڪر مسمار مچ."





# ولادت[5] ۽ تعليم:

حضرت مخدوم امين محمد ثالث رحمة الله عليه 7 شعبان المعظم 1254هه مطابق 26 آڪٽوبر 1838ع تي جمعه جي ڏينهن هالا ۾ ڄاوا. مٿن پنهنجي ڏاڏي جو نالو "امين محمد" رکيو ويو. راهوند تي پڪا ٺاهي وڃي رهيا ان ڪري مٿ مائٽ ۽ جماعت وارا ڪين "پڪن ڏڻي" ۽ "پڪن وارا صاحب" سڏيندا هئا. آسائش سان ڀرپور زندگي کي ڇڏي فقيري آستانو وسائڻ جي سبب قديم قلمي ڪتابن ۾ سندن ذڪر "عارف باالله" ۽ "ابراهيم ادهم ثاني"[6] جهڙن القاب سان ڪيو ويو آهي. امين محمد ڪان علاوه سندن ٻانگ جو ٻيو نالو "اميد علي"[7] هئو. پراڻي خانداني دستور مطابق اُستي گلاب سومري[8] جي

5 حضرت مخدوم امين محمد ثالث رحمة الله عليه جي ولادت جي تاريخ گنجينئه اولياءَ قلمي جي ص:198 ۽ 250 تي 14 رمضان المبارڪ 1256 هه مطابق 9، نومبر 1840ع ڄاڻائي ويئي آهي، هتي ڪچڪول، شاعر ۽ پيغامِ نوح ۾ ڏنل ولادت جي تاريخ کي وڌيڪ مستند سمجهي ڏنو پيو وڃي. گنجينه اولياء، حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جي پنڌرهين سجّاده نشين صاحب شريعت حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه جن جي حڪم ۽ نگراني هيٺ 1341هه مطابق 1923/22ع تي پراڻن قلمي نسخن تان پيٽي مرتب ڪيو ويو هئو.

6 مشهور صوفي ابراهيم بن ادهم البلخي (718ع_781ع).

7 خاندان ۾ به نالا رکڻ دستور هئو ۽ آهي به (مصنف).

8 اُستو گلاب سومرو عرف اوستو گلاب ڪٽي 1259هه/1843ع ڌاري هالا ۾ ڄائو. اڃا ننڍو هئو ته سندس والد حاجي پريل سومرو گذاري ويو. تنهن ڪري ٻاراڻي وهيءَ ۾ گهر جو سڄو بار مٿس آيو. ڦوه جوانيءَ ۾ حيدرآباد (سنڌ) مان شادي ڪيائين. 9 فرزند ۽ ٽي نياڻيون ٿيس. سندس اهليه ۽ ٽي فرزند سندس حياتي ۾ وفات ڪري ويا. باقي پٽ ۽ به نياڻيون ڪانئس پوءِ دارالبقا ڏي راهي ٿيا. هن وقت سندس هڪڙي نياڻي حيات آهي، جنهن جي شادي حيدرآباد ۾ ٿيل آهي. اُستو گلاب، حضرت مخدوم امين محمد ثالث رحمة الله عليه جن جو ٽيج شريڪ ياءُ هئو عمر جو وڏو حصو سندن حاضري ڏنائين. ساڻن گڏ اٺيو ويٺو ڏينهن ۽ راتيون گذاريئين. ڪيس پڪن ڏڻي رحمة الله عليه جن جا ڪيئي واقعا ۽ ڳالهيون چٽيون ياد هونديون هيون ۽ اڪثر اهي ٻڌائيندو رهندو هئو. حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رحمة الله عليه، حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه، حضرت مخدوم ميان فتح محمد رحمة الله عليه ۽ ٻيا حضرت مخدوم صاحبان سندس تمام گهڻي عزت ڪندا هئا. ڪيس مال ڌارڻ جو شوق هئو. وٽس هر وقت اٽڪل 50 مينهون ۽ 100 ڪن اعليٰ قسم جون ٻڪريون هونديون هيون. اُستي گلاب، حضرت مخدوم نوح سرور رحمة الله عليه جي پنجن سجّاده نشينن جو زمانو ڏٺو هو. زندگي جي آخري وقت ۾ به سندس نظر بلڪل چٽي هئي ۽ هر ڳالهه صاف ٻڌندو هئو. پوين سالن ۾ گردي ۾ پٿري ٿي پيس، جنهن جي آپريشن ڪراچيءَ مان ڪرايائين. سندس انتقال 12 جمادي الثاني 1384هه/19 آڪٽوبر 1964ع تي سومر ڏينهن هالا ۾ ٿيو.



Gul Hayat Institute

والده ماجده كين كير ڏنو. حضرت مخدوم امين محمد ثالثؒ جو ننڍپڻ هالا ۾ گذريو، ابتدائي تعليم بہ هالا ۾ ورتائون. قرآن پاڪ جو علم درگاهہ حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمت جي مجاور آخوند حافظ محمد قاسم[9] وٽ پڙهيا. حضرت امين محمد سائينؒ وڏي جهد ۽ رياضت سان علوم متداولہ جي تحصيل ڪئي، ان دور جي درس نظاميہ ۾ مقام تحصيص حاصل ڪيو، پاڻ قرآن، حديث، فقهہ ۽ تصوف جي دقيق مسئلن کي حاصل ڪرڻ ۾ خاص مرتبو حاصل ڪيائون.[10]

## شادي ۽ اولاد:[11]

پاڻ چار شاديون ڪيائون. پهرين شادي نور پور وارن پيرن مان پير علي حسن وارن وٽان ڪيائون.[12] هي پير صاحبان حضرت غوث الحق مخدوم نوحؒ

---

سندس عمر 125 سال هئي.

9 **آخوند حافظ حاجي محمد قاسم (وصال: 1315هہ/1897ع):**
درگاهہ شريف جو مجاور آخوند محمد قاسم بن آخوند حافظ محمد حاصل، پڪن وارن صاحبن جو استاد هئو. قرآن شريف جي تعليم پنهنجي والد صاحب کان ورتائين ۽ سڄي حياتي هالا ۾ رهيو. حافظ عبدالستار ولد حافظ نور محمد وارن مان شادي ڪيائين. ڪيس ٽي فرزند ٿيا، جن جا نالا هي آهن: 1۔ آخوند حافظ حاجي علي محمد 2۔ آخوند حافظ ولي محمد 3۔ حافظ مولوي شفيع محمد، قاضي شهر هالا. آخوند محمد قاسم پاڻ خود بہ وڏو ديندار، نيڪ، پرهيزگار ۽ صوم و صلواة جو پابند هئو ۽ ٽنهي فرزندن کي بہ قرآن شريف پڙهائي حافظ ڪيائين. سندس وصال 20۔ جمادي الثاني 1315هہ (گنجينۂ اسرار سروريہ قلمي ص: 49) مطابق 16 نومبر 1897ع تي ٿيو. آخوند صاحب کي درگاهہ حضرت غوث الحق مخدوم نوح ﵀ جي ٻاهران الهندي طرف سندس وڏن جي مقام "حضرت مخدوم ميئين نوندي" ۾ دفنايو ويو.

10 پروفيسر محبوب علي چنا، ڪلياتِ امين، ص: 18.

11 ڪلياتِ امين ص: 19 تي ڏنل معلومات اڻپوري آهي.

12 نورپور وارا پير صاحبان: ڳوٺ نور پور ضلعي نوشهروفيروز جا پيرَ. حضرت غوث الحق مخدوم نوح ﵀ جن جي پهرئين سجّاده نشين حضرت مخدوم امين محمد اوّلؒ جي ٻئي نمبر فرزند حضرت پير ميان عبدالغنيؒ جو اولاد آهن. اسان هالا وارن ۽ اچ شريف وارن جو ڏاڏو حضرت مخدوم ابو محمد ابوالخيرؒ ۽ نورپور وارن جو ڏاڏو حضرت ميان عبدالغنيؒ سڳا ڀائر هئا. نورپور جا پير صاحبان اڳ هالا ۾ رهندا هئا بعد ۾ هجرت ڪري موجوده ڳوٺ ۾ سڪونت اختيار ڪيائون. سندن هجرت ڪڏهن ٿي؟ اهو دريافت ڪرڻ لاءِ آئون 30 شعبان المعظم 1413هہ مطابق 23۔ فيبروري 1993ع تي نورپور ويس. في الوقت جيڪا معلومات ميسر ٿي سگهي





جو اولاد آهن. حضرت مخدوم امين محمد عرف پڪن ڏٽيؒ جن کي ٽي نياڻيون ۽ ڇهہ فرزند تولد ٿيا. سندن فرزندن جا اسمائي گرامي هي هئا:

حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار سائينؒ
حضرت مخدوم ظهير الدين سائينؒ
حضرت پير ميان جان محمدؒ
حضرت پير ميان مٺنؒ
حضرت پير ميان فتح محمدؒ
حضرت پير ميان نبي بخشؒ

حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار، صاحبِ شريعت حضرت مخدوم ظهير الدين، ميان فتح محمد، ميان جان محمد ۽ مِيان مٺن پهرئين گهر مان هئا. ميان نبي بخش ٽيئن گهر مان تولد ٿيا. حضرت پير ميانِ نبي بخشؒ جن جي ولادت ڪان پوءِ پڪن وارا صاحب جلدئي راهوندڙ ڏي اُسريا ۽ فقيري اختيار ڪيائون.

---

انهيءَ مطابق هينئر پير ميان شير محمد عرف "شير سائين" جو فرزند پير علي نواز سيني پيرن جو وڏو آهي، "شير سائين" جي پڳ مٿس آهي. سندس چاچو پير ميان امام بخش عرف "ايمن سائين" ۽ ان جا بہ فرزند پير علي حسن ۽ پير علي گوهر بہ ساڻس گڏ رهن ٿا. پير علي نواز شادي شده آهي البتہ سندس ٻئي سوٽ غير شادي شده آهن. پير ميان شير محمد عرف "شير سائين" جو انتقال 1976۔1977ع ڌاري نورپور ۾ ٿيو. چون ٿا تہ اُها اسلامي تاريخ 5 شعبان هئي. نورپور وارن پيرن جو مقام سندن حويليءَ جي اُتر طرف ٿوري مفاصلي تي آهي، جتي ڪنهن بہ مزار تي ڪتبو لڳل نہ هئو ڪِن مزارن جي ڄاڻ ملي جيڪا پير ميان علي نواز صاحب ڏني. گنجينۂ اوليا موجب پير ميان جمن ﵀ ۽ پير ميان ربّ رکيو ﵀ سن 1880ع ۾ بقيد حيات هئا ۽ نورپور ۾ ئي رهندا هئا. پير ميان ربّ رکيي جا ٻئي فرزند پير ميان علي حسن ۽ پير ميان غلام علي بہ حيات هئا. حضرت مخدوم امين محمد ثالث ﵀ ۽ سندن فرزند حضرت ميان فتح محمد صاحب ؒ جي شادي خانہ آبادي انهن پير صاحبان وٽان ٿي. منهنجي ملاقات پير ميان امام بخش عرف ايمن سائين سان نہ ٿي سگهي جو سندس طبيعت ناساز هئي، باقي ٽنهي پير صاحبن، پير ميان علي نواز، پير ميان علي حسن ۽ پير ميان علي گوهر سان چڱي ڪچهري ٿي، ان ڪان سواءِ پير صاحبن جي مقام تي رهندڙ فقير شهمير مورو بہ مليو ان وٽان بہ معلومات ورتي وئي. مون سان پير مختيار علي شاهہ، پير ميان منصور علي، پير ميان بشير ۽ محمد صالح جت ڊرائيور گڏ هئا. اسين نورپور ۾ ٻپهرن ڪان ٿورو اڳ پهتاسين ۽ ٻٽي ڪلاڪ ترسڻ بعد واپس ٿياسين، پروگرام مطابق رئيس علي نواز خان اُنڙ وٽ قاضي احمد ۾ ٻپهرو ڪري رات جو 8 بجي هالا پهتاسين (مصنف).



Gul Hayat Institute

## سجّاده نشيني:

”والد بزرگوار ۽ مرشد حق آگاهہ جي وفات سندن جوانيءَ ۾ غم انگيز جهوراڻو پيدا ڪيو. حضرت مخدوم محمد زمان رابعؒ عين عنفوانِ شباب ۾ رحلت فرمائي ويا. امين سائين هن جهوري ڪي حوصلي ۽ استَقلال سان برداشت ڪيو. درگاهہ فلڪ پائگاهہ جو انتظام، جماعت سروري جي تربيت جو اهتمام سندن ڪُلهي تي آيو“.[13]

حضرت مخدوم امين محمد ثالثؒ ٻارهن سالن جي ننڍي عُمر ۾ 19 صفر 1269هہ مطابق 2/1 ڊسمبر 1852ع تي حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليہ الرحمت جن جا سجّاده نشين ٿيا. ننڍي عُمر جي باوجود وڏي تحمل ۽ بردباري سان پنهنجون سڀئي ذميداريون انجام ڏنائون. سندن سّجادگيءَ جو عرصو 33 سالن ۽ ڪجهہ مهينن تي محيط هئو انهيءَ سڄي دور جو وڏو حصو خدمتِ خلق ڪندي گذاريائون. زندگيءَ جا پويان چار پنج سال دنيا کي ڇڏي وڃي راهوندِ تي منزل انداز ٿيا.

سندن دستار بندي جي ڏينهن ۾ انگريزن کي سنڌ تي قبضو ڪندي نوَ سال گزري چُڪا هئا. لارڊ ڊلهوزي (1812-1860ع)[14] سنڌ جو گورنر هئو، جيڪو 1847ع کان 1856ع تائين ان عهدي تي فائز رهيو. انگريز ۽ سندن حڪومت جا ڪارندا وڏي سوچيل منصوبا بنديءَ سان سنڌ جي زبان، معاشي سماجي نظرين ۽ علمي، ادبي، سياسي مڪتابِ فڪر تي پنهنجاڻپ جو انداز رڪندي اثر انداز ٿيڻ لڳا هئا. انهن پنهنجا نوان رواج ۽ دستور قائم ڪيا، جن جي ڇاپَ اڄا تائين سنڌ جي معاشري ۽ ثقافت تي نمايان آهي.

## پکن ڏٽي سائين ﷬ سان حيدر شاهہ جي ملاقات:

”مرحوم حاجي حيدر شاهہ هڪ شريعت جو پابند عالم هو. جڏهن ڪيس معلوم ٿيو تہ سندس ڳوٺ ”اجن شاهہ“ جي ويجهو راهوندِ واري ڊڀ ۾ حضرت مخدوم امين محمد صاحب جن دنيا کي ترڪ ڪري، فقير ٿي اچي چلہ ڪشي ۾ ويٺا آهن، تڏهن شاهہ صاحب انهيءَ ڳس ڪان هالن ڏي اچڻ ڇڏي ڏنو جو خيال ڪيائين تہ بدعتي ماڻهن جو ڏسڻ بہ گناهہ آهي ۽ اتي غير شرعي رسمون هونديون. حقيقت تہ هئي بلڪل ان جي برعڪس. هالن ڪان جيڪو شهدادپور

[13] ڪلياتِ امين، ص: 18.

[14] The New Columbia Encyclopaedia, P: 712.





رستو وڃي ٿو، ان رستي سان ”اجن شاهہ“ ٻن ميلن ڪان مٿي آهي ۽ هالن ڪان وچون رستو جيڪو راهوندِ ڪان آهي، ان رستي وسيلي ”اجن شاهہ“ هڪ ميل مس ٿيندو. ان ڪري اڪثر اجن شاهہ جا ماڻهو راهوندِ واري ڳس ڪان هالن ڏي ايندا ويندا هئا. پکن وارن صاحبن پنهنجو پکو انهيءَ ڳس جي قريب هنيو. هڪ دفعي شاهہ صاحب هالن ڏي اچي رهيو هو، ان ڏينهن اُٺ تي جَت هو نئون، جنهن کي هي معلوم ئي ڪو نہ هو تہ ڪو شاهہ صاحب راهوندِ ڪان هالن ڏي ڪو نہ ايندو ويندو آهي، سو هليو آيو راهوندِ ڪان. شاهہ صاحب بہ ان ڏينهن هو ڪنهن پنهنجي ڌن ۾، سو ڪو بہ ڌيان ڪو نہ ڏنائين، اچي پکن جي ويجهو پهتو ۽ ذڪر ”لا الٰه الا اللّٰه“ جو آواز ڪن تي پيس. اتي پاڻ سنڀاليائين تہ ڪٿي اچي ويو آهيان! اٺ واري کي چيائين تہ هاڻي اُٺ تڪڙو هڪلي نڪري هل ۽ پاڻ چادر سان ڪٽي جهندِ هنيائين، انهيءَ خيال سان تہ انهن فقيرن تي نظر نہ پوي، متان گنهگار ٿجي. هوڏانهن پکن وارا صاحب بہ فقراءَ سميت اچي ڪچهري واري ٿلهي تي سويرو ئي ويٺا ۽ فقراءَ کي ٻڌايائون تہ اڄ اسان جو دوست اچي ٿو. جڏهن شاهہ صاحب اچي ٿلهي جي برابر ٿيو تہ پکن وارن صاحبن چيس تہ ”حاجي حيدر شاهہ! اسين اوهان کي ڏاڍو ياد ٿا ڪريون.“ اهي لفظ شاهہ صاحب جي ڪن تي پوندا ويا ۽ شاهہ صاحب هلندي اُٺ تان پاڻ ڪٽي ڇڏيو ۽ ڊوڙندو روئندو اچي حضرت مخدوم صاحب جي قدمن لڳو ۽ گوڏا پيچي واريءَ ۾ ويهي رهيو. جَت کي چيائين تہ .ابا، هاڻي توکي موڪل آهي آءٌ منزل تي پهتس.“ شاهہ صاحب بيان ڪندو هو تہ جڏهن هو صاحب حج لاءِ روانو ٿيو هو، تڏهن حرم شريف ۾ نماز بعد سلام ورائڻ وقت هي آواز ٻڌندو هو تہ ”حاجي حيدر شاهہ! اسين اوهان کي ڏاڍو ياد ٿا ڪريون“. حيران ٿيندو هوس تہ هي آواز ڪٿان آيو. اڄ اهو ئي آواز ۽ اهي ئي لفظ ٻڌم. شاهہ صاحب جا وڏا تہ اصل ڪان حضرت غوث الحق مخدوم نوحؒ جا مريد هئا. پاڻ بہ ان وقت ئي بيعت ڪري، ذڪر جي تلقين ورتائين. سندن پويان اڄ ڏينهن تائين سروري دروازي جا سلامي آهن.[15]

[15] حضرت مخدوم طالب الموليٰ، ڪلياتِ امين، ص: 44_46، مضامين طالب الموليٰ. سيد حيدر شاهہ حيدر اجناڻي ﷬ جي ولادت 1831ع ڌاري ٿي. سندس انتقال 19 آڪٽوبر 1885 مطابق 10 محرم 1303هہ تي ڳوٺ اجن شاهہ ۾ ٿيو. 22 مئي 1994ع تي قصرِ ناز ڪراچي ۾ سيد احسن الهاشمي، سيد علي احمد شاهہ ۽ سيد خورشيد احمد شاهہ سان سندن خاندان بابت تفصيلي گفتگو ٿي، جنهن ۾ ڪافي معلومات ملي. سيد احسن الهاشمي صاحب ٻڌايو تہ سندس ڏاڏي سيد حيدر شاهہ حيدر جي عمر انتقال وقت 55 سال ڪن هئي، في الحال انهيءَ معلومات کي مستند سمجهي سيد حيدر شاهہ ”حيدر“ جي ولادت جو سن 1831ع ڄاڻايو اٿم (مصنف). ڏسو ضميمو: 3.



Gul Hayat Institute

## ست بگهاڙي جو قصّو:

هڪڙي ڏينهن پڪن وارا صاحبؒ بنا ٻڌائڻ جي هالن مان نڪري ڪنهن طرف ڏي ويا هليا. سيني مٽن مائٽن خادمن کي پريشاني ۽ فڪر ٿيو. ڪئين ماڻهو ڪين ڳولهڻ لاءِ جدا جدا طرفن ڏانهن نڪري پيا. انهن ڳولهيندڙن جي هڪڙي ٽوليءَ جي پڇڻ تي ڪنهن راهگير ٻڌايو ته اسان واقعي هڪڙو ماڻهو ڏٺو آهي جيڪو واريءَ ۾ ويٺل هئو. راهگير کان ڏس پتا پڇي ان هنڌ تي ويا. ڏسن ته پڪن ڌڻيؒ ڪنڌ هيٺ ڪيو واريءَ تي ويٺا آهن ۽ سندن چو طرف سَت بگهاڙيون دائرو ٺاهيو ويٺيون آهن. بگهڙن جي اڪيلي انسان سان دشمني مشهور هئي، اهو منظر ڏسي، سيئي ماڻهو. بگهاڙين کي هڪلون ڪندا جيئن ئي اڳتي وڌيا ته ستن ئي بگهاڙين گڏجي مٿن حملو ڪيو ۽ پڪن وارن صاحبن جي نزديڪ اچڻ نه ڏنو. آخر سيئي ٽولا اچي پاڻ ۾ گڏ ٿيا ۽ لٺيون کهاڙيون کڻي بگهاڙين کي مارڻ لاءِ نڪتا. اجا ٿورو اڳتي وڌيا ته معلوم ٿين ته پڪن ڌڻيؒ صحيح سلامت ڳوٺ پهچي ويا آهن.

ميان امين محمد اَجرا    دلبر دل جا يارَ
پلين خداوند خلقيون    پاڪ پروردگـارَ
توکي نر نوازيو    عالم جي سرڪارَ
تون پاڪريل پنجن تنن جو    سائين ڏيهه ڌڻي ڏاتارَ
توکي دعا دستگير جي    ميان ملڪ ڌڻي مختارَ
تنهنجي مدد محمّدﷺ ڪارڻي    ۽ چڱا چارئي يارَ
ڪج مَهر منٺار سان    سائين ڏيهه ڌڻي ڏاتارَ
آهين وڏو آڌار    ڪنڌي ڏينهن قيام جي

منٺار فقير راڄڙ[16]

## وصال:

قطبِ دوران، عارف الوقت عاليجناب حضرت مخدوم امين محمد ثالثؒ جن جو انتقال 26 رمضان 1303ھ[17] بمطابق 29 جون 1886ع تي

[16] رسالو رهنمائي، ڏهر نمبر 2، ص: 48.

[17] گنجنئہ اوليا، ص: 199/ گنجينئہ اسرار سروريہ، ص: 14 (هلندڙ) مولانا دين محمد وفائي، تذڪره مشاهيرِ سنڌ جلد 1، ص: 175 تي ۽ پروفيسر محبوب علي چنا، ڪلياتِ امين جي ص: 40 تي ۽ ڪچڪول ۾ ڏنل حضرت غوث الحق مخدوم نوح





اڳاري جي ڏينهن هالا ۾ ٿيو. ساڳئي ڏينهن سج لٿي کان پوءِ قدر جي رات 27 رمضان 1303ھ/29 جون 1886ع تي ڪين صاحب الفيض والفتوح غوث الحق حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمت جن جي پيرانديءَ کان درگاه شريف جي وڏي قبي ۾ سپردِ خاڪ ڪيو ويو.

ناڪئو نِگَهبَانُ    معلم مُنجي خبرون
جن ساري ڪنيو سمنڊ تي    سفر جو سامان
لُطف ساڻ لطيف چئي    تِن لنگهيو طوفان
سنياري سبحانُ    وِجي عادَنئُون اڪتَا

شاهه عبداللطيفؒ

وڏائون وحدت جا    دل اندر درياهہ
بابو ڪاهين بر ڏي    سامي سنجهہ صباح
وٽي ويراڳين کي    صبر جي صلاح
تن آديسين کي آهہَ    انئي پهر الک جي

مخدوم امين محمد پڪن ڌڻيؒ

قاضي عبدالمعالي، حضرت مخدوم محمد ابراهيم نقشبندي ٺٽوي،[18] مفتي

عليہ الرحمت جي سجّاده نشينن واري فهرست ۾ غلط فهميءَ کان حضرت مخدوم امين محمد ثالث رحمة الله عليه جن جي وصال جي تاريخ 27، رمضان 1303ھ ڄاڻائي آهي ۽ ساڳيءَ طرح پروفيسر محبوب علي چنا صاحب مذڪوره اسلامي تاريخ جي عيسوي تاريخ وري 29 جنوري 1886ع بروز اربع لکي آهي جنهن کي تذهوڪي ۽ بعد جي مؤرخن ۽ محققن پنهنجي تصنيفات ۾ ورجايو آهي جيڪو درست ناهي. حقيقت ۾ حضرت مخدوم امين محمد پڪن ڌڻي رحمة الله عليه جن جو انتقال 26 رمضان 1303ھ تي سج بيٺي ڏينهن ڏني جو ٿيو هئو پر سندن تدفين سج لهڻ بعد ٿي هئي، اسلامي دستور موجب سج لٿي کان بعد تاريخ مٽجيو ٿي وڃي. سيني شعراءَ حضرات پنهنجي شعرن ۾ 27 رمضان 1303ھ چئي آهي جيڪا پڪن وارن صاحب جي وصال جي نه پر سندن تدفين جي تاريخ آهي. گنجينئہ اوليا ۽ گنجينئہ اسرارِ سروريہ ص: 16 تي پڪن وارن صاحبن جي وفات جي تاريخ، وقت ۽ ڏينهن واضح لکيل آهي جيڪو هن طرح آهي: ”وصال حضرت مخدوم امين محمد ثالث رحمة الله عليه 26 رمضان 1303ھ بروز سہ شنبہ وقت يکپاس۔“ اهائي ساڳي تاريخ سندن مزار جي پيرانديءَ کان لڳل تختيءَ تي پڻ درج آهي، تقويم هجري مطابق 26 رمضان 1303ھ، 29 جنوري 1886ع نه پر 29 جون 1886ع ٿئي ٿي ۽ ڊاڪٽر بلوچ ”ڪافيون“ ۾ پڻ اها تاريخ لکي آهي.

[18] حضرت مخدوم ابراهيم نقشبندي (1243_1317ھ/1827_1900ع):
حضرت مخدوم محمد ابراهيم بن مخدوم عبدالڪريم بن مخدوم غلام حيدر بن مخدوم عبدالڪريم بن مخدوم محمد زمان بن مخدوم عنايت الله بن مخدوم امين محمد بن مخدوم ڪرم الله. ماهہ جمادي الاول 1243ھ (نومبر 1827ع) ۾ ڄائو. شاعريءَ ۾ تخلص



Gul Hayat Institute

سعد الله انصاري، ماستر عبدالله ٺٽوي، آخوند الله بخش انصاري ۽ ٻين شاعرن سندن وصال پر ملال تي قطعات ۽ بيت لکيا هئا جن مان ڪجھ هتي ڏجن ٿا.[19]

شهِ ما ز دُنيا چو تشريف برد
خدايش مکاليد جنت سپرد
به هاتف رَسيده ندائی چنيں
شهنشاهِ جنت امين محمد
(1303هه)

مفتي سعد الله انصاري

موچاري مخدوم جو ماڳ ٿيو ملڪوت
آگي آهي عطا ڪيو نرمل ڪي ناسوت
لائق لطف سان لڌو لعل وڃي لاهوت
جاءِ ڪري جبروت واريءَ ۾ ويھي رهيو

آخوند الله بخش انصاري

دلا گريه را دم گير از رگ ابر، کِه اينجا عزائی امين محمد است
بيا موز از رعد يرتقب فرياد که ماتم که اين سالك رشد دين است
درين وقت کنهوئی دين فارغ آمد، باين ترك دنياش صد آفرين است
ز رمضان چوشش بودا فزدن عشرين برحلت غم افزائی روئی زمين است

*حضرت مخدوم ابراهيم نقشبندي*

پھريائين "مسڪين" پوءِ "خليل" هئس. سندس شاعريءَ جو زمانو 1296هه (79_1878ع) هو. حضرت مخدوم صاحب علم عرفان ۾ وڏي عظمت جو مالڪ هو. جوانيءَ جي وقت ۾ صوفيانہ تعليم ۽ تربيت پوري ڪري طريقت جو مرشد ورتائين. حضرت مخدوم صاحب سڄي زندگي نثر نويسي ۽ شعر و شاعريءَ ۾ گذاري، ديندار واهلِ دل بزرگ هو. هن جي تصنيفن مان "تڪملہ مقالات الشعراءِ" مشهور آهي. هن بزرگ 74 سالن جي عمر ۾ سن 1317هه (1900_1899ع) ۾ وفات ڪئي. حضرت مخدوم محمد ابراهيم خليل پنھنجي دور جو عالم ۽ فاضل، قادر الڪلام شاعر ۽ نقاد هو. هيءُ بزرگ حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي ڏهٽاڻ مان آهي، سندس والده ماجده جو نسب نامو هن ريت آهي: بيبي بتول بنت مخدوم عبداللطيف بن مخدوم محمد ابراهيم بن مخدوم عبداللطيف بن مخدوم محمد هاشم ٺٽوي المتوفي 1174هه (61_1760ع). (ڪلياتِ علوي، ص: 101/100. عيسوي سن ۽ تاريخون تقويم هجري، احمد چنڊ، قلمي تان ورتل آهن).

[19] تفصيل لاءِ ڏسو "ڪلياتِ امين".





## سندن فرزندن جو احوال:

### حضرت مخدوم محمد زمان خامس سرڪار رحمة الله عليه

(1278_1331هه/ 1861_1913ع)

حضرت مخدوم محمد زمان "سرڪار" 1 جمادي الاوّل 1278هه مطابق 4 نومبر 1861ع تي هالا نوان ۾ توّلد ٿيا. پکن وارن صاحبن جا وڏا فرزند هئا ۽ سندن وصال بعد 29 رمضان 1303هه مطابق 2 جولائي 1886ع تي چوڏهين سجّاده نشين جي حيثيت ۾ حضرت غوث الحق مخدوم نوحؒ جن جي مسندِ خلافت تي ويٺا. پاڻ بہ شاديون ڪيائون ڪين اولاد ڪونہ ٿيو. سندن انتقال 28 رمضان 1331هه مطابق 31 آگسٽ 1913ع ۾ ٿيو. ڪين سندن وصيّت موجب درگاهہ شريف جي ننڍي قبي ۾ سندن والد صاحب جنجي پيرانديءَ جي سڌائيءَ ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو. هالا جي مشهور شاعر مرحوم اسحاق هالائيءَ سندن وصال جي تاريخ هيئن بيان ڪئي آهي:[20]

آچر ڏينهن عجيب اڳين جو سنبيهو ڏانهن سبحان
ڪامل پير قريشيءَ ميجيو فائق جو فرمان
تيرهن سئو ايڪٽيهہ اندر ٿيو هو تن جو هالان
ساهہ پساهہ ڪريان هوند ڪوڏئون ڪامل تان قربان[21]

### حضرت مخدوم محمّد ظهير الدين سائين رحمة الله عليه

(1280_1345هه/1863_1927ع)

صاحبِ شريعت حضرت مخدوم محمّد ظهير الدينؒ 15 جمادي الاوّل 1280هه مطابق 28 آڪٽوبر 1863ع تي هالا نوان ۾ توّلد ٿيا ۽ پکن ڌڻيؒ جن جا ٻيو نمبر فرزند هئا. حضرت مخدوم محمد زمان سرڪارؒ 1913ع ۾ لاولد انتقال ڪيو سندن جاءِ تي حضرت مخدوم محمّد ظهير الدين پندرهين سجّاده نشين طور مسندِ خلافت تي ويٺا. سندن انتقال 6 رجب المرجب 1345هه مطابق 11 جنوري 1927ع تي هالا نوان ۾ ٿيو ڪين درگاهہ شريف جي وڏي قبي ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

[20] تذڪرهٔ مخدومانِ هالا، ص 128
[21] نوائي فراق، ص112



Gul Hayat Institute

## حضرت پير ميان جان محمد رحمة الله عليه

(1285هه_؟/1868_؟)

حضرت پير ميان جان محمد، پکن وارن صاحبن جا ٽيو نمبر فرزند هئا. سندن ولادت مبارک سن 1285هه[22]/69-1868ع ۾ هالن ۾ ٿي. اندازو آهي تہ پاڻ ڪمسنيءَ ۾ انتقال ڪيائون. ڪين درگاهہ شريف جي حضرت مخدوم نعمت اللهؒ واري چوڪنڊيءَ ۾ سپردِ خاڪ ڪيو ويو. سندن مزار ميان الهچايو عرف مير سائينؒ ولد حضرت مخدوم ظهير الدينؒ جي پير ۾ آهي.

## حضرت پير ميان منن رحمة الله عليه

(1287هه/1870)

سندن ولادت 1287هه[23]/ 1870-1871ع ۾ هالا ۾ ٿي. پاڻ پکن ڏٽيؒ جا چوٿون نمبر فرزند هئا. پکن وارن صاحبن، مٿن پنهنجي والد جناب حضرت مخدوم محمد زمان رابعؒ جي چاچي جو نالو رکيو هئو. پير ميان مننؒ پنهنجي ڀاءُ پير ميان جان محمدؒ وانگر ڪمسنيءَ ۾ هن دورنگي دنيا کي ڇڏي وڃي جنّت الفردوس جا مڪين ٿيا. سندن وفات جي تاريخ هٿ اچي نہ سگهي آهي، ڪين درگاهہ شريف ۾ سيد منگيلتي شاهہ جي پير سان اڀرندي طرف سپردِ خاڪ ڪيو ويو.

## حضرت پير ميان فتح محمد رحمة الله عليه

(1288_1340هه/1872_1922ع)

حضرت غوث الحق مخدوم نوح فقير عليہ الرحمة جن جي خاندان ۾ هن نالي وارا پهريان بزرگ حضرت مخدوم ميان فتح محمد بن حضرت مخدوم امين محمد اول بن حضرت غوث الحق مخدوم نوحؒ پنهنجي وقت جا وڏا عالم ۽ شاعر هئا. سندن تصنيف "رسالو فتحي" حضرت مخدوم نوحؒ ۽ سندن اولاد و اجداد جي تاريخ جو قديم ماخذ آهي.[24]

---

[22] تحفتہ الاوليا قلمي، گنجينئہ اسرارِ سرورية قلمي، گنجينئہ اولياءَ، ص: 252.

[23] تحفتہ الاوليا قلمي/ گنجينئہ اسرا سرورية قلمي/ گنجينئہ اولياءَ، ص: 252.

[24] حضرت مخدوم فتح محمد صدّيقي قريشي رحمة الله عليه :





صاحبِ تذڪره سائين فتح محمد، حضرت مخدوم امين محمد ثالثؒ جن جا پنجون نمبر فرزند دلبند هئا. 8 ذيقعد 1288هه[25] بمطابق 19 جنوري 1872ع تي جمعة المبارڪ جي ڏينهن هالا ۾ تولد ٿيا. پنهنجي والد بزرگوار وانگر نهايت خوش لباس، خوش خصال، باادب ۽ بامروّت انسان هئا. هڪڙي شادي ڪيائون، جيڪا سندن ناناڻن، نورپور وارن پيرن مان ٿي. فتح محمد سائينؒ جن جي رهائش ڪوٽ جي خانگاهہ بنگلي ۾ هوندي هئي.

هڪڙي پيري پنهنجي والد صاحب جي حڪم تي پنهنجي وڏي ڀاءُ حضرت مخدوم ظهير الدين سائينؒ جن سان گڏ مسافريءَ تي اُسريا جتي پکن وارن صاحبنؒ پنهنجن هٿن سان لکيل خط ڏانهن موڪليو هو، اهو خط هاڻي خاندان جي نوادرات ۾ شامل آهي. فتح محمد سائينؒ جن کي اولاد ڪو نہ ٿيو. سندن انتقال (تقريباً) 52 سالن جي عمر ۾ 20 شوال 1340هه[26] بمطابق 17 جون 1922ع تي ڇنڇر جي ڏينهن هالا ۾ ٿيو. سندن وصال وقت، عاليجناب حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائينؒ جن جي عمر اڍائي سال ڪن هئي. حضرت فتح محمد سائينؒ جن کي درگاهہ شريف ۾ حضرت مخدوم نعمت اللهؒ واري چوڪنڊيءَ ۾ سندن ننڍي چاچي حضرت پير ميان پنيلتي "پنيل" صدّيقي قريشيؒ جن جي پرسان اڀرندي پاسي دفنايو ويو.

---

حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه الرحمة جن جي پهرئين سجّاده نشين حضرت مخدوم امين محمد اول جي فرزند حضرت مخدوم فتح محمد جو شمار وقت جي عالمن ۾ ٿئي ٿو پاڻ پنهنجي دور جا بلند پايہ شاعر بہ ٿي گذريا آهن، سندن تخلص "فقير" هو. تحفتہ الاوليا ص: 242 تي سندن نالي جي پويان "شاعر" لکيل آهي. حضرت مخدوم فتح محمد جن جا ننڍا ڀاءُ حضرت مخدوم لطف الله عرف "لاڪو لطف الله" بذات خود وڏي ڪمال جا بزرگ ۽ شاعر هئا، ٻئي صاحبزاده حضرت مخدوم امين محمد اول جي ٻئي حرم مان هئا. حضرت مخدوم لطف الله جو مزار پُر انوار ٺٽي ۾ آهي ۽ سندن پڳ هن وقت پير ميان محمد هاشم صدّيقي قريشي سيري واري تي آهي. (ڏسو مهاڳ) حضرت مخدوم فتح محمد جو "رسالو فتحي"، حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه بابت اولين ۽ مستند ماخذ آهي. حضرت مخدوم فتح محمد "فقير" رحمة الله عليه جي ولادت ۽ وصال جي تاريخن جي في الحال ڪا ڄاڻ ملي نہ سگهي آهي، البتہ سندن يادگار تصنيف "رسالي فتحي" جي تاليف واري سن 1019هه (مطابق 26 مارچ 1610ع کان 15 مارچ 1611ع) مان سندن زماني جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. اللهؒ جي فضل سان حضرت مخدوم فتح محمد رحمة الله عليه جن کي تمام گهڻو اولاد ٿيو جن مان هڪڙا پير صاحبان مڪان شريف هوسڙي تعلقہ حيدر آباد ۾ بہ رهن ٿا.

[25] گنجينئہ اسرارِ سرورية، ص: 3/ گنجينئہ اولياءَ، ص: 252/ ڪلياتِ امين، ص: 25.

[26] گنجينئہ اسرار سرورية، ص: 3.

Gul Hayat Institute

## حضرت پير ميان نبي بخش رحمة الله عليه

(1297_1306ھ/1879_1889ع)

پاڻ حضرت مخدوم امين محمد ثالثؒ جن جا سيني ۾ ننڍيا فرزند ۽ آخري اولاد هئا. سندن ولادت 1297ھ[27]/80-1879ع ۾ هالا ۾ ٿي. ميان نبي بخش سائين جا ناناڻا ذات جا شورائي هئا. سندن ولادت کان پوءِ جلد ئي پکن وارا صاحب فقيري اختيار ڪري راهونڊ تي رهڻ لڳا. ميان نبي بخش جي حياتيءَ جو وڌيڪ احوال ملڻ جي توقع آهي. پاڻ ڏهن سالن جي عمر ۾ پکن ڏٽيؒ کان ٻه سال ڪن پوءِ سن 1306ھ[28] مطابق 89-1888ع ۾ انتقال ڪيائون، ان وقت سندن وڏا ڀاءُ حضرت مخدوم محمد زمان سرڪارؒ سجّاده نشين هئا ۽ حضرت مخدوم غلام محمد عرف گل سائينؒ پڻ ڄاول هئا.[29] حضرت پير ميان نبي بخش سائينؒ جن کي درگاهه شريف ۾ حضرت مخدوم نعمت الله واري چوڪنڊيءَ ۾ سپردِ خاڪ ڪيو ويو.

## پکن ڏٽي سائين رحمة الله عليه جن جي شاعري:

حضرت مخدوم امين محمد ثالث پکن ڏٽيؒ پنهنجي دور جا مقبول ترين ۽ پختہ گو شاعر هئا. سندن وڻندڙ ۽ پرسوز ڪلام همعصرن ۾ بہ اوترو ئي مقبول هو جيترو هن وقت پسند ڪيو ٿو وڃي، بالخصوص سندن هي ڪافي "سڄڻن جا ساريو سانگ" اڄ بہ وڏي شوق ۽ چاهت سان ٻڌي ويندي آهي. پکن وارن صاحبن جو ڪلام فصاحت ۽ سلاست جو اعليٰ نمونو آهي، جنهن ۾ جماليات، عشق مجازي، نعتيہ رنگ جابجاءِ نظر اچي ٿو، ان کان علاوه پاڻ واقعات ۽ محاورن کي پڻ انتهائي خوبصورت پيرائي ۾ استعمال ڪيو اٿن، سندن هيءُ قطعو ان جو هڪڙو مثال آهي:

آتشِ عشق تو در سينئه من "بني" شد
هرکه شيرين جهان بود همه "کٽي" شد

27 گنجينئہ اوليا، ص: 252.
28 گنجينئہ اسرار سروريہ، قلمي.
29 ڏسو حصّو "حضرت مخدوم غلام محمد رحمت الله عليه" تذڪرۀ مخدومانِ هالا.





جان و دل دادم و باقي چه دگر مى طلبى
دلبرا: راست بگو عشق نه شد "چٽي" شد.

راقم الحروف پنهنجي استاد عاليجناب حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائينؒ جن جي اجازت سان حضرت پکن ڏٽيؒ جن جي مٿئين قطعي جو سنڌي ۾ منظوم ترجمو ڪيو جيڪو هي آهي:

عشق جي باهہ ٻَري سيني اندر بني ٿي،
جا بہ دنيا جي مٺي شي آهي سا ڪٽي ٿي،
جان و دل ڏيئي ڇڏيم باقي مون کان ڇا ٿو گهرين،
اي پرين! سچ ٿو چوان عشق نہ ٿيو چٽي ٿي.

"امين محمد سائين جو ڪلام بيان ۽ انداز جي لحاظ کان سنڌي ٻوليءَ لاءِ سونهن آهي، اهڙو پاڪيزه ۽ شيرين ڪلام سنڌي ٻوليءَ لاءِ ايئن آهي جيئن خواجہ فريد[30] جو ڪلام سرائڪي ٻوليءَ ۾ آهي. اهو ئي سبب آهي جو حضرت امين محمد سائين[31] جي ڪلام جو تتبع ڪرڻ سندن معاصرين لاءِ فخر جو باعث رهيو.

حضرت امين محمد پکن ڏٽيؒ جن جي باقي ڪلام وانگر سندن هي ڪافي "بانگِ الست ربي چئي عشق جن تي آيو"، ڏاڍي مشهور ۽ مقبول ٿي. درگاهه شريف راڻيپور جي سجّاده نشين پير سيد صالح شاهہ جيلاني (1870-1943ع)[32]

30 خواجہ غلام فريد (1845_1901ع):
حضرت خواجہ صاحب 26 ذوالحج 1261ھ/26 ڊسمبر 1845ع تي چاچڙان شريف ۾ ڄائو پکن وارن صاحبن کان پنج سال کن ننڍو ۽ سندن همعصر صوفي شاعر هو. خواجہ غلام فريد رحمة الله عليه جو ڪلام پنجاب جيترو ئي سنڌ ۾ بہ مقبول آهي. سندس سلسلہ نسب خليفہ دوئم حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جن سان ملي ٿو پر هڪڙي هنڌ (شايد غلط فهميءَ کان) سندس شجرو حضرت ابوبڪر صدّيق رضي الله عنه جن سان جوڙيو ويو آهي جيڪو هن طرح آهي: "غلام فريد بن خواجہ خدا بخش بن خواجہ احمد علي بن غوث الغيوث حضرت خواجہ عاقل محمد بن حضرت خواجہ محمد شريف بن حضرت مخدوم محمد يعقوب بن حضرت مخدوم نور محمد بن حضرت مخدوم زڪريا قوم قريشي از اولاد سيد الکل بعد الانبيا حضرت ابابڪرِن صدّيق رضي الله عنه" وڌيڪ ڏسو: ملتان کے ادبی و تہذیبی زندگی میں صوفیا کرام کا حصہ.
31 پروفيسر محبوب علي چنا، ڪليات امين، ص: 14.
32 ڏسو ضميمو 4.

انهيءَ ڪافي جي تتبع تي ڪافي لکي ۽ خط جي ذريعي مرزا قليچ بيگ (1853-1929ع)[33] ڏانهن ڏياري موڪلي ۽ ڪيس دعوت ڏنائين ته پاڻ به ان تي ڪافي لکي. مرزا قليچ بيگ ان ڪافيءَ جي تتبع تي پنهنجو ڪلام ٺاهي پير سيد صالح شاهه "صالح" ڏانهن سندس خط جي پٺ تي لکي موڪليو هو. مذڪوره ٻئي يادگار خطَ، طالب المولىٰ لائبرري ۾ موجود آهن ۽ مون پڻ ڏٺا آهن.

سندن ڪلام فرحت انجام هڪ معنىٰ خيز اٿاهه ساگر سمان آهي. جنهن مان سيڪڙن ڪي ورهه جا وينڊيل موتي ملن ٿا. سندن شاعريءَ ۾ بيت، ڏوهيڙا، ڪافيون، مولود، حمد، مرثيه، لوليون ۽ سي حرفيون اچي وڃن ٿا. عروضي شاعري جي دائري ۾ به قدم رکيو اٿن. سندن مولود حبِ رسول ﷺ سان ٽمٽار آهن. جن مان هيءُ نتيجو آسانيءَ سان ڪڍي سگهجي ٿو ته پاڻ فنا في الرسول ﷺ هئا.[34]

پڪن وارا صاحب عالم ۽ شاعر هئڻ سان گڏ وڏا علم پرور ۽ سخن شناس پڻ هئا، ان جو مثال سندن حلقئہ احباب ۾ شامل، بزرگن، عالمن، اديبن ۽ شاعرن مان ملي ٿو، جن ۾ سيد حيدر شاهه "حيدر" اجناڻي[35]، سيد فاضل شاهه "فاضل" حيدرآبادي[36]، سيد فتح محمد شاهه اجنائي[37]، قاضي يار محمد هالن پراڻن وارو[38]، خواجہ عبدالرحمان نقشبندي، مانجهوءَ وارو سيٺ وشنداس، مفتي سعد الله انصاري،[39] حافظ الله بخش انصاري[40]، حافظ آخوند عبدالغني

---

[33] ڏسو ضميمو 5.

[34] پروفيسر محبوب علي چنا، ماهوار فردوس، مخدوم نوح نمبر، ص: 30_31.

[35] ڏسو ضميمو 3.

[36] ڏسو حوالو 244، ص: 120.

[37] ڏسو ضميمو 20.

[38] ڏسو ضميمو 6.

[39] مفتي سعد الله انصاري ( 1870_1943ع):
مفتي صاحب جي ولادت 18 ذيقعد 1286هہ (تذڪره مشاهير سنڌ، ص: 20) مطابق 20 فيبروري 1870ع تي ٿي. پاڻ هڪ وڏو عالم، فاضل ۽ ديندار شخص هو. اسلامي تعليم و تدريس کان سواءِ حڪمت به ڄاڻندو هو ۽ سٺو شاعر به هو. سندس تخلص "رياض" هو. مفتي سعد الله انصاري جي تصنيفات ۾ توبِ محمّدي ﷺ ۽ گلشن رياضي قابل ذڪر آهن، حضرت مخدوم مولوي غلام حيدر رحمة الله عليه جن جي خواهش تي سندن تصنيف "سفينتہ النوح" جو فارسيءَ مان سنڌيءَ ۾ نهايت اعلىٰ نموني جو ترجمو ڪيائين جيڪو هن وقت طالب المولىٰ لائبرري ۾ "سڪينتہ الروح في تذڪرة حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه" جي نالي سان موجود آهي. مفتي صاحب ڪي هڪ ئي وقت چار حرم هوندا هئا، پاڻ ڪُل 18 شاديون ڪيائين جن مان صرف ٻن گهرن مان اولاد ٿيس، پنڻاڻن





۽ آخوند عبدالمنعم وغيره شامل هئا. سيٺ وشنداس مانجهوءَ وارو[41] ۽ آخوند عبدالغني[42] سندن مير منشي ۽ ڪارخاني جا منتظم به ٿي رهيا هئا. سندن مريدن ۽ معتقدن ۾ ڪئين الله وارا ۽ شاعر اديب ٿي گذريا آهن. جن ۾ سيلو فقير سيلاني[43]، منٺار فقير راڄڙ[44]، فقير پريل نوشهرائي[45]، فقير علي بخش پٽو[46] فقير حاجي محمد پريل مگسي[47] ۽ قاضي عبدالله پورگر هالائي[48] وغيره شامل هئا.

---

منجهان ڪيل شادي مان ٽي فرزند تولد ٿيس جيڪي سندس حياتيءَ ۾ گذاري ويا. بروهين مان هڪڙي شادي ڪئي هئائين جنهن مان هڪڙي نياڻي ۽ به فرزند ٿيس ۽ سندس سلسلو اڳتي وڌيو. سندس انهن ٻنهي فرزندن جا نالا هي آهن: محمد عبدالله ۽ محمد جمال الدين، مفتي صاحب، حضرت مخدوم امين محمد ثالث رحمة الله عليه جن جي حلقئہ احباب ۾ شامل هو، ساڻن بيحد قرب ۽ محبّت هوندي هيس، سندن وفات 1886ع بعد هالن مان لڏي وڃي ڪراچيءَ ۾ ساڪن ٿيو. جتي مولانا محمد صادق کڏي واري (ولادت: 15_ مارچ 1874/وصال: 18_ جون 1953ع) سان گڏ کڏهہ مدرسي جي شاگردن کي تعليم ڏيندو هو. مفتي صاحب بعد ۾ خيرپور ميرس ۾ مفتي مقرر ٿيو ۽ خدمات انجام ڏيڻ بعد پينشن تي لٿو، سندس انتقال جنوري 1943ع تي خيرپور ۾ ٿيو. سندس مزار پير رامپور جي درگاهہ، واقع سائده ڳوٺ خيرپور شهر ۾ آهي.

[40] ڏسو ضميمو 7.

[41] ڏسو ضميمو 8.

[42] **آخوند حافظ حاجي عبدالغني** (1840_1934ع):
سندس ولادت 1256هہ/1840ع تي ٿي، پاڻ حضرت مخدوم امين محمد ثالث رحمة الله عليه جن جو همعمر ۽ همعصر هو. آخوند صاحب جي تعليم ۽ تربيت سندس والد آخوند حافظ ٻاجهوءَ ڪئي، آخوند صاحب هڪڙي شادي ڪئي. سندس ٻه پائر، آخوند حافظ عبدالله شادي شده ۽ آخوند حاجي عبدالمنعم غير شادي شده هئا. آخوند صاحب، پڪن وارن صاحبن وٽ مير منشي ٿي رهيو ۽ بورچيخاني جو انتظام به سنڀاليندو هو پڪن وارا صاحب جيترو وقت راهوندا تي رهيا، آخوند صاحب کي پاڻ سان گڏ رکيائون، پڪن وارن صاحبن کان پوءِ آخوند صاحب، حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار جن جي خدمت ۾ رهيو. ڪيس پڇاڙڪن سالن ۾ گوڏن ۾ تڪليف رهڻ لڳي جنهن ڪري هڪڙي هنڌ ويهي رهيو هو، سندس انتقال تمام وڏي عمر ۾ 14_ ذوالحج 1352هہ بمطابق 31_ مارچ 1934ع تي بروز ڇنڇر هالا ۾ ٿيو. سندس مزار "حضرت مخدوم ميان نوندي" جي مقام ۾ آهي.

[43] ڏسو ضميمو 9.

[44] ڏسو ضميمو 10.

[45] ڏسو ضميمو 11.

[46] ڏسو ضميمو 12.

[47] ڏسو ضميمو 13.

[48] ڏسو ضميمو 14.



Gul Hayat Institute

جهڙيءَ طرح حافظ شيرازيؒ ڪي رڪناباد جا ڪنارا ۽ نظارا دلپسند هئا تهڙي طرح سائين امين محمد جن راهوندڀ جي رغبت جو بيان ڪيترن ئي هنڌ ڪيو آهي ۽ اڳتي هلي کهڙي نہ اعليٰ پايہ جي خوبي سان رسول اڪرم ﷺ جن جي بعثت، دين اسلام جي دعوت ۽ بعدازان هجرت جي اسرار ۽ حقيقت کي عيان ڪيو اٿن.[49]

آديسي ارداس ۾ آچر ڏينهن آهين
سامي سگريون سور جون سهسين سيبائين
اوري ٿي اثبات کي "لا" لاهوتي لاهين
"من عرف نفسه فقد عرف ربه" ٿاهہ اهو ٿاهين
رمزون ريجهہ رهاڻ جون راهوندڀي راهين
واري ۾ واهين فاضل بحر فنا جو

سيد فاضل شاهہ "فاضل"[50]

پکن وارا صاحب پاڻ وٽ هر وقت ڪاغذ ۽ قلم گڏ رکندا هئا. سمهڻ مهل بہ ڪجهہ ڪاغذ ۽ قلم پنهنجي ساڄي پاسي ڪان رکي ڇڏيندا هئا ۽ عموماً لکندا رهندا هئا.[51] سندن ڪلام ۾ نهٺائي ۽ نماڻائي، عجزونياز، سوزو گداز، سڪ ۽ اوسيئڙي جا جلوه جابجا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هتي سندن ڪلام مان انتخاب ڏجي ٿو:

## حضرت پکن وارن صاحبن رحمة الله عليه جو ڪلام:

### مولود شريف (ڀاڳ)

مرحبا يا مصطفيٰ ﷺ سردار سرور مرحبا،
مرحبا شاهہ رُسُل ﷺ يا مير مدني مرحبا.

مرحبا معراج ۾ آن کي چيو خلقِ خدا،
يا شفيع المذنبين آءُ عاصين احمد اجها.

---

[49] قاضي عبدالحي سليم هالائي، تذڪره شعراءَ هالا، ص: 716.
[50] ڪلياتِ امين، ڇاپو پهريون، ص: 53.
[51] حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائينؒ (راوي).





مرحبا ملڪوت چيو اُن تي سدا اي سيدا،
اي "يُرِيدّ الله اطهر" توتي صلواة و ثنا.

شرف تنهنجي شان ۾ "يٰس"، "طٰهٰ" هل "اَتيٰ"،
وصفِ تو "والليل" وارن "وجهڪ" تنهنجو "والضحيٰ".

خَلَقتُ الجَنّات تَجْرِي تَحْتِها الأنُهارُها،
"يُرْزَقُونَ فَرِحِينَ" فائق تو هتان سڀ توهہ ٿيا.

حاجَتِ الذّراتُ وجدا عند في اَسلوبهَا،
يا محمد مصطفيٰ ﷺ وانت شافِعُ واَلشفّا.

### ڪافي (توڙي-گنذاري)

دلبر دل کي دام وڌا،
ڪيئن "لاعَبدي" چئي لاهيان لاهيَان.

ادنيٰ ڪان منجهہ عبدي آيا،
وحدت جا تن ورق ورايا،
قرب قَرابت رمز ريجهايا،
پير پرت ڏي پايان پايان.

جان جگر ڪري پارا پارا،
نايا نينهن اندر منجهہ نارا نارا،
وِرهہ اچي ڪيا وارا وارا،
ڳالهہ تنهين جي ٿو ڳايان ڳايان.

باغ برهہ جي ڪيون گلزاريون،
تن طلب ۾ تارون تارون.
چا بتخانا مسجد واريون،
چا ڪعبي ڏي مان ڪاهيان ڪاهيان.

"امين محمد" عشق جون ڳالهيون،
هون هميشہ جي هم حاليون،
ڏسيَ پرت وارن جون چو ڪيون چاليون،
آءٌ تہ عجب ۾ آهيان آهيان.

# كلامِ امين





## سنڌي ۽ سرائڪي

Gul Hayat Institute

# سنڌي ڪلام





## مولود شريف

## ڪافيون

## وايون

## بيتَ

## متفرقات



Gul Hayat Institute

# مولود شریف







Gul Hayat Institute

## مولود شريف

مرحبا يا مصطفيٰ ﷺ سردار سرور مرحبا،
مرحبا شاهِ رُسُل يا ميرمدني مرحبا.

مرحبا معراج ۾ آن کي چيو خلقِ خدا،
يا شفيع المذنبين آءُ عاصين احمد اجها.

مرحبا ملڪوت چيو آنَ تي سدا اي سَيّدا،
اي ”يُرِيدُاللهِ اطهر“ توتي صلواة و ثنا.

شرف تنهنجي شان ۾ ياسين، طٰهٰ هَلۡ اَتيٰ،
وصفِ تو ”وَاللَّيلِ“ وارن ”وَجهکَ“ تنهنجو ”وَالضُّحيٰ“.

خَلَقۡتُ الَجنّاتَ تَجۡرِيۡ تَحۡتَهَا الاَنۡهارُها،
”يُرۡزَقُونَ فَرِحِينَ“ فائق تو هتان سڀ توهه ٿيا.

حَاجَتِ الذّراتُ وَجداً عِندَفِي اُسلوبِهَا،
يا محمّد مصطفيٰ ﷺ واَنت شافعُ وَالشّفا.

(ڀاڳ)





محمّد مصطفيٰ ﷺ ڪرماڙميان، دلگيرن جا دلدارميان.

اوّل صدق صدّيق جو، ياور سندءِ هو يارميان،
عمر عادل دين جو، اڙين سندو آڌار ميان.

عثمان اڪمل آءُ چوان، ۽ حيدرِ ڪرّار ميان،
ڪنبائي ڪفران کي ڏڙ ڪان سِسيون ڪيئين ڌار ميان.

ٻيا مڙئي ڀهڳڻ هئا، اصحاب ۽ انصار ميان،
سر سدا صدقو ڪري، گهورون ڪيئون گهر ٻار ميان.

عرض منهنجو احمدا دائم سندءِ دربار ميان،
ڇڏايوم ڇِيَن ڪان ڪم چڱا مون ڪار ميان.

هوس هميشه حرجَ ۽ بديءَ جي بازار ميان،
وسيلا مون وٽج ڪيا سڀ لااَبُد لاچار ميان.

آهي اميد ”امين“ جي مدد ٿي هرڪار ميان،
توهه تنهنجي تي تڳان دلبر اتم درڪار ميان.

(ڀاڳ)

ريءَ جانب جيئڙوجلي، ساهہ سِڪي ٿو سيّدؐا!
منزل رسائج مدّعا، هي تنهنجو توهي سيئن.

واري وصل وصال جو، ڪو حيلو ڪريان هيئن،
ڪاف ڪشالا ڪيترا، ريءَ لطف لڳهنديس ڪيئن.

عشق احمدؐ چام جي، ننگ نهوڙيس نينهن،
وسن شال وجود تي، من ميڙائي جا مينهن.

ورج وسيلا واهرو، هيڪڙائيءَ ۾ هيئن،
دور دلين جا وريا، رڳي چوڏس شرطن سيئن.

وڏايون ٻہ ونڊر ۾، منجهہ جفعل جوڙي جيئن،
”امين“ اوهان جي آسري، ويٺو ڏکيا ڳهاري ڏينهن.

(ٻهاڳ)





Gul Hayat Institute

# کافیون







Gul Hayat Institute

## ڪافي_1 (آسا)

### راهوندي رهاڻ

ماندو مون مهمان، ڪالهہ هئا جي ڪاپڙي.
سنگ ساميڙن جا، هالين پجهن هاڻ.
ساري منهنجو جندڙو، راهوندي رهاڻ.
بسم بيراڳين جا، سانديا مون سيني ساڻ،
مادر منهنجي من ڪي، لاهوتين جي لاڻ
”امين“ آندا عشق جا، اُتانهين اهڃاڻ.*

* هيءَ ڪافي ريڊيو پاڪستان جي ڪئٽلاگ ۾ ص:500 تي آهي، جنهن کي عابده پروين ڳايو آهي. رساله سرورية، ص: 28.





## ڪافي – 2 (ڪلنگڙو)

### ساهڙ جي سڪ

سڪ ساهڙ جي سِڏاري، وڏي سيني عشق اُپاري.
سرُڪي پيتائون سور جي،
تنهن ڳاراٽي ٿي ڳاري، ڪيائون پرت پناري.
ڪچي پڪي جي وِٿي ڪانہ ڪيائون،
برهہ لڳس باري، تنهن تاٽي آندي تاري.
ڪچن ڪاهَنِ ۾ لسن ليٽن تي،
ڪُن ڏسي ڪپر ڪاري، سڏ ساهڙ ڪيو پڪاري.
جڏهن آيس جان ڪڍڻ جي،
توريءَ ڪين تاري، ٻڏي ٻاجهارو ٻاڪاري.
عشق جون آهن ڳوريون ڳالهيون.
”امين محمد“ سڏ ساري، ڪري جي پنهنجي سي پاري.

## كافي – 3 (پيروي)

### نيڻن جو جادو

تنهنجي نيڻن جادو لايو يار، رمزن رمزون رليون، يار،

اکيون تنهنجيون ڪجليون ڪاريون،
ڏاڍي ڪاڻ دلبر ڏاريون،
هو گهر اجاڙن ڳليون، يار.

دليون دلبر ڪارڻ سَڏايون،
وِڙڻ ويئون وري نہ آيون،
او گهٽ نهارن گهٽيون، يار.

اکيون آيون اکڙين آري،
وارن وَرَ وَرَ وڏڙا واري،
هو جت پڳيون تت جهليون، يار.

جانب جنگي جادو لايو،
سِرَ ڏيڻ جو تن ڪيو سعيو،
هر دم حاضر هليون، يار.

”امين محمّد“ اکڙيون اڙيون،
زلف زنجير قلابين ڪڙيون،
وَه ڪين ڇٽن سي جهليون، يار!





## كافي ـ4 (پيروي)

### پريم پٽر ۾ ناهي ناهي

جي ميخاني ملندو مولا، بتخاني ۾ چاهي چاهي!

هنودي بتخاني آيا،
ترڪن طعنا تن تي لايا،
پريم پٽر ۾ ناهي ناهي.

بيک برهمڻ دل ۾ دورا،
وانسگ واهگروءَجا تورا،
دال چَپاتي چاهي چاهي.

منهن ۾ ملياٽي چوَٽ سان چوري،
اهڙي پيت چڏي ڏي پوري،
رمز رکيو دل راهي راهي.

ميخاني جا چون مَوالي،
خيال خوديءَ هٿ پيالا خالي،
وات وڄائن واهي واهي.

سنگ سنياسي پنن واجاٽيون،
ڳولن راجا ۽ پيون راٽيون،
ٿاه نڳيءَ جا ٿاهي ٿاهي.

”امين محمّد“ آهي انهن جو،
منءِ ماري جن ساجن سمجهيو،
الک انهن سان آهي آهي.



Gul Hayat Institute

## ڪافي – 5 (پيروي)

### وصال جي اميد

جانب جدائي لاهي، ڪر مون اچي ملڻ جي.
ساجن اوهان ڪي ساريان نت واتڙيون نهاريان،
ڏينهنڙا گهنگهر گذاريان، اچي واهه ڪر وِلهين جي،
اڪڙيون ڏسي غزالان شرمندگي سين تالان
پائي ڪبڪ زوالان ڏسي ٽور هي ٽلڻ جي

[اٽپوري]





## ڪافي –6 (پيروي)

### پنهنجو پاڻ سڃاڻ

هن تہ حياتيءَ ساڻ، مر تہ مري مزا ماڻئين.

”موتُوا قَبلَ المَوتِ“ جا، اهي آندائون اهڃاڻ.
صورت ۾ سلطان جي، پئي پچائج پاڻ.
هن حياتيءَ جي حال ۾، تون پنهنجو پاڻ سڃاڻ.
سانگ اٿيئي ساعت جو، ويهي ڪرمَ وٿاڻ.
ترج تار طلب ۾، نينهن اٿيئي نياڻ.
”امين محمّد“ عشق جا ڏاهن ورتا ڏاڻ.*

* ڪئٽلاگ، ص: 340، رسالہ سروريہ، ص:13.

## ڪافي –7 (توڙي-گنڌاري)

### دلبر جو دام

دلبر دل کي دام وڌا،
ڪيئن ”لاعَبدي“ چئي لاهيان لاهيان.

ادنيٰ ڪان منجهه عبدي آيا،
وحدت جا تن ورق ورايا،
قرب قَرابت رمز ريجهايا،
پير پرت ڏي پايان پايان.

جان جگر ڪري پارا پارا،
نايا نينهن اندر منجهه نارا،
وِرهه اچي ڪيا وارا وارا،
ڳالهه تنهنين جي ٿو ڳايان ڳايان،

باغ برهه جي ڪيون گلزاريون،
تن طلب ۾ تارون تارون،
ڇا بتخانا مسجد واريون،
ڇا ڪعبي ڏي مان ڪاهيان ڪاهيان،

”امين محمّد“ عشق جون ڳالهيون،
هونِ هميشه جي هم حاليون،
ڏسي پرت وارن جون چو ڪيون چاليون،
آءٌ ته عجب ۾ آهيان آهيان.





## ڪافي –8 (تلنگ)

### عشق و عقل

عشق آندا سامان سينگاري، جلد بهادر جَنگي، يارو!
عقل هليو اسباب اٿاري، مرد مبارڪ نَنگي، يارو!

عشق آٽي ڪيا دل ۾ ٿاٽا،
تسبيح تقويٰ اٿي اُڏاٽا،
مور چڏي ويا ماٽا ٿاٽا،
راز ڏسي سڀ رنگي، يارو!

ڪريا ڪوٽ مغز جا محلا،
ڏٻيا دور دلين جا دهلا،
پيش اچي پيا ورنه وِهلا،
سينا جن جا سَنگي، يارو!

عشق عقل جا ٿو ڪلس ڪنبائي،
آڙ عشق سان ڪنهن جي ناهي،
سيڪو ٿو پنهنجو پاڻ ڇپائي،
توڙي رومي زَنگي، يارو!

عشق عقل جا ٿو شهر اجاڙي،
باهه برهه جي سڀ گهر ساڙي،
آٽي آتش اوڙي پاڙي،
جيئن سو پُور پَشنگي، يارو!

” امين محمّد“ عشق جا آيا،
سڀ سپاهي سرس سوايا،
جنهن منهن چڙهيا سي گهٽ گهايا،
روسي رخت فَرنگي يارو!

## ٭ڪافي –9 (تلنگ)

### بانگ الستي جو اظهار

بانگ اَلستُ رَبّي، چئي عشق جن تي آيو،
ميدانِ معرفت ۾ ڪونتل تنين ڪڏايو.

ڏسي عشق جا اشارا، وِهندا سي ڪيئن ويچارا،
نيٽين وهائي نارا، هَيءِ هَيءِ جو هُل مچايو.
آڙاهه ڪؤن اپائي، رائي ڪنهين تہ رائي،
پٽ پيءُ هٿان کُهائي، بَطحيٰ ۾ گهر بنايو.
ڪٿ مصر ماهہ ڪنعان، لائي پرت پوءِ ٿيو پنهان،
رکي بار برهہ بہَ نهان، مالڪ ٿي مُلهہ چڪايو،
جفعل ۾ جوڙي جاني، ڪيائين ڪل تي ڪامراني،
لَارَيُبَ ”لَن تَرانِي“ ”اَرِنِيۡ“ ٿي ڪنهن آلايو.
ڪربل ۾ خيمون ڪوڙي، ڪنڌ ڪات ڪان نہ موڙي،
تيغ و تبر سان توڙي، سر بر سِنَان سهايو
هر هڪ جي جاءِ ناهي، هٿ ڪير سينو ساهي،
ڪيئي فَرّخياب ٿاهي، ڪاپار ڪَرتَ لايو.
”قالُوا بلَىٰ“ ڪهاڻي، ثابت صحيح سڃاڻي،
ان وقت ڪي جي ڄاڻي، تنهنجي روح کهڙو رايو.
لاشڪ لباس لائي، ڪثرت ۾ پير پائي،
احمدﷺ اچي سڏائي، محمد امين ٿي آيو.

---

٭ هيءَ ڪافي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ڪئٽلاگ ۾ ص:745 تي آهي، حسين بخش خادم جي آواز ۾، رسالہ سروريہ، ص: 127.





## ڪافي –10 (تلنگ)

### سرڪ ساقيءَ جو اثر

سرڪ ساقي ڪان چکَڻُ، تنهنجو دائما ديدار ٿيو،
روز رمزن ۾ رچڻ، تنهنجو مرتضيٰ مهندار ٿيو.

صاف سرّيءَ جا اشارا، راز سمجهڻ رمز وارا،
تن تَجَلّيءَ ۾ تِچَڻُ، تن جو وحدتي واپار ٿيو.

پاڻ ڪي پر ۾ پچائج، پير پوئتي ڪيم پائج،
مچ ڏسي موٽي اچڻ، تَنهنجو عاشقن ڪي عار ٿيو،

پرت ڪان پاسي جي ٿيندين، پوءِ جانب ري نہ جيئندين،
دام ڪان دل ڪي لچڻ، تنهن جو لامرگ لاچار ٿيو،

نانگ آفت عشق آهي، خبر ري ڪاڇڻ ٻي ناهي،
پار تنهنجا چا پڇڻ، تنهنجو خود زلف خمدار ٿيو.

سوز سانگو سر جو لاهي، وچ پرينءَ جي پار ڪاهي،
اُت ”امين“ توکي اچڻ، محمّدﷺ مهند مهندار ٿيو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي –11 (تلنگ)

### آءُ مهل هيءَ ملڻ جي

جانب جدائي ڇاهي، آءُ مهل هي ملڻ جي.

اميد اوهان جي آهيان، سا لوڏ ڪيئن لڪايان،
سهڻا سچي سخن جي.

اکڙيون اوهان کي سارن، نت واٽڙيون نهارن،
ڪر واهه ڪا ولهين جي.

منجهه باغ گل بهاريا، ساجن اڇي سينگاريا،
رک خوءِ خوش گلن جي.





## ڪافي –12 (ڪاريهل)

### ناڻُ وڇوڙي جي ويل

ناڻُ وڇوڙي جي ويل، ڪيچي مون سان ڦهر ڪري ويا.
آيل اوٺيئڙن سان، هئا هيڪاندي ٻيل
سج سپيرين ري، اُلهي ڪئي ٻ اويل.
هلڻ خاطر هوت جي، دل ڪي ڪَيَڙَم ڏيل
پيرين پاهڻ پپ جا، رائو پاڻيان ريل
”امين“ اندر ويا هٽي، سيني اندر سيل

## ڪافي –13 (ڪاريهل)

### عشق جو اوڇڻ

روئندي راتو ڏينهن، ويئي وهامي راتڙي.
آيل آريءَ ڄام جي، ڪئي نماڻي نينهن.
ويلو ڪر نہ وچ ۾، ويندي سيڻن سيئن.
آيل آرامي ٿيان، ڪوهياري ري ڪينئن،
”امين“ اوڇڻ عشق جو، جوڙي پاتائين جينئن.





## ڪافي –14 (ڪاريهل)

### سرور جا ساٿي

سرور جا ساٿياءِ، جي پيئندا پُرُ ٿيندا،
نرمل جي نُورا.
سختي ڪا سڪرات جي، پنهنجي هاديءَ جي بہ هٿاءِ،
طالب تان نہ ڏسندا، نرمل...
هوندا هٿ ڪريم جا، تن محبن جي تہ مٿاءِ!
جي سر گهوريو گهوري ڏيندا، نرمل...
ايندي پانڌي پير ڏانهن، ڪندا ڪانہ ڪٿاءِ،
تن جا پورهيا پلئہ پوندا، نرمل...
ڪڏهن هوندا ڪينڪي، ميرا تن مٿاءِ،
جي در هو ”الاّاللهُ“ جي ايندا، نرمل...
”امين محمّد“ ان جا هردم، سينان صاف سچاءِ،
جي ”هو هو“ ۾ حاضر هوندا، نرمل...



Gul Hayat Institute

## ڪافي –15 (جوڳ)

### عشق جي حصلات جي واٽ

اها بيرنگي بازار ٿئي، هن عشق جي اصلات جي،
هاڻي مرد ٿي محلات پيچ، تان واٽ ٿيئي وصلات جي.

هاڻي پير چايو ٿو پڏين،
سڏ ڪيو مريدن ڪي سڏين،
اهڙي اندر چو ٿو آڏين،
ماڙي مڪر مصلات جي.
رڪ گوءِ تان ميدان مچي،
سودو سراسر ڪر اچي،
سر سٽ تہ ڪين باقي بچي،
نَس نينهن جي نسلات جي،
هاڻي برهہ ڪان بيزار ٿي،
پنهنجي حرص تي هسوار ٿي،
”اَنَامِنَ النّاَسِ“ ۾ نروار ٿي،
توڪي آهي ڪر فڪر فصلات جي.
”اَرِنِي“ ڪان منهن موڙج مڪين،
تان ڪين مان تون ڪجهہ تہ ٿين،
سڻ ڳالهہ منهنجي باليقين،
هيءَ رمز ٿئي رسلات جي.
اي دل ”امين محمّد“ ملين،
هر دوجهان خوش ٿي ڪلين،
سِرُ پير ڪيو پِرَ ڏين پلين،
پوءِ هام ٿئي حصلات جي.





## ڪافي –16 (جوڳ)

### پياري جو ساٿي

رائي منجهہ رهاڻ،
ڪيچي ويا منهنجي ڪاڻ ڪري.

پياري جو پنڌ ۾، ساٿي گهُرجي ساڻ،
پريم آءُ تون پير پري.

ڪوهياري لئي ڪيچ ڏي، هلي وينداسين هاڻ.
ويچاري سا ڪيئن وري.

هن سورن جي سسئي، ٿي ڪٿياڻي ڪاڻ،
ڏونگر منجهہ سا ڪيئن ڏري.

توڏا وچن ٿا تڪڙا، جتن تاڻو تاڻ.
هلان آءٌ ڪيئن هري.

”امين“ آڏيون لڪيون، آرياڻي تون آڻ،
توڪان منهنجي سپ سري.



Gul Hayat Institute

## ڪافي –17 (جوڳ)

### اصل آريائيءَ جي آه زورآور ذات

رائي رهي رات، واٽ ونڊر جي وٺي ويا.

اصل آرياڻيءَ جي، آهي زورآور ذات.
ويا سُٽائي سُپرين، بِرهن واري بات.
راتيان ڏينهان روح ۾، مون ڪي تن جي تات.
ميلاپي جي مونکي، ڏير ڏيارن ڏات.
”امين محمّد“ اُن لاءِ، هَيءِ هَيءِ ڪئي هيهات.





## ڪافي –18 (جوڳ)

### مارئيءَ جي اُميد

نيٺ اچي نيندا، مون ڪي شل ماڳ مارن جي.
”يَــرِزُق“ ڏس سومرا،
سونگو ڏؤنرن جا ڏيندا.
”لاتَخفوُا“ هل ملڪ مارن جي،
چست اچي چيندا.
”مَحَبُوسُ مَن يّشاءُ“ چئي،
مون کي واهه وٺي ويندا.
”کُلُواوَاشرَبُوا“ پلر جو پاٽي،
کٽي اسان ڏي ايندا.
”اَحَداً رَايَتُ“ پسڻ ٿيو پرينءَ جو،
پنهنجو پاٽو پيٽيندا.
قول ”امين محمّد“ سان پنهنجا،
پرتئون پاڙ پاڙيندا.



Gul Hayat Institute

## ڪافي –19 (جوڳ)

### هنيڙو ناز نهاري

جيئري جدائي منهنجي توسان ڪڏهن نہ ڪاري.
تو سان ڪڏهن نہ ڪاري جيسين جياري.

اصبعين اوهان جا، هينڙو ناز نهاري.
ساهہ سري صدقو ڪريان، وَجُهَڪَ ڏي واري.
لاَتَتَحَرڪُ تو هٿان، اذنئون تنهنجي اوتاري.
”امين محمّد“ عشق جا، پار پڇو پنڌ پاري.





## ڪافي –20 (ڪوهياري)

### سسئي جي اميد

آرياڻي شل ايندا، ساري سڻندا اُهي بات نماڻي.

ٻانهين ٻاروچي جي اصلئون آهيان،
ساڻ تنين چا سينو ساهيان،
دوست دلاسو ڏيندا،
نيندا پنهنجي ساڻ سچاڻي.

عهد آرياڻي سان آهي منهنجو،
جيءُ جسو آهي طالب تَنهن جو،
سي مون ڪي ڪين مٽيندا،
آئُ وائيءَ پنهنجي وات وڪاڻي.

آءُ سُتي هُو ساجهر هليا،
منهنجي پاران ڪنهن نا پليا،
سي چوري ڪين ڇڏيندا،
جن اُتن آهيان رات رنجاڻي.

عشق آرياڻيءَ جو ٻڙچيون ٻالا،
سور چڪي سپ ڦٽ ٿيا آلا،
سي واري ڪين وڃيندا،
جنهين آهيان ڪاڻ ڪوماڻي،

شرف پنهل جي شان سپيئي،
جيهي تيهي پلئہ جا پيئي،
سا چوري ڪين ڇڏيندا،
احد ”امين محمد“ آهي وڪاڻي.



Gul Hayat Institute

## ڪافي –21 (ڪوهياري)

### سانول کي سارڻ

ڪير گھڙيون هت گھاريندا،
منهنجو ساهہ سِڪي ٿو سانول کي.

مون تان ائين نٿي پانئيو، تہ ماٺن ساڻ ماريندا.
ڪرم ڪيچيئڙا ڪري، واڳ وطن تي واريندا.
وڻ وندر جا جيڏيون، چانگن کي اڇي چاريندا.
پورهيت پرٽياٽي جو، ڪو سڳ ساجن ساريندا.
”امين محمّد“ ان لئي، واٽ وندر جي واريندا.





## ڪافي –22 (ڪوهياري)

### حقيقي عيد

ٻاروچا پيهار، اڱڻ آءُ تان عيد ڪيون.

اچي ويهج اوڏڙو، منهنجا تون منٺار،
ديدن ۾ ٿا ديد ڪيون.

هلڻ واريون من ۾، هلي ڪر هيڪار،
خوشيءَ کي تہ خريد ڪيون.

اهي اسانکي ڳالهڙيون، سيڪاريون سنسار،
هلائي تہ حميد ڪيون.

هل تہ گھمون ڪي گھٽيون، برهن جي بازار،
شهرن ۾ تہ شنيد ڪيون.

”امين“ تنهنجي عشق جي، پيئي آهہ پچار،
هوتان رسيد ڪيون.



Gul Hayat Institute

## ڪافي –23 (ڪوهياري)

### ويچاريءَ جو وڦلڻ

ڪيائين ڪونہ قياس، ٺَڪَر مون کي ٺولي ويو.

هيڪلڙيءَ جو حَب ۾، مرون ڪائيندا ماس،
رندن ۾ جنهن کي رولي ويو.

وَسِ نہ ويچاريءَ جي، وڇوڙي وسواسُ،
پينر مون کان پولي ويو.

پسڻ خاطرين پرين جي، هينئڙي منجهہ اُداس،
ادا ڪنهين اولي ويو.

تپي پاهڻ پٻ جا، ساڙن مُئيءَ جو ساس،
جهنگن ۾ سو جهولي ويو.

ڪيم ڪيچئڙن لئي، رهاڻِن کي راس،
چيري منجهہ چولي ويو.

پُني پرٽياٽيي جي، آيل اهڙي آس،
ڏونگر مون کي ڏولي ويو.

”امين“ اوٺيئڙن جي، اندر منجهہ الاسُ،
ٻاروچل مون کي ٻولي ويو.





## ڪافي –24 (ڪوهياري)

### اميد

چوٽي آهين چري، ايندم وري،
اجهي منهنجا اوٺي يار اچن ٺا.

ڪالهونڪر ٺو ڪانگ لنوي، اڄ منهنجي اک آهي ڦري.

پيرون چوندبيندس پاند ۾، ڪٻڙن پاس ڪڙي.

”امين محمّد“ چوي عشق مان، ٺوريءَ ساعت نہ سري.



Gul Hayat Institute

## ڪافي –25 (پوپالي ڪلياڻ)

### وجي ٿيا ذات ۾ ذاتي

آيا ڪثرت ڪنان ڪاهي، وٺي وحدانيت واتي.
دلان دلدار سين دائم، توڙي بيدار يا نائم.
هميشہ حرف هو صائم، ڏريئون لاڳاپا سڀ لاهي،
ڇڏائي ڇرڪ ڪان ڇاتي.
نفي نائي ڪيا نائف، خفيءَ جي خيال ۾ خائف،
ثباتيءَ ۾ سدا صائف، پرت ۾ پنج وشش ڇاهي،
وجي ٿيا ذات ۾ ذاتي.
پناري پرت پاتائون، قدر قربت جو ڄاتائون،
سڄڻ ساڳي سڃاتائون، وڏي هو وڻ جو وڻ ڏاهي،
ڪيئون ميدان مثباتي.
سنئون لک لهرجا لوڏا، اچي ٿيا احد ڪي اوڏا،
ڍڪي ”ميم“ ۾ تاڙيائون توڏا، ولايت وريا ڪاهي،
وجهي ”وَجهڪَ“ منجهان جهاتي.
”امين محمّد“ جڏهن آيو، اَلِف تنهن لام سان لايو،
هَي هَي حرف فرمايو، لباس ”الناس“ جو لاهي.
اِلاَّ اللّٰهُ ڪيائون اثباتي.





## ڪافي –26 (ڪلياڻ)

### م چؤسي مرد مماتي

جنين ڪي عشق جو آهي، نشو نروار اثباتي.

ڪيئون هٿ برهہ جا پالا، رسيا عبديءَ ڪنا اَعليٰ،
ڪنين بيراڳ جا والا، وڏائون فڪر ڪي ڦاهي،
سا لائي ”لا“ سندي ڪاتي.
ڪٽي سا راند ٿيا راسا، پنئون ٻارنهن ٻئي پاسا،
خفيءَ ۾ خان ٿيا خاصا، ڇڏيئون گهر ڏاوَ جا ڏاهي،
رکي هڪ رمز ڏينهن راتي.
اندر ۾ عشق جا ڪورا، مڃيائون محب جا ٿورا،
پڄي ڪيئي بت ڪيئون پورا، تنين جي شرف شڪ ناهي،
وجي ٿيا ذات ۾ ذاتي.
”امين محمّد“ اُهي آندا، جي هُو ۾ هوءِ هيڪاندا
نہ هڪ دم ورهہ ڪان واندا، ٿي ماريا موت مت ڇا هي.
مَ چؤسي مرد ممّاتي.



Gul Hayat Institute

## ڪافي –27 (ڪنياٺ)

### نينهن جو نار

آهي دم دم جو ديدار، آهي پلپل جو ديدار،
منڊل اسان جي نار تي.

بگا ڏاند ٻڏاسون ٻيئي، هڪل تني جي پري وڃي پيئي،
وهن ٿا ڏارو ڏار، ڳاڏيءَ واري ڳٽڪار تي.
چوئي پاسي چڪريون سيئي، ارا تني جا ساڳيا سيئي،
لوڙن جي لارو لار، لنڙي وهي للڪار تي.
ڏيا چونڪ جهلي وڃي نسريون، ڳنا تني جا ماکي مصريون،
پڇي ٿئا تارو تار، پيهي واريءَ پوڪار تي.
”امين محمّد“ اميّد آهي، لَسَ لابارا ڇڏيائون لاهي،
ڳوڏن ڳاهه ڇڏئا وڃي ڳاهي، وائر جي وسڪار داڻا ڪٽو درڪار تي.





## ڪافي –28 (ڪنياٺ)

### پرت جي پوڪ

ڇا ڳاڏي ڇا ڳٽڪار، ڇا اسان جو ارٿ وهي آڏار تي.

وهندا روز وڃن ٿا يارو، ٻڏائون ڏاند بگو ٻيو ڪارو،
پاٽيءَ پاڙڇ پرئو نيسارو، آئي آنڌيءَ جي وار،
ڇا اسين ڪاهي پئاسين ڪوڏار تي.
نوان نائڪا ٻنا ٻهاري، ٻروٽي ٿي هر هڪ ٻاري،
هارين هرَ هٿ چونيا واري، سَلن جو سينگار،
ڇا اسين ڪوڏيا جوئر جي ڪار تي.
پنهنجي پوڪ رسايائون راهي، هر هڪ هاري سينو ساهي،
ڏيي چونڪ ڪئان پيا ڪاهي، لڳو واءُ وٽڪار،
ڇا اسين موڙين ٻڏڻ جي مار تي.
آخر ڪي سنگ نسري آيا، مٿان مڪڙن مورچا لايا،
هيٺان هارين هُل مچايا، دانُهنِ جا ڏڏڪار،
ڇا سڀ ٿئا سَٿن جي سار تي.
پوڪ پرت جي ثابت هوندي، ڏڪو ڏومون مور نہ ڪيندي،
هر برڪ ڪان بازي نيندي، پاٽيءَ جا پلتار،
ڇا رڪَ نيٽن واري نار تي.
”امين محمّد“ عبرت آهي، نيٺ وڏئون لابارا لاهي،
ڳاهه ٻڏائون ڳوڏا ڳاهي، وائر جي وسڪار،
ڇا اسان داڻا نئا درڪار تي.



Gul Hayat Institute

## ڪافي –29 (ياڳيسري)

### جان جانب سان ملي حاصل ٿين هر دو جهان

زلف جي ڦاهيءَ ۾ ڦاسڻ جو فڪر في الحال آهہ،
ساهہ سر صدقو ڪريان هيءَ محب تنهنجو مال آهہ.

بندہ باشندہ ٿيا سڀ خسرو ۽ خاور جا شاهہ،
ڪاڪل ڦهري ڪمند ۾ طوس چا طهپال آهہ.

تيز نيزان مثل مژگان ابرو هن آنجا ترار،
رزم رستم چا ڪندو اُن ڪان گريزان زال آهہ.

نيم بسمل نَين ڪيا سي ڪئن جين جان تشنئہ لب،
عشق جي عينن اُجاين جو جيئڻ جنجال آهہ،

ڪالهہ ٿينءَ قربان اي دل، اڄ اُها ناهي سو چا،
يا دلاسو دوست ناهي. يا قرب جو ڪال آهہ.

جانِ جانب سان ملي، حاصل ٿين هر دوجهان،
اي "امين محمّد" سڄڻ لئي، سڪندي سورهون سال آهہ.





## ڪافي –30 (ياڳيسري)

### موتوا قبل مرڪي مرج

هن ڪاڪل ڦهري ڪمند ۾ برهہ جي بازار ٿئي،
عاشق هجين تان سر اچل درشن جي جي درڪار ٿئي.

ٻيا ڏاوَ ڏَپ ڪيم ڪَج، "مُوتُواقبل" مرڪي مرج،
مرندي بہ وَجهَڪ ڏي ورج، ڪامل ڪسڻ جي ڪار ٿئي.

ترڪي تڪي وجهہ تار ۾، هڻ ٻانهن پوءِ هن پار ۾،
ڏس نيڻ نائي نار ۾، ٻڏندي تہ ٻيڙو پار ٿئي.

اڄ مچ ڏسي موٿيو اچين، چو برهہ جي باهيئون بچين،
ٿي مرد محبت ۾ مچين، اهو نينهن اٿئي نا نار ٿئي،

آءُ اي "امين" اسرار ڏس، هڪ پير پٺتي ڪيم ڪِسُ،
بازار ۾ بانگي جي رس، هِت جيت ۽ هُت هار ٿئي.



Gul Hayat Institute

## ڪافي –31

سڄڻن جا ساريو سانگ      آئون ويٺي روز رڙان،
مارُن جا ساريو سانگ      آئون ويٺي روز رڙان.
الست برّبڪم آواز اهوئي،      برھ پڙھايم بانگ.
قالو بليٰ جا قول جي ڪيئڙئي،      ويٺي اڏايان ڪانگ.
ڪاڏي وري ٿو پنڌ پچائين،      طلب اٿم ڏاڍي تانگھ.
”امين محمّد“ کي عشق اوھانجي،      نينھن جي ڪاڏَس نانگ.







Gul Hayat Institute

# وایون







Gul Hayat Institute

## وائي –1 (رامڪلي)

آيو آديسين جو مٿي راهوندڙ راز،
وريو واريءَ مان اچي السٽي آواز.
وري ويراڳين ڪي نينهن ڏيکاريو ناز،
ڪمر بند قلابا ٻڌي آٽي سنڪ ڪيائون ساز.
اي ڪبوتر جنڊڙا! آيو برهه مٿي ئي باز،
”امين محمّد“ عشق جو ٿيو آهه آواز.





## وائي-2 (ديسي)

روئيندي ڪيچين ڪاڻ، وئي وهامي راتڙي.
جتي رهن راتڙي، اچي تنهن آ وٿاڻ.
مون ڪي ريلڻ آئيو، پاهڻ پٿرن ساڻ.
هاري آب اکين مان، نيٽين نير نياڻ.
ٻاري مچ مجاز جا، ٿي پچائي پاڻ.
”امين محمّد“ عشق جي، مٿي ڪٿياٽيءَ ڪاڻ.



Gul Hayat Institute

## وائي–3* (ديسي)

هي منهنجا سڏڙا سُڻي، اُت ڏٽي ڏي ڪو دلاسو دلگير ڪي،
لاهيندس لنگڻ ڪي، تنهنجي خاڪ ڪٽي.
الله جل نہ پيچ انهن جي، اولي جي ٻہ اٽي.
پير اسان جو پاتشاه، اٿم وائي اها وٽي.
اتي ميون ”امين“ چئي، آهيم حب گهٽي.

*. هيءَ وائي پير محمّد عالم قريشي وٽان ملي. (جميل الزمان)







Gul Hayat Institute

# بيتَ





## رامڪلي

## ديسي

## راڻو

## ڪيڏارو

## ڍھر



Gul Hayat Institute

# رامکلي (26 بیتَ)



Gul Hayat Institute

(1)

”امين محمّد“ آئيا، جوڳي جهونجهي جُوءِ،
”ڪُلّ شيءِ يَرجِعُ“ ثابت سندي سُوءِ،
ڳاروڙي ڳرناٺ ڪان، رانول رڱي رُوءِ،
”هُو“ ۾ ٿيا هُوءِ معرفت جي معرڪي.

(2)

معرفت جي معرڪي، آديسي آيا،
دونهان دُواپر جا جوڳين جاڳايا،
سر سناسين پانهنجا، ناٺ اڳيان نايا،
”فَسَجُدوا“ في الحال ٿي، اَمُر ۾ آيا،
ڪال نہ ڪنبايا، ڪالُ ڪنبايو ڪاپڙين.





(3)

جي پانئين جوڳي ٿيان، تہ ڪرتئون مارج ڪال،
”وَنحنُ اَقرَبُ اِلَيہ“ ويجهڙو اٿئي واحد جو وصال،
چاڙهج نہ جاٿائن ڪي، رڱج نا رومال،
ڪيئي ڳذرن ڳُرَ ريءَ، سامي توڪي سال،
حقيقت جا حال، پورب ڪجو پڌرا.

(4)

پورب ڪجو پڌرا، طريقت جا تانَ،
آهن جٿاهين جوڳ ۾، سپ ڪاهوڙي خانَ،
پاٽي پوربين ڪي، نفرت ڪنان نانَ،
سامين ڪي سرير ۾، شريعت جا شانَ،
پينر پلا مانَ، وِجهَل ويراڳين جي.



Gul Hayat Institute

(5)

وِجهَل ويراڳين جي، ماءُ منهنجي مَن،
پَوي ڪوڪ قلات ۾، ڪاپڙين جي ڪَنِ،
ماءُ منهنجي مَن، ڪِجَڻ ڪاهوڙين جو.

(6)

ڪِجڻ ڪاهوڙين جو، آيل مون اندر،
پسم ساڻ پيوت ٿي، بابو ويا بر،
هليا جي هنگلاج ڏي، وري پون نه وَر،
ناٿ ملي نارائڻ ۾، سامين پوري سر،
جوڳي جاٿائو پر، ”امين“ انهن سان ٿئي.



ڪلامِ امين

(7)

جوڳي جاٿائون ڪري، آديسي آيا،
گاروڙين گٽيش جا، سامين ڪيا سعيا.
ڪن نمايو ناٿ ڪي، ڪي ناٿن ٻه نمايا،
پرين پهرايا، ”امين“ اوچڻ عشق جا.

(8)

جي پانئين جوڳي ٿيان، ته پيرين پنڌ وسار،
”قالوا بَليٰ“ قول ڪيئي، عهد اُهيئي پار،
گڏجي گورک ناٿ ڪي، ٿلا مور نه ٿار،
دائم تو دربار، اجهي اگهوري آئيا.



Gul Hayat Institute

(9)

ايندي اگهورين جا، ڏوري پيچ ڏَس،
وٽج واٽ وصال جي، ٻئي پاسي ڪيم ترس،
اوڏوئي اڪرين ڪان، نين نهاري ڏِس،
تہ جوڳي پانئُئي جَسُ، ايندي آڏوتين ڪان.

(10)

جي پانئين جوڳي ٿيان، تہ ڪرتئون مارج ڪال،
اُٿي اور الڪ سين، هيٺو وٺي حال،
جي پَوئي وَٽ وصال ڪي، تہ جئڻ ڇاڻ جنجال،
مُوڙي تنهنجو مال، جي گُرسين گڏجين ڪاپڙي.





(11)

جي پانئين جوڳي ٿيان، تہ واتئون ورد وسار،
موت مَنجهيئي مار تون، ماري جيءُ جيار،
دود دڪائج دل ۾، نيٽين ننڊ وسار،
پنجئي حس حبيب سان، چست عناصر چار،
وائي ٻي نا وار، آڏوتي الڪ ري.

(12)

وحدت جا وجود مان، پُنگا پيجي ڇڏ،
جهڳا جبيرين سين، وجي عبديءَ ۾ اڏ،
ڦڪا فقيريءَ جو، حال نہ پوئي هڏ،
منجهہ ۾ ويهہ ماٽ ڪري، سُجي پوءِ مَ سڏ،
اڪيون اُن سان گڏ، جي اوڏا ڪين احد ڪي.



Gul Hayat Institute

(13)

"الف" اللهؐ عليم تون، راحم ربّ رحمان،
الف "اَلستُ بِرَبِّڪُم"، فرض ٿيو فرمان،
"قَالُوا بَلىٰ" ڪل ٿيو، جزء تي جرمان،
"جزائهُم عِندَ رَبّهِم" اهو ئي احسان،
محمّدؐ لڌو مان، عالم تي "امين" ٿي.

(14)

عالَم تي امين ٿي، الستئون آيو،
"تنزل النّبی اِنّ الّذِينَ آمنُوا"، فائق فرمايو.
"تَكَلِمو الّناسَ على قدر عُقولهِم"، راحم جو رايو.
شرف شريعت جو وٺي، حاميءَ هلايو،
ناٿن سرنايو، انهن جي آواز تي.





(15)

انهن جو آواز ٿيو، مقّدر منهن جي من،
اٰمَنَ الرَّسُولُ بِمَآ اُنزِلَ اِلَيۡهِ مِنۡ رَّبِّهٖ، قلب ڪيو مون ڪن،
انهيءَ جو "امين" چئي، تڪيو رهيو تن،
ماڻ مونهين تي ڪن، ڪو ڦيرو فيض فضل جو.

(16)

الف آديسين ڪي، وحدانيت وصال،
"ڪُل يومِ الڪثرة" جوڳين ٿيو جمال،
قربت جو "قُم اللّيلَ" ۾، حاضر ڏٺائون حال،
انهن ڪي احوال، جامع ٿيو جان ۾.



Gul Hayat Institute

(17)

جــــڙي آئـــــي جـــــان ۾،  ڪـــاهـــوڙيـــن خـــبـــر،
وحـدانـيـت وجـود ٿـيـو،  قــلــب ڏنـي هـي ڪـر،
”جَـامـعُ الـمـتَـفَرقـيـنَ“،  انـــهـــن جـــا اثـــر،
مــنـجـهـان پــرت پــڌر،  ڏٺـائـون عـيـن الـڪ جـا.

(18)

ڏسـي عـيـن الـڪ جـا،  ٿـــيـــا لاهـــوتـــي لال،
”صُـمُ بُـڪـم عُـمى“،  جـوڳـيـن ٿـا جـمـال،
نـانـگـن ڪـي نـاسـوت ۾،  ٿـــيـــا قـــرب ڪـــمـــال،
حـــاضـــر ڏٺـــا حـــال،  ويـــراڳـيـن وصـال جـا.





(19)

ويـــراڳـيـن وجـود جـو،  درســت ڪــيــو ديــدار،
پُـوئـي پـاتـائـون پـاڙ ڪـي،  حـقـيـقـت جـو هـار،
مـاڳ ڏٺـو مـلـڪـوت جـو،  نـــاســـوتـيـن نـــروار،
مـــعـــرفـــت مـــدار،  آديـــســـيـــن انـــدر ۾.

(20)

انـــدر ۾ اُنـــهـــن ڪـــي،  ٿـيـو قـبـلـہ نـمـا قـلـب،
سُـجـي سـامـيـئـڙن جـي،  ســدا ســيــج صــلــب،
راحـم تـنـهـيـن ربّ جـــ  هـادي ٿـيـو هـڪ رات ۾.

(21)

قبلہ نما قلب ٿيو، ڪافن ۾ ڪاهي،
سامين سر عرفان، جو سُنگ ٻڌو ساهي،
طور تجلّي تن ڪي، اندر ۾ آهي،
”لَيسِ يَمِينكَ يَعرفُون“، ناز وڏائون نائي،
”يسارُكَ يَبقىٰ“، ٿيا لاڳاپا لاهي،
”حِلّت حَاجَتُكَ“ جي حڪمي ڪا ناهي،
آڳانڊيو آهي، احد احمدؐ اُنهن ڪي.

(22)

احد احمدؐ اُنهن ڪي، رهيو روح اندر،
”فَسيروا فِى الاَرض“، ٿيا ويٺي پونن ور،
ويراڳي ڪنهن واٽ ٿيا، بابو ڪاهي بر،
هنن ڪي هنگلاج جي، قصدئون آهي ڪمر،
لائي عين الک سين، ڪيائون تميزا تر،
وضو ڪيو ”وَنَحنُ“ جو، آديسين اپر،
يسم ساڻ پيوت ٿي، سامي ڪڍي سر،
رڪوع روح اندر، ”امين“ آهي اُنهن ڪي.





(23)

”امين محمّد“ اُنهن جي، رڪوع ڪيو روحَ،
نيڻ وهائي نار ڪيا، جئن ڪاهوڙين ڪوهَ،
منجهان فيض فتوحَ، الم ٿيو انهن ڪي.

(24)

آهہ الم ٿيو اوچتو، ساميئڙن ڪي سڏ،
ذَالِكَ الكِتٰبُ لَا رَيبَ فِيهِ هُدًى ”لِّلمُتَّقِينَ“، مرڪي جوڙيائون مَڏ،
گُر تنين سان گڏ، جي گڏيا گرناٿ سان.

(25)

ڳُر سان ڳنڍجي ڳوڏڙيا،    ٿيا ڳاروڙي گلزار،
وڏا تن وجود ۾،    وحدت جا واپار،
اڪڙيون الڪ پار ڏي،    نيڻ وهائن نار،
”بي“ تي ڪن نہ بانوَر،    وجہ جا وينجهار،
اورڻ ٿين ”الف“ سِين،    ساري سپ چمار،
”امين محمّد“ ان جا،    پُرجهي ڏٿا پار،
ڪن ڪنهن سان ڪانہ ڪا،    ريءَ ڳرو گفتار،
مَيسَري مخلوق ڪان،    ڌريان ڌارو ڌار،
سوالي پنهنجي سر جا،    پر جانان پينار،
جوڳين جا جنسار،    چئي چوان ڪيترا.

(26)

هنن حال حسن جي،    پائر پَرِ مَ حَسُ،
انبورا سي ارمان جا،    پهچن ڳاروڙي ڳس،
ڪرابت قلات ڪان،    ويا لاهوتي لس،
انهن سان الڪ جا،    روز رهاٽيون رس،
وصالئون وڇار ٿيا،    ورد وجود وس،
ڏور پَوَنِ ٿا ڏس،    ”امين محمّد“ اُن جا.







Gul Hayat Institute

## دیسي (14 بیتَ)







Gul Hayat Institute

(1)

سڪي سڳ ٿيوم، جيڏيون ذات جتن سان،
سُتِيَسِ سنجهي سيج تي، تڏهن هٿان هوت ويوم،
”امين محمّد“ عشق جو، پرو پوءِ پيوم،
ڪيچين ڪاڙ ڪيوم، پيرين پاهڻ پٻ جو.

(2)

پيرين پاهڻ پٻ جو، پيچي ڪيم پورا،
سرتيون وسيا ساهہ تي، گوندر جا گؤنرا،
اچي آرياڻي ڪندا، ٿڪيءَ تي ٿورا،
ڪاٽي ڪي ڪونئرا، اچن اوٺيئڙن جا.





(3)

اچن اوٺيئڙن جا، اندر تي اوپر،
ذرو جي ظاهر ڪريان، تہ سڙي وڃن سَرَ،
ڪنين پون ڪيچين ڪي، من آهون ڪن اثر،
ڪافن ۾ ڪوڪر، ٻاروچو مانَ ٻُڌي.

(4)

ٻاروچا ٻاجهہ پئي، من آرياڻي اچن،
جيڏيون جن جا جيءُ تي، پلپل پور پون،
ڪوهياري جا قلب تي، وري مچ مچن،
تن ڦوڙائي ڦٽن، اندر منهنجو اڏ ڪيو.



Gul Hayat Institute

(5)

ڦوڙائي ڦٽن کي، رائي اُڪيليو،
واري واٽ وندر جي، ويئي رتن سان ريليو،
جيئڙو منهنجو جيڏيون، پينر جن پيليو،
سينو سُيءَ سوراخ ٿي، سورن سان سيلهيو،
ڏس ڪٽياڻيءَ ڪيليو، ”امين“ آڙهہ عشق جو.

(6)

اچي آڙاهہ عشق جو، پئڙس پناري،
راتو ڏينهن رندن ۾، ٿي ڪتل ڪوڪاري،
ٻانيڻ ٻاروچن سان، پلئو ٿي پاري،
گهٽن ۾ گهاري، آرياڻيءَ جي آسري.





(7)

آرياڻي جي آسري ٿي، ڏونگر ڏورياڻين،
ساهہ سر صدقو ڪري، ٿي گهٽين گهورياڻين،
ريءَ دعا جي دوست لئہ، چَپَ نہ چورياڻين،
محبت جي مجاز جا، سڳا سورياڻين،
ڪپي ڪورياڻين، هئي هئي ڪيو ماس هڏ جو.

(8)

اديون! ڪا هلندي، هن ڪمينيءَ سان ڪيچ ڏي،
سور سپئي سرتيون، ساجن سان سلندي،
”امين محمّد“ عشق جي، جوشن ۾ جلندي،
ملي مان ملندي، نہ تہ مرندي مارڳ وچ ۾!

Gul Hayat Institute

(9)

مرندي مارڳ وچ ۾، سور ڪنيائين ساڻ،
پيس رات پٽن ۾، تن اوٺيڙن اهڃاڻ،
جيئري شال جبل ۾، ٺئي آرياڻي اڳواڻ،
جڏهن پٺون ڪيائين پاڻ، تڏهن پريَسِ پٽ پنهونءَ سان.

(10)

پري پٽ پنهل سان، ٿيو ويچاريءَ وصال،
چلي پيئي چپرين، هيٺون وٺي حال،
”امين محمّد“ عشق جو، ٿيڙس قرب ڪمال،
دردن جي دڪان جو، درشن ٿيس دلال،
سڪ سَڄيائي سسئي، پنهون جل جلال،
جهُلي تنهن جهوليءَ پيو، پينر بدر هلال،
جيڏيون ٿيس جمال، هاڙهي ۾ تنهن هوت جو.





(11)

سپ ڪنيائين سُڃَ ۾، ڪري سور ثمر،
ڪندي ڪوهيارل لئي، هاڙهي منجهه حشر،
ٻاروچل ٻاجهه ڪري، شل واري اچي ور،
ٿيان مان مگر، ڪيچين سندي ڪڙم ۾،

(12)

ڪيچين جي ڪڙم ۾، وڃي مَرڪان مان،
هتان هوتن جا ڪٽان، سور ڪري سامان،
ٿيا ڏير ڏکيءَ جا، هيٺي لئہ هامان،
جيڏيون لڱم جيءَ ۾، ڪوهيارل جا ڪان،
اي مرڪائينم مان، ڪميٺيءَ ڪي ڪيچ ۾.



Gul Hayat Institute

(13)

هٽان پاڻ پهڻ سان، جيڏيون لاءِ جتن،
آرياڻيءَ جي اوج جي، خبر ڪئي خطن،
جي هليون نان هوت ڏي، ٿيون ويچاريون وتن،
مونجهارو ماءُ! تن، آيم اوٺيئڙن جو.

(14)

آيل اوٺيئڙن جو، ٿيم مونجاهرو ماتام،
هاڙ هي نيائون هوت ڪي، ڪري ڪالهه قيام،
ڏنم تن ڏيرن ڪي، عمر سپ انعام،
قلب منجهه قرب جي، ڪيچين هنيم ڪام،
رائو ٿيس رام، پنهل ڪارڻ پنڌ ۾،





Gul Hayat Institute

## راٹو (7 بیتَ)



Gul Hayat Institute

(1)

راڻا رهاڻيون، تورِيءَ ڪندي ڪِن سان،
ڪڙيون ٽيون ڪاڪ جون، ڪُـه ماڙيون ڪاٽيون،
سوڍا تورِيءَ سرتيون، مڙئي مونجهاٽيون،
ناحق نماڻيون، ڍول مَٽي تون ڍٽ وئين.

(2)

راڻا ڪين رنجاڻ، جي توکي پلئہ پييون،
دونهان درد فراق جا، مينڌرا مونهين ڪاڻ،
سوڍا سواءِ تنهنجي، هيڪلڙي ٽي هاڻ،
ڪرهو ڪاڪ ڪنڌين تي، وَلها واري آڻ،
مينڌرا مون ساڻ، ٻول ٻڌي تو چو چِنا؟





(3)

راڻا رسامڻ جو، ڪهڙو وريو واءُ،
رقيبن جي راز تي، سوڍا مَٽِ مَ ساءُ،
موٽائي ماڳن تي، آڻيندءِ اللهﷻ،
اللهﷻ ڪارڻ آءُ، تہ سوڍا سکياٽي ٿيان.

(4)

سوڍا سکياٽيءَ جو راڻا پُڇ مَ راز،
ميڙائي جو مينڌرا، اندر اٿم آز،
پهچي ماڻَ پارت جو، ڪو الستي آواز،
ناتر توريءَ ناز، ڪندي ڪهڙو ڪاڪ ۾!



Gul Hayat Institute

(5)

ناتر تو نياز جي، ڪَل رهي هئي ڪانَ،
هاري حميرن ڪي، ڪيو هوءِ مهمان،
مڪر پڳئي مينڊري، سوڊي سرت سجان،
”وَاللهُ خَيرُ المَاڪِرِينَ“، انهيءَ اهڃاڻ،
طلسم جي تنبوءَ تي، ٽڪيل ڪيئي ٽاڻ.

(6)

ناتر ڪي نياز جي، ڪل پوي ٿي ڪانَ
سوڍا سڪياڻي ٿئي، مومل سُوڍي مانَ،
ڪرهو واري ڪاڪ تي، ڪر اڇڻ جا احسانَ،
مينڌرا مجاز جو، ٻڌو جَڳَ جهانَ،
موٽي آءُ محلات ۾، اڇڻ جوڳي آن نَہ،
رک مومل جو مان، برهہ ڪئي جا بانوَري.





(7)

برهہ ڪئي جا بانوَري، تنهن ڪي مينڌرا مرڪاءِ،
مڙهيو سارا ماڳ ٿيا، سُڃا تو سواءِ،
راءِ رسڻ تي تنهنجي، هردم ڪريان هاءِ،
سوڍا سک سنداءِ، وِلهيءَ وسرن ڪينڪي.



Gul Hayat Institute

# کیډارو (4 بیتَ)







Gul Hayat Institute

(1)

”يُجَاهِدُونَ فِي سَبِيْلِ اللهِ“، چئي اُٿيا امانتدار،
زين ذوالجناح ٿيو، شاهنشاهه سوار،
كربلا جي كوك ٿي، اوندهه انڌوكار،
هن جي هدايت لئه چڙهيو، محمّدؐ جو مختيار،
ان تي امانت جو، عليءَ كان اختيار،
اڳيئون كوفين كئن كيو، تيرن جو تكرار،
اُمت جو آذار، شريرن شهيد كيو.

(2)

”بردًاوّسلامًا“ صاف هو، اُنهن لاءِ اصيل،
مينا جي مقابلي، ٿيو خوش خليل،
پوءِ جهولي جهلي آئيو، محمّد ﷺ جي مِنديل،
اڄ اُهو اسماعيل، شريرن شهيد كيو.





(3)

زين ذوالجناح، بيشك بدرالدُجَين،
جيئن ٿيو مجاهد مصطفيٰؐ، حاضر وقت حُنين،
تيئن كربلا بَدُرالدُجيٰ، احد ٿيو طرفين،
راكب سفينة النوح ٿيو، كربلا كونَين،
فترت جبرائيل ٿي، هنن پڙهيو حرفَين،
يا ذبيح ابن ذبيح، اجهو تنهنجو عَين،
رڻ رسي دِن رَين، نفي ۽ اثبات كيو،

(4)

هئي هئي كريو هاءِ آه، اها عرش كئي،
سڙي رهيا سوز ۾، ٿيون حورون بهشتون باهه،
ماسويٰ ماتام ٿي، هك ابر اپريو آهه،
آه و آه ان لئه، رسي روز سماءِ،
”امين محمّد“ آهه، هر ويلي حسينين جو.



Gul Hayat Institute

# ڈھر (9 بیتَ)







Gul Hayat Institute

(1)

(الف) اعليٰ آهه، اڪبر اسم اللهﷻ،
دوڪا دلين جا دور ڪري، ”لا“ سين هٽي لاهه،
”اَنَا اَحمدُ بلامِيمِ“، رمز اها ئي راهه،
آڳانديِ ”اِلاّاللّهُ“ جي، اتي ڪوئنتل ڪاهه،
احد اوڏو آهه، جي پاڻ سڃاڻين پانهنجو.

(2)

(ب) جو چنڊ بانوَرُ، جو آهي ذات الف جي،
بڪيا ڪر مَ بدلي، رڪ سؤدو سراسر،
تہ بيشڪ باب بدوح جو، ورنه اچئي وَرِ،
پري بار برهہ جو، ڏس دوست اٿيئي در،
پاڻ مَ پاسي ڪر، تہ منجهان بي بهار ٿئين.





(3)

(ت) تَر تارو تار، تہ وحدانيت ويجهي اٿئي،
پڌ توڪّل ترهو، ٻاهون چڏي ٻار،
ٽوٻي ٽوڪر چا ڪندي، آهي چڱي ڪنن ڪار،
گهڙي پؤ گهمسان ۾، نائو پيچ مَ نار،
تہ تون پهچين پار، جي سرور سڱاڻين وٿين.

(4)

(ث) ثابوتيءَ سندرو، جوڙي پڌ جوان،
”الانسانُ سِرِّى وَّاَنَاسِرُهٗ“، اهو نہ ٿئي نشان،
سام رهج سرور جي، تہ مهت لهندين مان،
اهي سڀ احسان، آگي اوهان سين ڪيا.



Gul Hayat Institute

(5)

(جيم) مَ جدا ٿي، هڪ پل پاسي پير کان،
سرور سندي سٿ ۾، ويهه تہ ماڻين ويءُ،
پاڙان چوندئي پيءُ، پري جام جنّت جو،
هنڌ اٿيئي هيءُ، چڪين جي چيت ڪري.

(6)

(حي) حياءَ حلم جو، وٺ پير سندو پاسو،
من کو ڏئي محبت سان، دلبر دلاسو،
پري چو ٿئين پير کان، ناحق نراسو،
هٿان وٺ حبيب جي، قرب جو ڪاسو،
جنهن سان وري واسو، تہ سيني ٿئي سوجهرو.





(7)

(خي) خبر ساري، اٿئي عجيبن جي،
پاندڙي سرور پير جا، نُوري ۽ ناري،
طالب ٿي توڪل جو، گهڙ مَ وجهہ گهاري،
تہ ڪامل ڏينهن قيام جي، يار ڏيئي ياري،
جت اوندهہ انڌاري، اتي سرور ڪندو سوجهرو.

(8)

آهيم وڏو آسرو، ان پُر اميد آهہ،
ڏڙيندو درگاهہ ۾، بدڪار بد راهہ،
ورنهہ ٿيندو واهہ، عاصين جو "امين" چئي.



Gul Hayat Institute

(9)

هلي هالين سامهون، وهم سپ وسريا،
اکين سان "امين" چئي، مون نوري نم ڏنا،
پورا کم کيا، سرور پير سوالين جا.

ڏهر جا 8 ۽ 9 نمبر بيت پير محمّد عالم قريشي کان مليا. (جميل الزمان)



Gul Hayat Institute

# سرائکي کلام





# کافیون

## ڈومیڑا

Gul Hayat Institute

# کافیون



کلامِ امین



Gul Hayat Institute

## كافي –1 (گجري)

### برهہ رنگي دا رنگ

برهہ رنگي رنگ رمزان لايان، بيرنگ بات كڃيندا
وَنحن وَجهَك وٹج كرينديئين،
طور اُتي چڑهہ طبل وڄيديئين،
"اري" "اري" سانگ سرينديئين،
نئي نئي ناد وڄيندا.
قُمُ الليل دا قصد كتوئي،
نصف ثلث سپ وندِ ڏِتوئي،
محبت دي وچ رنگ رتوئي،
تون لائق لاج لڄيندا.
آک "انا الحق" وحدت وڑهنديئين،
كثرت دي وچ كاوڑ كرنديئين،
آپي اصلح آپي لڑنديئين،
سولي كوئن سڄيندا.
ناز نهي كر كٹكون داٹين،
موج اتي چڑهہ، موجان ماٹي،
جهولي جهلدي آتش آٹي،
كرتئون كونہ بچيندا.
عين "امين" هن برهہ دي باري،
هانۇ كليجي كڑكن قهري،
عشق اكين رک لهہ سڌ ساري،
وه رمزين يار رڃيندا.





## كافي –2 (گجري)

### هر حقيقي مجازي هو

حال تے استقبال تمهين هو كونہ كهي تم ماضي هو،
هئي رنگ هئي بيرنگ تمهارا هر رنگ دي وچ راضي هو.
مات حيات تمهارا ديرا،
هر رنگ رنگي هر دا ڦيرا،
هر وچ حال تحيرّ ميرا،
هر حقيقي مجازي هو.
سهسين سُرندي سرود وڄاون،
كي لک جهک كي جهاتيان پاون،
كِتِ كي راڳ رنگي دي ڳاون،
كِتِ ول عشق ايازي هو.
كِتِ سليمان ريح رساوي،
كث مسيح كليم كهاوي،
كث خليل ذبيح الاوي،
كِتِ وچ آتشبازي هو.
موسيٰ تي فرعوني جهيڑي،
تو سِوا ٻيا كون نبيڑي،
تون ركين طوفانئون ٻيڑي،
تسان كنعان دي قاضي هو.
بار برهہ دي چنگل چكاون،
عاشق آ ميدان مچاون،
آسرو سر راند رلاون،
تسان شهبازان دي بازي هو.
"فاذ كُرونيِ" فيض ڏتوسين،
وحدت دا واپار كيتوسين،
"امين محمّد" الث پيتوسين،
هُڻ تان نيک نمازي هو.



Gul Hayat Institute

## ڪافي –3
(پيروي)

### عشق دا آوَڻ ناز نرالي

مئن مولا عشق منيندا هون،
مهر ڪِنون مُڙ مئن ڏهون پالي،
مئن وچ مئي ڪونہ پليندا هون،
عشق دا آوڻ ناز نرالي،

عشق هٿون هڻ جام پيتوسين،
هرهڪ دعويٰ دور ڪيتوسين،
مئن رمزين روح رجهيندا هون،
ڪول اسان ڏي من جالب جالي.

عشق اتون ڪڙ ڪيتي اشاري،
قَالُوا بَلَيٰ ڪنون ٿيوسين ڪناري،
مئن بانگ الست اليندا هون.
هڻ وَج ٿيو سي عشق حوالي.

قلزم ڪثرت دا موجان ماري،
لک لک لهريان توڪل تاري،
مئن راوي سنڌ رليندا هون،
عشق آٽيندا نديان نالي.

عنقا عشق اسان ڪني آوندا،
جسم جگر جڏان خوش ٿي کاوندا،
مئن واري جنگ وليندا هون،
لايا ندي لڄ برور بالي.

عشق ”امين محمّد“ ڪُون آيا،
انحد ازخود ٿي آپ الايا،
مئن جهولي پا ڪي جهليندا هون،
”ونَحُن“ وحدت سر سمالي.





## ڪافي –4
(ٽوڙي-گنڌاري)

### ساغرِ عشق

سر تي حال حلاج دا چايو سي،
جڏان ساغر عشق پلايو سي.

دل ڪون دستئون دلبر دي جام مليا،
سرمَيڪون سوري دا سرانجام مليا،
اسان ڪون ”احديت“ دا انجام مليا،
وچ سو وادي ورهہ ولايو سي.

وچون سؤ لهريان لياڪا پاونداهي،
هر گهر گيت ”اَناالحقّ“ ڳاوندا هي،
ساڏي جان جگر من پاوندا هي،
تڏان چا حق حق هُل هلايوسي.

سري ڪون سانگ سينگارون چا جوڙ ٻڌين
مِلڪي ”ماسُبحَانِي“دا موڙ ٻڌين،
هر ڪنهن شاخ ڪنون گل توڙ ٻڌين،
هر باس ”بِالله“ دي آيو سي.

دل تي برهہ والي بازار لڳي،
ساڏي رڳ رڳ دي وچ تار لڳي،
ڪليجي ڪاٺ ڪٽاري پار لڳي،
تڏان چا قتل تي ڪنڌنوايو سي،

آکي عين ”امين“ اظهار ڪرين،
وچ تون محبت دي مختار ڪرين،
اپني نيڻ نهر يا نار ڪرين،
دل دا منصب مظهر پايو سي.

## ڪافي –5 (ٽوڙي-گنڌاري)

### هجر دي راتڙيان

آوين يار اساڏي ويڙهي ول،
دک درد دي ڏيوان مئن ڪنهن نون ڪل.

دل درد دي ڪنهن در دانهن ڪران،
هي هي هجر دي ماري مئن مونجهه مران،
هو وي يار جنهين ڪون مئن پيار ڪران،
جنهن ڏارون هر دم هي وقت اجل.

هڻ هجر ديان آيان راتڙيان،
ميڪون ڪُهَن قرب ديان ڪاتڙيان،
من ڪي ماهي پاويم جهاتڙيان،
جهندي ڪاڻ ڪڙي هان مئن مارڳ مل.

جهٽڪان جتيان تان سپ سِر سهسان،
پر ڪي پريم ننگر ڏهون ول ويسان،
راڳ رانجهي دا هر دم ڪهسان،
هڻ تان ڪالي ڪريسان ڪفني ڳل.



Gul Hayat Institute



## ڪافي –6 (تلنگ)

### ونحن اقرب عهد اهوئي

دل چاڪ چڪن تان چلو چلو،
متان آڙهه عشق دا ٻلداهي.

عشق اسان ڪون ايوين فرمايا،
مئن دي مئن وچ ملو ملو،
دم دنيا پاسخ پلداهي.

نفي اثباتون ايوين اشارا،
خيال خودي وچ گلو گلو،
جتان راز رمز وچ رلداهي.

”وَنَحنُ اَقرَبُ“ عهد اهوئي،
”وَجِهَڪَ“ دي وچ ولو ولو،
سهٽا گهاٽ انهي ڏهون گهلداهي.

هڻ اڳڻ وچ وحدت دي وچ،
توڙ دوئي دا دلو دلو،
قزح قاَبَ قَوسَينِ وچ ڪهلداهي.

عشق ”امين“ وچ پلڪين پالين،
چاڻ رمز اها رلو رلو،
رخ رلدي رانجهن ملداهي.

## ڪافي –7 (تلنگ)

### سرت اور پرت

رک سُرت پرت وچ پلي پلي،
انهين پِرت دا پَرتُ نہ جلدا هي.

پَرت پِرت دا هڪ هٿ ڪيتم،
اکر اکياندي شبنم نيتم،

ڳوڙها نال پيا ڳلي ڳلي،
وت ڳلندي ڪونہ مس ملداهي.

دل وچ داٽا پرت دا پوکيم
ڪاڻ آرياٽي اِتِلا اؤکيم،

آکي سنپالي سلي سلي،
مَئن نون خوف خزان دا ڪلداهي.

رسڻ رانجهي دا جگر جليسي،
پرچ پوي تان وَل نا ويسي،

سو ڪڏان چڙهيسيم ڳلي ڳلي،
سهٽا هيڪلڙي ڏهون هلدا هي.

رورڙ رانجهن رات ريجهايم،
پلک پليڙي دل وِچ پايم،

اورونديان نال پيي رلي رلي،
رخ رونديا تئون گهر ڪِلداهي.

عشق ”امين“ پايم هڪ پل وچ،
دوست دلاساهي دائم دل وچ،

ول ول تئن ڏي ولي ولي،
ول وچ ”وَجَهَڪ“ ولداهي.





## ڪافي –8 (ڪاريهل- گنڌاري)

### ڪربل دي وچ ڪنڌ ڪپايم

بر دي دا بيک بهان، آکي عبد وچ آپ سمايم

بردا مئن بادشاه بہ مئن هون،
هر هڪ دا سنڌ ساه بہ مئن هون،
رهبر تي گمراه بہ مئن هون،
هر مظهر ميڏا مئخان،
هر مئيگون وچ موج مچايم.

باه برھ آسمانون آيم،
عاشق ”هو“ ڪر احد الايم،
طور تجلّي نال جلايم،
بحر بدل بَرُ گهت گمسان،
بت خاڪي وچ وِره وسايم.

آدم هو فردوسئون آيس،
موج محبت لهر لڙهايس،
حوت بطن بن يونس آيس،
هود حدر وچ ڪر حيران،
باد برق دا برقعا پايم.



Gul Hayat Institute

نار نسنگ گلزارون گل هي،
ماهہ ڪنعاني ميڏا ملهہ هي،
قصد ڪليم دا ڪيڏا هل هي،
بنما بنما ٿي بيران،
نئي نئي نزدؤن ڪوه ڪنبايم.

سولي سهڪر موت مچايم،
آک ”اَناالحَقُّ“ آپ ڪهايم،
”قُم بِاِذنِي“ دا حڪم هلايم،
پوست پري سٽ بن برهان،
رمز رندي وچ رنگ رچايم.

عشق ”امين محمّد“ سٽِ سيني،
ڪهندا قرب ڪهيندي ڪيني،
بي رنگي دي راز رنگيني،
سر ڏيوڻ دا ڪر سامان،
ڪربل دي وچ ڪنڌ ڪپايم.





# ڪافي –9

## عشق جنهان گهر آوندا

عشق جنهان گهر آوندا، مل ڪر ٻولن ماهي ماهي،
برهہ تنهان نون پاوندا، شان جنهان دا شاهي شاهي.

روز الستئون مئن برهہ دي بنديان،
يارِرانجهي دي مئن ٻولڙين ٻنڌيان،

لات اها مئن لؤنديان،
نال ڪيڙيان ميڏي ناهي ناهي.

هوش عقل ساڏا پل ڳيا ٻهران،
نال رانجهي دي لڳا نينهن نيران،

برهہ ڪيا باز بچيندا،
عشق عقل ڪيتا راهي راهي.

مِل ڪي سهيليان ويکڻ آئين،
رانجهڻ تخت هزاري دا سائين،

برسر تاج ڌريندا،
ڪيڙي جيهي لک گاهي گاهي.

چاڪ نہ آکو ميڏي سر دا سائين،
”امين محمّد“ آيا اٿاهين،

راز رمز مَنَ ماؤندا،
”اِلاّاللهُ“ دي آيا آهي آهي.



Gul Hayat Institute

## ڪافي – 10 (جوڳ)

### عشق دي مهماني

اڄ عشق اسان ڪني آيا هي،
ڪر بسم اللهؒ سر چايا هي.

ڪيتي عشق دي مئن مهماني هي،
ڪل قالب اڄ قرباني هي،

سر ساهہ محب دي ماني هي،
ڪڍهان خون شراب ملايا هي.

جڏان نينهن اسان نون نروار ڪيتا،
هر رنگ وچ هڻ هموار ڪيتا،

هڪ داڻي ڪون خروار ڪيتا،
”سرّ سُبحَاني“ سکلايا هي.

آڪي عين ”امين“ اظهار اٿئي،
وچ نينهن نشي نروار اٿئي.

ابرو تيز تبر تلوار اٿئي،

مڙگان تير تفنگ چلايا هي.





## ڪافي –11 (ڪنياٽ)

### محبت مٺ پريوي

سو ڪوئي ڪام ڪريوي،
جنهن وچ خاص خداؒ خود ٿيوي،

”اَنفُسُ“ سِرّ اسراردلين وچ، دل وچ ڏيان ڏريوي.
هر دي من وچ هر هو آوين، هر سنسار سريوي.
ماڙيءَ تي منصور حوران دي، چڙهہ ڪر چاش چڪيوي.
اللهؒ هو ڪر عبدي والي، من ڪي مرگهہ مريوي.
مئي دا مئي دي نال لبالب، محبّت مٺ پريوي.
احد ”امين محمّد“ هڪ ڄاڻي، برسر بار ڪٽيوي.



Gul Hayat Institute

## ڪافي –12 (ڪنياٽ)

### هو هڪ احد الاوين

سو ڪوئي بيڪ بناوين،
جنهن وچ جامان جند جلاوين.

آدم هو اسرار الستي، بار برهه سر چاوين،
نمرودي دانائُن پري ڪر، هو ابراهيم آڪاوين،
سِردي شطرنج بازي برهون، آ ڪي راند رلاوين،
جسمي حال ”حلاج“ سڏا ڪر، آڻ ”اناالحق“ ڳاوين،
پُنگي پن سٽ عبدي والي، هو هڪ احد الاوين،
سِرُّ ثبوت سمجهه سيوئي، لادي نال نه لاوين،
الف ”امين“ هڪو هڪ ڄاڻي، مَنُ ڪون ”ميم“ مناوين.





## ڪافي –13 (ڪنياٽ)

### هو هو هر دم هر جاءِ هٿيندا

آک ”اناالحق“ ٿي اظهار،
وچ وحدت وچ ملڪ مٿيندا.

وحدت وجود وچا ڪر ويکو، اي صبيّان جوانو شيخو،
”لا“ دي لذت پاوي جيکو، جان جسم ڪري ننگ نثار،
همت هوڻ دي پاڙ پٽيندا.
آکو عشق الست هي آن وچ، طور تجلّي تارک تن وچ،
محبت دي ميخاني من وچ، پُر ڪر پيوين مئي ڪون مار،
هو هو هردم هرجاءِ هٿيندا.
الحق ٿي اثباتئون پاسي، ناز نفي دا برهه نه باسي،
عشق الک دي نين نراسي، تنهن دا طالب ٿي تڪرار
جنهن دا جڳ وچ جلوه جٿيندا.
ويکه عشق آفتاب اياري، الٿ عقل دي چپ گئي تاري،
سارا سپهر گهٿيان گهاري، لؤن لؤن دي وچ لاوي لار،
من وچ مڙگان سانگ سٽيندا.



Gul Hayat Institute

## كافي –14 (كنياٺ-كماچ)

### عشق دي آمد

عشق ميڏي گهر آوندا، ملكو مئينون ڏيئو مبارڪ،
برهه ميڏي من پاوندا، مئن سلطان مغرب تي مشارق.

عشق عقاب چكي ڏي چاري،
جان جگر پٽ پرزه پاري،
مرغ مجيب مريندا،
كيا كنجشڪ تي طوطي شارڪ.

عشق عقل دي ورد وجائي،
دام دلين كون الٿي آئي.
لڪ لالي لٽكيندا،
چاڙهه چنبا نوچ برهه دي بارق.

تسان اسان ڏيان رمزان رليان،
ماءُ پيءُ آكي مول نه وليان،
سودا سُود سريندا،
يار دليان دا ثابت صادق.

مئن ماهي تَئون اولي گهولي،
دل نفعا نقصان نه ڳولي،
گهاٽا وٽج گهڙيندا،
رانجهن دي هن تاب تبارڪ.

”امين محمّد“ عشق ديان ڳالهين،
سٽ سيني وچ جئي دي جالين،
محب موهني مليندا،
فكر كنون دل كركي فارق.





## كافي –15 (كنياٺ)

### اسرار الستي

عشق اسان ڏي كول، الاكي انحد آيا.
جهاتي پاكي جهات كيتوئي، ناز نيٽان دي نال نيتوئي،
”انفس“ سر وچ سر ستوئي، جان ڏيوان جند گهول،
كريمي كر كار آيا.

مئن اهو منصور كهايا، جنهن ”اناالحق“ آڻ الايا،
”ماسبحاني“ ملهه ملايا، هڻ گهتوئي هول،
مئن شاهي شملا پايا.

نال ثبوتي سينا ساهيم، سولي دا سردار سڏايم،
جڏان ”وَجُهَڪ“ دا وٽج وهايم، پن ستيوني پول،
سري سرمد سلايا .

آڻ الف اقرار كيتوسي، آپي ساقي آپ پيتوسي،
اِلاّ اللّٰهُ دا اسرار نيتوسي، ماسي تولي تول،
”لا“ دي نال نه لايا.

آڪ ”امين محمّد“ اسرار الستي، هڻ كيون كيتوئي مئي دي مستي،
اها مئي دي مستي، پُندي وستي، چپ چپاتي چول،
چپين چپ چال چلايا.



Gul Hayat Institute

## ڪافي –16 (ڪنياٿ)

### برهہ دي باهہ

مئن وچ مؤج مريندا، عشق الیندا آري آري،
ڪيا وت ڪيس ڪريندا، جان جگر پٽ پاري پاري،

قيس ڪنين پائي بانگ جرس دي،
ڪوهہ ڪَن قصد ڪيتي رنگ رس دي،
تيشہ ڪار ڪريندا،
سپ لگ لوهو دي ناري ناري.

سَيّان سهليان ڪِيون ڪوڙ الاون،
رانجهي دي سهٽي سڏڙي سيباون،
جي ماهي يار مريندا،
ڊوندي دا چا ڪري چاري چاري.

عشق اصل ڪنون بات بٽائي،
”يَهدِي“ ”يُضِلّ“ دي ڪار نہ ڪائي،
سپ سنسار سڙيندا،
باهہ برهہ پرياري پياري.

وچ مسجد منوّر ميخانا،
آيا ”امين محمّد“ مرد مردانا،
واقف گهاٽ گهڙيندا،
ناز نيڻ سپ نياري نياري.





## ڪافي –17 (ڪنياٿ)

### رندون ڪا سودا

دم دم دلبر دور نهين هي، مذهب مؤمن هندو ڪا،
هر شئي دي وچ جهاتي پاوڻ، اي راز رمز رک رندو ڪا.

وچ مسجد ميخاني اوئي،
بتخانہ وچ اور نہ ڪوئي،

جس ول ويکون سمجهون سوئي،
چوڏس چارا هي چندو ڪا.

تاڪر دواري وچ دل آوندا،
راڳ رانجهن دا هرڪوئي ڳاوندا،

جي ڪوئي ڳاوندا ميري من ڀاوندا،
سودا سارا هي زندون ڪا.

ڌُڪڙ ڌامين ڪيئي نادَ وڄاون،
جوڳي هو ڪر جوت جڳاون،

جٿان لئون لاون اٿان پئي آون،
آتش باران هي رندون ڪا.

تن تجلّي مک مول نہ موڙن،
جبر نقص دا چرک نہ چوڙن،

عشق ”امين محمّد“ وچ ووڙن،
بخرا پا ڪر بندون ڪا.

## ڪافي –18 (ڪنپاٿ)

### هر هنٿ دي وچ مئن هل هون

ڪـٿ هـنـدو ڪـٿـان مـؤمـن مـذهـب،
مـئـن هـون ٿـاڪـر دواري مـئـن دل هـون.

گــيــا گــرو هــي مــيــرا آوڻ،
ستگر جڳ سنگت پرٿم پاوڻ،
جـنـم جـراڪـت مـرمـر مـاوڻ،
دوا پـر ڏرمـڪ مـئـن رل هـون.

جسد مـيـن هـي سـنـگـت تـيـرا،
سـنـت سُـلا پـرتـا مـن مـيـرا،
ڪچي مچي ماگهن هر گهت گهيرا،
هر پـنـٿ دي وچ مـئـن جـبـل هـون.

انــدر آوڻ ســارا جــڳ ســانــوڻ،
هـر بـرهـمـڻ ڪـون پـيـد بـتـاوڻ،
گـنـگـا گـورڪ گـهـر گـهـت ڪـاوڻ،
جـمـنـا دي وچ مـئـن جـل هـون.

ڪـلـپ ڪـهـت ڪـر رام ريـجـهـايـا،
هــر هــردي وچ هــر نــون پــايــا،
رام مــلــي ســپ مــلــدي مــايــا،
هــر مــايــا وچ مــئـن مـل هـون.

اربـٿـہ عشـق ”امـيـن محـمّـد“ انـٿ،
ڍونــدي رهــي ســپ پــٿــر پــنــٿ،
بـديـان پـرڪـر هـون مـئـن هـر هـنـٿ،
هـر هـنـٿ دي وچ مـئـن هـل هـون.





Gul Hayat Institute

# ڈوهیڑا







Gul Hayat Institute

(1)

اول کوئي انصاف کري، وچ سيني شطرنج جوڙي،
تخت اتي چا شاھہ ٻلھاوي، آڻ رخي تي گھوڙي،
وچ پھلو دي ويک وزير، جو مار مريندا ڏوڙي،
اُلٽ پلٽ گھت گھوڙي، جڏان آ سر تي پوندي سوڙھي،
جيکو ئي وت وزير مراوي، سو کٽي بازي ٻوڙي،
ري وزير شہ کون شہ ڏي،متان نفس نھوڙي،
آءُ ”امين“ چڙھ عشق دي ٻيڙي، تان رَسُ نان راند نہ چوڙي.

(2)

خفي جلي اتي کشف کرامت، اتي سپ اوري چالي،
دل ٹُون منگ ديدار سڄڻ دا، وچ جلوه دي جالي،
روح رَلا رمزان وچ ويکو، عشق اڳي پرنالي،
مردان کون معراج وکيندا، جتان پڙکن پالي،
مئن بن تاري ترڻ نہ ڄاڻان، من ٿيوم سوز سمالي،
مان ماهي ميلاپ کري، شالَ ترکي نديان نالي،
”امين محمّد“ عشق هوران دي، هن نازک کم نرالي.





(3)

عشق عجائب الٹين باتان، هئي هئي هل مچايا،
هئي هئي حال حقيقت والا، سارا حرف سٹايا،
”نحو“ دي نيڙي جهڳڙي جهيڙي، ”جزوکل“ قلب کنبايا،
ماسويٰ کر مار سٹيوني، هڻ هو هو دا رايا،
ٿي هو وچ غرق تان غرض ٿيوئي، سرّسبحاني سايا،
”وَفِي اَنفُسِکُم“ سرّ سيوئي، سيني وچ سمايا،
”اناالحق“ حلاج الايا جنهن کل کنڌ کپايا،
هَي هَي آک تہ هُو هُو ٿيوي، او کثرت اي کايا،
هو وي عشق ”امين“ اسان کون، جنهن ملدي ملدي مايا.

(4)

”الف“ الستي بانگ سٹائي کُلهم ”قَالوا“ ٻولي،
ناز نفي دي واقف نہ هاسي، چٹنگ پئي وچ چولي،
ساڙ لحاف تي پاوسَٹ هڏان کون، آٹي کرايس اولي،
وچ جهروکي جهاتي پاکي، ماهي مندر ٻولي،
هردم حال حقيقت والا، پا کي هوسي هولي،
”امين“ اَلستُ بِرَبِّکُم سڻ، رمز رندي رک رولي.



Gul Hayat Institute

(5)

”ب“ بَدوّح بُهاران برسر، ماهي مندر آيا،
باري برقعہ کول خلافت ڪر، سبحاني سايا،
ميم دي چادر مٹ ڪراهڻ، انحد آڻ الايا،
”امين“ عشق اهو حق چاٹي، چوڙ دوئي دا رايا.







Gul Hayat Institute

# متفرقات





## مرثيو

## منظوم خط

## لولي

## سي حرفي

Gul Hayat Institute

# مَرْثِيو







Gul Hayat Institute

(1)

السّلام اي ”سرّ سُبحانَ الَّذِي اَسريٰ“ امير،
السّلام اي سيدا يٰسٓ، طٰهٰ مهرِ منير،
السّلام اڙين اَجها اي دل دکين جا دستگير،
السّلام اي مرسلن جا مقتديٰ صدر سرير،
السّلام اي سر جدا سردار سرور السّلام،
السّلام اي شافع في يوم محشر السّلام.

(2)

جڏهن حسينؓ ابنِ عليؓ پيدا ڪيو پروردگار،
حڪم ٿيو ان وقت جبرائيلؑ کي از ڪرد گار،
ڏي مبارڪ مصطفيٰؐ کي وڃ مديني جي ديار،
لوڏ اُن پياري جو پينگهو ويهي نيٽن واهي نار،
”في الجَنانِ نَهْرُ لَبَن“ هيءَ لال کي لولي ڏجانءِ،
هَيءِ حُسَينا هَيءِ حُسَينا، هيئن چئي ڪورنش ڪجانءِ.





(3)

اصل ڪئون اقطاب هو شاهِ شهيدان ڪربلا،
”انت مِنِي مَن مُدّعا“ چوندو هو جنهن کي مصطفيٰؐ
نُور چشم و ماهرو خوش وقت چيو خيرالنساءِؑ،
مرحبا ”مِن رّوح رُوحِي“ الرّضا ۽ مرتضيٰ،
هو رسول اللهؐ جو جنهن کي چون پيارو پسر،
سو حسينؑ ابنِ علي شاهِ شهيدان بحرو بر.

(4)

اڪثر گهڻو سي گهوٽ گهاريندا هئا مرسلؐ جي گهر،
چوندا هئا اُن کي ڪِ آ ”وَالشَمّسُ وَالضّحيٰ وَالْقَمر“،
آگي تنهنجي ڳالهه هِي پيارا ڪئي هئي پڻ پڏر،
روندا هئا نانو ۽ بابو درد دک ۾ سربسر،
چوندا هئا بابا جڏهن تون ماربين ميدان ۾،
مرگ ٿيندو مرسلن کي روضهٔ رضوان ۾.

(5)

چئو تہ يارو جن جي خدمت ۾ خدا جا خاص هئا،
تن جا رتبا ۽ رضائون خالص الاخلاص[1] هئا،
نُور عينين مصطفيٰ ﷺ هردو پيارا پاڪ هئا،
”بَضۡعَةُ مِنِّي“ نسب پارهہ جگر دل چاڪ هئا،
”اِنَّمَا يُطَهِّرُ يُرِيدُ اللهِ“ جن جي شان ۾،
تشنہ لب خستہ جگر ڪيئن ماريا ميدان ۾.

(6)

هاڻي تون هڪ رات جا سڻ حادثا ۽ هُلَ حشر،
جڏهن ڇهن ورهن جو ٿيو لعل لاابالي هو گُهَر
وَالضُّحىٰ وَجهُكَ شجاع شاهِ شهِيدان بحروبر،
فائقي فرمان جنهن جي واسطي هو ”وَالۡقَمَر“
اُمّ سلمہؓ جي اڱڻ آيو عليؑ جو نونهال،
ٿي پڇيئين آيو آهي نانو نبّي ذِوالِجلال،

[1] خالق اخلاق، ص:208





(7)

اُمّ سلمہؓ چيو اڳيان اي مرحبا ميرل اچو،
آنهنجي ناني اچڻ جو وقت آهي ويجهڙو،
ترس تا اوپڻ اچي محبوب مرسل ﷺ من مِٺو،
اي ابا تنهنجي اچڻ جو مون ٿي اڄ رستو ڏٺو،
فارغِ المحراب منبر تي اچن تا هن گهڙيءَ،
تيستيئن آرام فرمايو اي منهنجا پيارا پيءُ.

(8)

تڏهن پلنگ تي پير ڏئي خوش ٿي ستو ابن الامام،
انتظاريءَ ۾ انهيءَ ايندو اجهو او ذوالڪرام ﷺ
مر اسان جو منهن ڏسي نانو نهاري صبح و شام،
آءُ اُن سان اڄ ڪريون ڪي پاڻ ۾ قرب و ڪلام،
تان طبيعت ناز پرور ننڊّ نرمل ڪي ڪنيو،
سر رکي بالين بستر تي سڄڻ سمهي رهيو.



Gul Hayat Institute

(9)

ٻن گھڙين کان بعد اُت آيو رسولِ ذوالجلالؐ،
۽ ڏنئين بستر ستو بالين تي بدرالڪمال،
اُمّ سلمہؓ کي چيائين ھي اسان جو خوشخصال،
مرسُتو سؤکو رھي ھن ساڻ واحدؔ جو وصال،
ٻيو پلنگ پرساڻ ھن جي آڻي جوڙيو جود ٿيو،
من گھريو مطلب اسان جو ھن مڙئي موجود ڪيو.

(10)

اُمّ سلمہؓ اُن گھڙي، آڻي وڌو اُن سان پلنگ،
منھن ڏنو ٿي مصطفيٰؐ لولاڪ صاحب لعل رنگ،
خوش ٿي چيئون اُمّت اسان جي نُور جو پرور تي ننگ،
حشر ۾ ھوندو اسان کي ھن جو ھمرھ ساٿ سنگ،
آئي ننڊ بيبيءَ کي باقي پاڻ پيا ذڪرِ خدا،
اوچتو عرشن کان ٿيو آواز نرمل کي ندا.





(11)

يا محمّد مصطفيٰ ﷺ اڄ ماريہ مجلس جڙي،
۽ اوھان جي لاءِ آيا ماڳ اُت مرسل مِڙي،
۽ عليؓ ڏي اوليا الحال حاضر ٿيا ھلي،
ھن اوھان جي پياري پٽ لئي اڄ عزاداري لڳي،
۽ ڏسو ارض و سما ۾ ھي حشر ۽ شور شيَن،
سڀ ڪي وائي وات ھيءَ ھر ھڪ چوي ھَئي ھَئي حُسين.

(12)

جوڙي جبرائيلؑ آندي اُت انباري سبزدار،
سڀ ملڪ موجود ٿيا سنبري ٿيو سرور سوار،
ڪلّ لَيّل "ڪربلا" ۾، مظھر و ماتم تنوار،
ھَي حُسينا ھَي حُسينا ڪيو رئن رت زارو زار،
خاڪ سر سيني کي واويلا جي اُت ٻاڪار ھئي،
سر پِٽڻ سينو ڪُٽڻ ۽ ٻي نہ ڪنھن جي ڪار ھئي.

(13)

آدم و نوح و خليل ۽ آلِ عمران اشڪبار،
۽ بہ اسماعيل آن دم ٿي رنو رت رشتہ دار،
موسيٰ ۽ عيسيٰ بہ آيا ٿي رداءُ بيقرار،
هر ڪنهين ڳل ڪاري ڪفني آه هڪ هئي هزار،
جڏهن محمّدؐ جو قدم پيو ماريہ ميدان ۾،
سڀ مَلڪ موجود ٿيا ان گوڙ ۽ گهمسان ۾.

(14)

مڙئي مرسل معرڪي هئا حال حضرت هو بهو،
سر پٽي سينو ڪٽي ڪيئون رنگ پنهنجا سرخرو،
ڪربلا جي خاڪ ۾ مڙئي ٿيا ژوليده مُو،
هٿ ڪٽي حضرت اڳيان ڪيئون آه عرشين ڪوبڪو،
چيائون هي ماتم اسان جو حال هي زارو زبون،
آهہ اي ختم الرسلؐ انا اليہ راجعون





(15)

۽ بہ اسماعيل آن دم هٿ چمي ڪيو هي عذير،
هاءِ هن ڏرتيءَ مٿي ايندو هلي حضرت شبير،
هوندو عزرائيل انسان تان بہ تقدير قدير،
۽ بہ ٿيندو قتل هن هنڌ نائب نعم النّصير،
۽ هتان هڪ خاڪ جي چپٽي امانت نيو اوهان،
جڏهن اهائي سرخ ٿئي تڏهن قتل ٿئي شاهِ جهان.

(16)

تڏهين وجهي دامن ۾ دلبر خاڪ ڪنئين خيرالوريٰ،
۽ چيو جبريل کي ان حاميؐ هردوسريٰ،
آڻ هڪ شيشو شتابي از ڪرم ڏهون ڪبريا،
تان رکئون هي خاڪ خاصن جي امانت اتقيا،
آندو جبرائيلؑ جلدي سان نمونو نور جو،
۽ اڳيان آڻي رکي ڪيائين معجزو مذڪور جو،



Gul Hayat Institute

(17)

چيائين هن مرقد ڪي مرسل خاڪ سين هاڻي پريو،
جي اوهان جو جانبِ دارالبقا ڏي سفر ٿيو،
تان ڏجو هي اهلبيتن ڪي مقرر معجزو،
جو پيارو پاڻ وٽ ڪنهن ڏيان سان نيئين ڏريو،
چئجو هن مرقد جي جڏهن خاڪ ساري خون ٿئي،
تڏهن اسان جو لعل و گوهر ماڳ هن مدفون ٿئي.

(18)

پوءِ مڙني مرسلن ئي موڪلايو مير ڪان،
بعد ماتم معرڪي ان تابع تقدير ڪان.
زيب و زينت عرش ڪرسيءَ جي محمّدؐ مير ڪان،
حاميءِ هر دوسريٰ ان عاصين دلڏير ڪان،
السّلام عليڪ يا شبّير جا نانا نبيؐ،
منجهہ قضا هن قتل جي توريءَ رضا ٻي ڪانہ ڪي.





(19)

آن ڪي آهي شاهدي ۽ هن عَزاداريءَ جو حال،
ڪيو اسان پورو اچي فرمايو جيڪي ذوالجلال،
هاڻي مڙئي ماتمي آهيون اسين قربِ ڪمال،
هي اَجر ايندو اسان ڪي تنهنجي نرتئون نت مقال،
پوءِ جبرائيل عليؑ سان هت عزاداري ڪئي.
هَي حُسينا هَي حُسينا ناله و زاري ڪئي.

(20)

هٿ چمي ڏئي حاضري ارواح ٿيا عرشن جي پار،
آه سرد آبِ روان محمّدؐ مديني جي ديار،
چيائون اي جبرئيلؑ اخي حڪمِ قضا سان ڪهڙو عار،
نا تہ ڪنهن جي سيني جي ساندڻ جي آهي هيءَ نار؟
اي ادا آهي اسان ڪي راز ربّ العالمين،
نت اسين هن لئي پڙهون جي جامع المتفرّقين.

(21)

هڪ گهڙي اڳهين اٿي بيبي محمّد ﷺ مير جي،
جان ڏسي تان ناهه مرسل ڪٿ مٿي نرمل نبي،
۽ ڪڙا قابو درن کي ٻي نہ ڪا آهي دري،
ان تعجّب ۾ تحيّر هئي اچا تان آه ٿي!
جان ڏسن تان هٿ ۾ شيشو ۽ رسولِ رازدان،
منهن مبارڪ گرد ۾ ۽ آب اکڙين ڪان روان.

(22)

تڏهين ڏسي هن حال جو ٿيو اُمّ سلمہؓ کي عجب،
چيائين يا مرسل مٺا هيءَ آه و زاري ڇا سبب
۽ ڪريم معلوم هي جگر جفا تردد و تعب
زلف گرد آلوده آهن آه لب لرزان غضب،
نُر چشمان ناز پرو هُئين تون ڪامل منجهہ قرار،
گرد آلوده ٿيا ڇو، تنهنجا گيسو مشڪبار؟





(23)

چيو نبيؐ ان کي نهار هڪڙو دم خاموش ڪر،
هي اسان جي هٿ سو وهلو وٺي رک پنهنجي گهر،
تان ڪريون مذڪور آن سان جيڪي گذريو سربسر،
هَي اسان جو هَي قراريو لاڏلو پيارو پسر،
تنهن جو اڄ مظهور مون سان مرسلن ماتم ڪيو،
راز ربّ العالمينؐ جبرئيلؑ شامل حال هو.

(24)

سر ڇميو محبوب جو چيائون نير نيڻن واهي نار،
”لاَيُضِيعُ الله اَجرالمُحسِنِينَ“ اي من قرار،
ماريہ ميدان ۾ تون هڪڙو، هُو هوندا هزار،
تشنه لب دريا ڪناري سر ڪندا جڏ ڏڙ ڪان ڏار،
تون سوا صبرن ۽ شڪرن جي نہ ٻي ڪا ڪار ڪج،
مرد ٿي ميدان ۾ سيئي بلائون سر سهج.

(25)

نـاز پـرور نـانـي جا اي جيءَ جـگـر جانـي حسيـنؓ،
مرسلن ماتم ابا ڪئي تنهنجي مهماني حسينؓ،
تنهنجي غم ڪؤن عرش ڪرسي آهي ارماني حسينؓ،
اي ذبـيـح الله اسـمـاعـيـل جـا ثـانـي حسـيـنؓ،
مرد ٿي محلات پيچ هي تنهنجي سر سپ بار آهه،
ڪـربـلا نـانـو نـہ بـابـو ريءَ خـدا ٻيـو يـار نـاهـہ.

(26)

اُمّ سلمہؓ آه جڏهن هي ڳالهہ مرسلؐ ڪان سٽي،
بيبي اُت بيتاب ٿي هَيءِ هَيءِ ڪري سر هٿ هٽي،
چا نبي خيرالوريٰ هيءَ وائي جان آن ڪي وٽي،
۽ انهيءَ ارشاد ڪئون ٻچڙي ڪي شل رڪندو ڏٽي،
هن مِـنـي جـون مـن مـرادون شـال ڏيـڪـاري اللهﷻ،
هي سلامت هئي سدا، آءُ هن تان ڪريان صدقو ساهہ،



ڪلامِ امين

(27)

ابـتـدا تـا انـتـهـا هَـي هَـي جـنـي جـو هـهـڙو حـال،
بـعـد نـانـي بـابـي ڪـان ان تـي جـئـڻ آيـو جـنـجـال،
تانڪ ڏک سک ۾ گذاري ٿيو عمر پنجاهہ سال،
جسم جمعيت ڪين هئي ۽ ساهہ ساري ٿو وصال،
جيڪي سرگذري سا گذري لعل ڪي ليل و نهار،
نـانـي بـابـي ۽ ادي جـي سـاهـہ ڪـي هـر وقـت سـار،

(28)

جَامِعُ الـمُـتَـفَـرِقـيـنَ الـفـاظ پـڙهـنـدي ڏيـنـهـن رات،
تان اچي ڪئي اوچتي ڪا قاصدن ڪوفين جي بات،
چيائون يا ابن الامام آهي اوهان جي تن ڪي تات،
آءُ اسـيـن بـيـعـت ڪـريـون يـا سَـيِّـدِ عـالـي صـفـات،
مـهـربـانـي جـو مـجـاهـد ڪـو ڪـرم ان تـي ڪـريـو،
جيڪڏهن ڪوفي طرف اقدام عاليءَ ڪي ڌريو.

(29)

تڏهن مجي هي مرتضيٰ فرزند فرمايو ڪِ ربّ ؑ،
ٿيو اسان ڪي حال حاصل دير سو ڪهڙو عجب،
پنهنجا نيندس پاڻ سان خورد و ڪبائر ساري سپ،
جن ڪي از روز ازل هوندو سعادت جو سبب،
سي سيئي مون ساڻ هلندا شام شهزادا سوار،
توڙي پنڌ پيادو ڪَٽيندا ڪين مڙندا منهنجا پار.

(30)

هيئن چئي اسباب آٽيايئون سفر جو ساز ٿيو،
از زمين تا آسمان اهو الوداع آواز ٿيو،
چئي چڙهيا ”نَصُرمِّنَ اللهِ“ اڄ رباني راز ٿيو،
هيئن قلم چيو ٿي قضا ڪي هي نسورو ناز ٿيو،
هي حقيقت چا لکان اي آسمان انڌار آهه،
هي شهيدِ ڪربلا ڄاڻي، جنهين تي بار آهه.





(31)

ڇا لکان تيغ و تبر ۾ ڇا هنن ڇاتي ڇوان،
هي حياتيءَ ۾ هميشه صرف صفاتي ڇوان،
”ڪُلّ شيءٍ يرجِعُونَ“ هي ذات ۾ ذاتي ڇوان،
يان ”امين محمّد“ اهيئي سرّ سماواتي ڇوان،
هي مدد منهنجي ڪندا دوجڳ ۾ ۽ دنياؤدين،
ڪر صبر سر ڄاڻ ”انَّ اللهَ مَعَ الصّابِرِينَ“

(32)

هادِيِ هر دوجهان رهبرِ راهه حسينؓ،
آسماني عزّو عظمت جا مهر ماه حسينؓ،
ٿو ڪريان هن حال جي آنساڻ آگاهي حسينؓ،
ڏي مداحيءَ ڪي مراتب يا شهنشاهه حسينؓ،
داد ڏي دارين جو يا وارث والا ولي،
توتي هي سرُ خَفِيّ مالڪِ مُلڪِ جلي.



Gul Hayat Institute

# منظوم خط

**جوابِ خط مخدوم امين محمد سائينءَ جي طرفان**
**بطرف سيّد حيدر شاهه اجناڻي.**







Gul Hayat Institute

”العِشقُ نَارُ اللّٰهِ“ کي، جي سالک سڄاڻي،
تہ سر ڏئي سودو ڪري، نينهن وٺي ناڻي.

وري وجه اللّٰہ ڄ ڏي پڌرو ٿئي پاڻهي،
ڪنين سوري سيج ڪئي، ڪي گهميا ڪي گهاٽي،
ڪي سر قدمِ يار چئي، هليا ويا هاڻي،
انهيءَ اهڃاڻي، اٿئي حيدر ڪم هّمت جو.

حيدر شاهہ همّت سان، وٺ گاروڙين جو گس،
”لا“ ۾ لاهوتين جو، ڏوري پيچ ڏس،
ٿي آڏوتي اکڙين ڪان، نير وهايو وس،
پوءِ جوڳي چوندئي جس، اچي آسڻ تنهنجي.

جي پانئين جوڳي ٿيان تہ جهونجهي ڏسج جُوءِ،
مٽڪا مالها جا چني، هل هنئين جي سُوءِ،
سيڪو داڻو دل جو، وجي پنبڻين وٺان پُوءِ،
پوءِ ”هُو هُو“ منجها هُوءِ، پاڻي ٿيندا پڌرا.

وڏائون وحدت جا، دل اندر درياهہ،
بابوڪاهين بَر ڏي، سامي سنجهہ صباح،
وٺي ويراڳين ڪي، صبر جي صلاح،
تن آديسين ڪي آهہ، اٿئي پهر الک جي.

اٿئي پهر الک ڏي، آءُ حيدر شاهہ هلي،
جهنگم جي جمال ڪان، ڳولڻ جي ڳلي،
اها آديسين ڳالهڙي، سورن ساڻ سلي،
راهوندڙ منجهہ رلي، تڏهن جوڳن جوءِ ڪئي.







Gul Hayat Institute

# لولي





Gul Hayat Institute

## لولي (سي حرفي):

آءُ وري -!

دک ماري دردن جو، سڄڻ تو سري،
آءُ وري آءُ وري، واهر ڪر يار، آءُ تو لئہ چري.

(1)

خبر نڪو خابرو، سڪندي ٿيم سال،
پهتو خط خوشيءَ جو، ڪانگل هٿان ڪال،
اچڻ جي بہ عجيب ڪئي، مان ڏي محب مقال،
لاءِ تہ ٿيون لال، ميندي مبارڪ جي.
آءُ وري...

(2)

سامي سماوات جو، سير ڪيو سعيو،
رانول راهوندڙ ڪنڌئين، نيئي دونهون دڪايو،
اوچڻ آديسين ڪي، الستئون آيو،
روح اهيو رايو، تہ گڏگذاريون ڏينهڙا.
آءُ وري...

(3)

جوڳي جاڳائين ٿا، دل اندر دونهان،
ويراڳي وصال جا، سناسي سونهان،
ڪمر ڪلابا ٻڌي، مرڪي ٿيا مونهان،
راضي ٿي روحان، رڙهندي راهوندڙ ڏي هليا.
آءُ وري...





(4)

”الف“ آديسين جي، ماءُ نهوڙيس نينهن،
وري سي واريءَ تي، وَتا محبت مينهن،
پهچان مانَ ”پريل“[1] چئي، ماءُ سناسي سيئن،
ڏنڙي ٿيم ڏينهن، ڪينر ڪاپڙين جا.
آءُ وري...

(5)

”ب“ براتون يار جون، اجهي مون آيون،
بابُو بهريا ب ٿيا، آين اوساهون.
سپ سهارا سير ٿيا، ڪٿجي ڪارايون،
پڌر ٿيا پايون، ڳجهيون ڳجهڙيون ڳالهڙيون.

آءُ وري...

[1] سائين پکن ڏٽيءَ جي حاضريءَ جو فقير.

(6)

”ت“ تواضع يار جو، مٿي مون آهي،
ساھ سِري صدقو ڪريان، لڱن تان لاهي،
ماڻ ملاقي مون ڪري، راهوندڙ ۾ راهي،
چنڊ مان چاهي، گڏج تہ گوندر لاهيون.

آءُ وري...

(7)

”ث“ ثبوتي ڳالهڙيون، جوڳي جاڳائين،
نعرا نفيءَ جا هنيو، خوديءَ کي کائين،
آڏوتي ارداس ۾، الڪ سان آهين،
”لا“ سڌو لاهين، ”الف“ کي اوڏو ڪري.

آءُ وري...





(8)

”ج“ جدائي يار جي، اڄ مون کي ٿي ماري،
عهد اڄوڪي ڏينهن جا، ماڻ پرين پاري،
جوڳي منهنجي جان کي، آيل اُجاري،
آءٌ ڪنڌئون اُڪاري، سر سنياسيءَ کي ڏيان.

آءُ وري...

(9)

”ح“ حليمت سان ٿيو، واريءَ ۾ واپار،
سي سنياسي آئيا،جن جو جيءَ اجار،
هن زماني ضعيف ۾، ڪيائون ڪريمي ڪار،
اندر جو تہ اجار، ”امين محمّد“ آئيو.

آءُ وري...



Gul Hayat Institute

(10)

”خ“ خوشيءَ جون خبرون، مان ڏي مُڪائون،
”خَيــرمِّــنَ الــنّــوَمِ“ ڪان، جاڳڻ جفائون،
”من عَرَفَ نَفَسه فَقَد عَرَفَ رَبّه“، ائين اُتائون،
راهوندِ رَتائون، هالن ڪان بہ هلي ڪري.
آءُ وري...

(11)

”د“ دمامان عشق جا، ويتا وڄائين،
تُنبيُنِ ڪي تارون ٻڌي، ڳجهڙو ٿا ڳائين،
آڏوتي ارداس ۾، الڪ سان آهين،
لِڪ نٿا لاهين، جيڪو آر الست جو.
آءُ وري...





(12)

”ذ“ ذڪر اذ ڪار ٿيو، آديسين ڪي ايءُ،
سامي سر عرفان ڪان، ”هو هو“ چون هيءُ،
پرت پيالا هٿ ۾، پلٽيون چون پيءُ،
آءُ اسان جو ٿيءُ، ثابوتي سبحان جي.
آءُ وري...

(13)

”ر“ رياضت تن جي، مڙني ڪي معلوم،
ويراڳي ويهي رهيا، بَرُ ڪيائون بوم،
ڪنڌ ڏريائون ڪات تي، سپ اُجاري صوم،
اندر هُلَ هُجومَ، گاروڙين گرناٿ جا.
آءُ وري...



Gul Hayat Institute

(14)

”ز“ زيارت تن جي، قادر ڪاري مانَ،
هتان جي هلي ويا، سور ڪري سامان،
مانَ رهن ڪا راتڙي، مون وٽ ٿي مهمان،
اسان تي احسان، موٽي ملڻ جا ڪندا.

آءُ وري...

(15)

”س“ سخاوت سان ڪري، اندر اُجاريَئون،
ٻاري ٻاهه ٻره جي، ”ماسوا“ ماريَئون،
اڪڙيون الڪ ڏي ڪٽي، نرتئون نهاريَئون،
پر اها پاريُئون، ”احد“ سان اقرار جي.

آءُ وري...





(16)

”ش“ ٻڌائون شملا، ڏاڳا ڏريئون لال،
تُنبين ساڻ طواف جي، رتائون رومال،
ويٺا ونديں پاڻ ۾، حقيقت جا حال،
معرفت جا مال، جوڳين جوڙي هٿ ڪيا.

آءُ وري...

(17)

”ص“ صبوري سندرا، جوڙي ٻڌا جن،
آڏوتي اسرار جون، پِرَسين پچارون ڪن،
ڪينر ڪاپڙين جا، ماءُ منهنجي من،
ڏهاٽي ڏسجن، جي پڪا پرين اڏيا.

آءُ وري...



Gul Hayat Institute

(18)

”ض“ ضميرئون جن ڪي، رائي منجهہ رهاڻ،
سدا ساري جندڙو، اللهﷻ آديسي آڻ،
جيجان جيءُ جُڪي گهٽو، قلب جن جي ڪاڻ،
حيلا ڪنديس هاڻ،انهن جي بہ اچڻ جا.

آءُ وري...

(19)

”ط“ تمنا طلب جي، اندر ڪي آهي،
جيجان جوڳين سان ٿيان، لاڳاپا لاهي،
جهنگم جي جمالي ڏي، قرب ٿو ڪاهي،
اڪين ڪي آهي، وِجهل ويراڳين جي.

آءُ وري...





(20)

”ظ “ ظهوري يار جي، راهوند رچايو،
ان ڪي مچ مجاز جو، الستئون آيو،
هلڻ جو هنگلاج ڏي، رانوَل ڪي رايو،
”پريل“ پچايو،اندر عشق عجيب جو.

آءُ وري...

(21)

”ع“ اچي اثبات ٿيو، اڄ امين آهي،
مَام محمّدﷺ جي رکي،ڪلمي سان ڪاهي،
الاّ اللهﷻ آڳانديو ڪري، سُنگ اهو ساهي،
”لا“ سان ٿو لاهي، مڙئي دوڪا دل جا.

آءُ وري...



Gul Hayat Institute

(22)

”غ“ غلامي يار جي، رهندو سو راضي،
ان کي استقبال ٿيو، قلب ۾ قاضي،
ماضي مڃن ڪينڪي، رمز ۾ راضي،
اها ايراضي،سامي سبق سکيا.

آءُ وري...

(23)

”ف“ فياضي ڳالهڙيون، دل ڪان ڪر نه دور،
فهم فڪرن سان ڪيو، آديسين عبور،
ادنيٰ ڪان اعليٰ رسي، نرمَلَ ٿيا نور،
”پريل“ تن جو پور، دمدم پوي دل تي.

آءُ وري...





(24)

”ق“ قلابا ڪيوَٽيون، جوڳين جو جنسار،
اٺئي پهر اُنهن کي، وحدت جو واپار،
”امين“ محمّد آئيو، اڙين جو آڌار،
”پريل“ تنهن جو پار، جوڙي رکج جيءَ ۾.

آءُ وري...

(25)

”ڪ“ ڪثافت دور ڪريو، جوڳي جلائين،
اٺئي پهر الک سان، آديسي آهين،
”لا“ لانگوٽين کي وٽي، آڱ ۾ آهين،
”هُو هُو“ هلائين، ٿليءَ ڏانهن ٿري ويا.

آءُ وري...

(26)

”ل“ لباسئون دور ٿيا، ڏاڍا ڏريائون،
هٿ ڪنگڻ ڪَن ڪيوٽيون، قابو ڪڙيائون،
ويراڳي وصال ڪي، چت ۾ چُٽيائون،
منگهٽ ماڻيائون، هاٽي هليا هنگلاج ڏي.
آءُ وري...

(27)

”م“ مشارق ملڪ جا، آنڌائون اهڃاڻ،
مرڪي مغارب ڏي هليا، ”امين محمّد“ هاڻ،
آيل آديسين ڪي، ڪنهن جي ناهي ڪاڻ،
آءٌ اُنهن جي ڪاڻ، مادر مران چونء ٿي!
آءُ وري...





(28)

”ن“ نهاريائون نڪري، راهوند جون راهون،
گُسائي جنهن گس ويا، ايندم اتاهون،
ڏند ڍِهاڙي ٿي سٽيان پنڌ نہ پراهون،
اسان جون آهون، مَنَ پَوَنِ ڪَنِ قريب جي،
آءُ وري...

(29)

”و“ ولايت جا ڏٽي، اڱڻ مون ايندا،
ماٺهو شال مبارڪون، ڍهاٽي ڏيندا،
هي جي طعام تيار ٿيا، سي ڪاهوڙي ڪيندا،
نماٽي نيندا، پنهنجي وٺيو پاٽسين.
آءُ وري...



Gul Hayat Institute

(30)

”هه“ هدايت تن جي، اٿم اندر ۾،
اِجهي آديسي آئيا، موٽي مندر ۾،
مڙهيءَ ڪان مسجد ڏي، ڪاهيائون ڪَرَ ۾،
داور جي در ۾، عمر انهن کي گهران.

آءُ وري...

(31)

”ي“ يگانا يار ٿيا، مندر ۾ مليامِ،
عمر اُنهن کي گهران، پرين جي پسيامِ،
دک دل جا دور ٿيا، خوشيءَ سان ڪليامِ،
قادر ڪم ڪيامِ، مڙيئي مقصد ٿيا.

آءُ وري...







Gul Hayat Institute

# سي حرفي





Gul Hayat Institute

”الف“ ”بي“ ”تي“ بات جي ”ثي“ ۾ ثباتي،
”جيم جياري جندڙو ”حي“ ۾ حياتي،
”خي“ خوشيءَ جون خبرون، پهتيون پرياتي،
سوارو ساڻي،اٿي جياريو جوڳ ڪي.

”دال“ دليري دائما، دل ڪان ڪر نه دور،
”ذال“ ذڪرذاتيءَ جو، ڏيهه نه اٿئي ڏور،
”ري“ رياضت سان رهو، پهچو پهرئين پور،
”زي“ زمين ضرور،ڪيئي ڪاهوڙي ڪپائيا.

”سين“ سٽر سرڪار جو، اٿئي ايءُ عتاب،
”شين“ شريعت سان رهو، برهه پڙهايو باب،
”صواد“ صبوريءَ جو اچي، خاوند ڪان خطاب،
”ضواد“ ضروري ضاب طرح طريقت جي.

”طوي“ طريقت سان ٿيو، وڃي حاضر اڳيان حق،
”ظوي“ ظفرياب ٿي، پڙهو سور سبق،
”عين“ اڳيون ظاهر ڪيو، انهيءَ جو اُفق،
هتان لڏي لَڪَ،گاروڙي ڪنهن گس ويا.

”غين“ غافل نه رهو، حقيقت ڪان هاڻ،
”في“ فڪر فنائيت جو رکي، پنهنجو ڏسو پاڻ،





”قاف“ قريبن ڪالهه ڪئي، رائي منجهه رهاڻ،
اسان ڪي اهڃاڻ، ويراڳين وصال جا.

”لام“ لياقت يار جي، طلب ڪي تاري،
”ميم“ مري تان مرد ٿئي، جو موت ڪي ماري،
”نون“ نظاري، يار جي، نرتئون نهاري.
”واءُ“ وري واري، سيڪو ورق وصال جو.

”هي“ هجي حال همٿ سان، باري برهه بيان،
اللهﷻ آڻج عشق جا، سيپيئي سامان،
منصب موجودات ۾، ڪَهَ پَويئي ڪانه،
هن شاعر جا شان،مولا وٽ مقبول ٿيا.

”هي“ ”هو- هو“ حرف ڪي، جوڙيو جيءَ ۾جال،
آنکي عجيبن چيون، کهڙيون ڳالهيون ڪالهه،
سڪ صبر جي ساز جا، رڱايو رومال،
حقيقت جا حال، مورهين مٿجن ڪينڪي.

”ي“ ياري رکي يار سان قرب ۾ پيو ڪَهُه،
”امين محمّد“ عشق جا، سور سيپيئي سَهُه،
گسن تي گرناٿ جي، رموزي سان رهه،
سو ڪو پڇين پهه، جنهن سان گُر جو گس ٿئي.



Gul Hayat Institute

# ضميما





1: پٽن وارن صاحبن جي لوليءَ جو قلمي نسخو

2: راهونج جا فقيراڻا آثار

3: سيد حيدر شاهه "حيدر" اجناڻي رحه

4: پير سيد صالح شاهه جيلاني "صالح"

5: مرزا قليچ بيگ "قليچ"

6: قاضي يار محمد قريشي

7: آخوند الله بخش انصاري

8: سيٺ وشنداس مانجهوءَ وارو

9: سيلو فقير سيلاني

10: منٺار فقير راڄڙ

11: فقير حاجي محمد پريل مڱسي

12: فقير پريل نوشهرائي

13: فقير علي بخش پٽو

14: قاضي عبدالله پورگر

15: پير محمّد عالم قريشي

16: سومار فقير عرف سومر فقير

17: روايتون ۽ راهونج شريف جي مختلف جاين جو تفصيل

18: واقعاتي تاريخ



Gul Hayat Institute

## 1: پکن وارن صاحبن جي لوليءَ جو قلمي نسخو

لولي مخدوم امين محمد صاحب جي تصنيف ڪيل

آءُ وري لوسري واهه ڪريار اعلا لولي جي ڪري
ڏک ماري دهر دن جي — آءُ وري
خبر نڪو خابر وسڪنڊي تيمر سال
لهنو خط خوشي مان ڪا نمل شان ڪلام
اچن اجي بر عجيب جي ڪئي مانڊي محب مقال
لاءِ ٽيون لعل — مينڊي مبارڪ جي

آءُ وري

سامني سماوات جي سير ڪيو سعيو
والول راهوند ڪنڌين نيئي دوهول ڏکايو
اوچن آدليسين لي الستون آلون
روح ايهو داليو — ڳنڍ لنڌاريون ڏينهن ا

آءُ وري

جوڳي جا ڳائين تا دل اندر دونهان





وير آلي وصال جا سناسي سونهان
ڪمر ڪلا بابتڏي مرڪيي تيا مونهان
راضي تي روحان — رتڙ هنڌي راهوند ڏيهلان

آءُ وري

الف آدليسين جي ماءُ لهو ڙليس نينهن
ويئي واوي لي وسئا مونکي محبت مينهن
لهيان مان پرلچيي ماءُ سناسي سيئن
ڏنري تيمر ڏينهن — ڪينرڪا آٽرين جا

آءُ وري

ٻي برالتون ٻارجون اجهي مون آلون
بالو جهر ياب تيا آين اُوساهون
سب سهاواسيرتيا ڪنجي ڪاوالون
پنڌ رتا بالون — ڳجهر لون ڳالهڙ تين



Gul Hayat Institute

آءُ وري

تي تواضع يار جو منهنجي مون آهي -
ساه سري صدقو ڪريان لڳن تان لاهي
مان ملاقي مون ڪري راهوند مر واهي
چنڊ مان چاهي - ڪنج نه ڳوليندس لاهيون

آءُ وري

تي نبوتي ڳالهه اول جو ڳي جا ڳائين
نعرا نفي جا هيٺيو خودي کي ڪائين
آ ڏونجي به ادب ڪان ڳجهه نه ڳالهائين
لااسنڌ ون لاهين - الف کي اوڏو ڪري

آءُ وري

جنهن جدائي يار جي مونکي تي ماري
عهد اجو ڪي ڏينهن جا مان پرين پاري



كلامِ امين

جو ڳي منهنجي جان کي اپل اجاري
مان ڪنهن کي ڪاري سرسناسي ڏيان

آءُ وري

جي حليمت سان ٿيو واري مر واپار
سي سناسي آئيا جي جني جو جار
من زماني ضعيف مر کيا ڪري ڪار
انهن جو به اُجار - امين محمد آئيو

آءُ وري

خي خوشي جون خبرون مان تني مڪالون
خير من النوم ڪان جاڳو جفالون
فقط عرض به ايمين اُنالون
راهوند تالون - هالن ڪان به هلي ڪري

آءُ وري

ڏال دماماڻ عشق جا وڄنا وڃايئن

تن لئي تاوڙن بنا لڳهرو لو نڪا ئين

آڏيسي اوڏاس مر الڪر سين آهين

ڪڍنا لاهين – جيڪو آڙ الستجو

آءُ وڃي

ذال ذڪر اذڪار آه آڏيسين لئي ايءُ

سامي سرعرفان ڪان هو موچون هيءُ

پرت پيالا هيئم پلئيون چونڪ لئيءُ

آءُ اسانجو تيءُ – تبوڻي سبحان جي

آءُ وڃي

ري رياضت تنهجي مترني لئي معلوم

ويراڳي به ويهي رهيا بڪيا لاءُ اون لوم

ڪنڊ ڏرياءَ ڪانڌ لئي سپ اجاري صوم





اندر هل هجوم – ڳاڙهوڙي لڙنات جا

آءُ وڃي

زي زيارت تنهجي قادر ڪا ئي مان

هتان جي به هلي وياسو ڪري سامان

من ڪاهن راتڙي مولوڙ لئي مزمان

اسانتي احسان – مولي ملو جاڪنه

آءُ وڃي

سين سخاوت سان ڪري اندر اجاياءِ

ياري بالا برهه جي ماسوا ما وياءِ

اڪر لون الله ذڪيا ڪئيونر لوءُ ل نهار ياءِ

پرانهني پار ياءِ – عهد سين اقرار جي

آءُ وڃي



Gul Hayat Institute

شين بتدا ءِ شملا ڌاڳا ڌريا ءِ لعل
تنبن سان طواف جا ڪرتا لوڪ رومال
وِسا ونه بين پاءِ حقيقت جا حال
معرفت جا مال - جوڳين جوڙي هٿ ڪيا

اڃ وائي

صاد صبوري سندرا جوڙي ٻڌا جن
آدوڻي اسرا جيئن پرس پڇاڙون ڪن
ڪينرڪا تِرن جا ماءِ منهنجي من
هاڻي ڏسجن - پڪا پرين اڏيا -

اڃ وائي

ضاد ضمير وجنلي وائي منجھ رهاڻ
سدسا ري جيڙو الله آديسي آڻ





جيهان جي جلي ڪڻون قلب نن ڪاڻ
حيلا ڪندليس هاڻ - انهن جي به اچن جا

اڃ وائي

طي تمنا تنجي امندرا ڪي آهي
جيهان جوڳن سان تيان لاڳاپا لامي
جنگم جي به جمال ڏي قرب تو ڪاهي
آلن ڪي آکي - وجهل ويرا ڪن جي

اڃ وائي

ظي ظهوري يار جي واهو ندرا چالو
آنلي مچ مجاز جو السي آيلو
هلو جو هنگلاج ڏي رالول ڪي والو
پربل پڇالو - اندرا عشق عجيب جو -



Gul Hayat Institute

آءُ ورسي

عين اچي اثبات تنهنجو امين آهي
ماسوا محمد جي هر ڪي ڪلمي سان ڪاهي
الا الله اڪيلو ڪري ستر اهو ساهي
لاسان لاهي — منهنجي دوڪا ڏکيا۔

آءُ ورسيا

غين غلامي يار جي ۾ هند وسو راضي
اٿي استقبال تنهنجو قلب ۾ قاضي
ماضي مون ڪيئي ڪي هر منهن ۾ واضي
ايهو راضي — سامي سبق سکيا۔

آءُ ورسي

في فياضي ڳالهه تلون دل ڪان ڪرڻ دور





فهم فڪر ڪان ڪٿو آدليسي عبور
ادني لسان اعلي هر سي ترمل ٿيا لوڙ
پرپل تنهنجو لوڙ — دس دلوڙ لوڪ ولتي

آءُ ورسي

قاف قلايا ڪيو تنهنجو جوڳن ڪي جاسار
اٿي لهر انهنلي وحدت جو واپار
امين محمد آئيو اٿن لي آدار
پرپل تنهنجو يار — جو تڪيا هر ڪم جي ۾

آءُ ورسي

ڪاف فساوت دور ڪر لوڪ جوڳي جلائي
اٿي لهر الله سين آدلسي آهين —
لا الانگو تين ڪي وڃي آن ۾ نه آهين

هوهو وصال ائين - تليءَ ڌاڻهن ۾ تڙي هليا

آءُ ورهي

لام لباسون دوهه تيا ڌاڳا ڏٺا اٿئون

هٿ سڳن کي نکيو نا فالڪڙ ٻالون

ويراڳي وصال کي چيت ۾ چٽيا اٿئون

منگهت ماڻيا اٿئون ساڻي هليا منگلاڻ ڏي

آءُ ورهي

ميم مشارق ملڪ جا آند واهيا اٿئون

مرڪيءَ مغارب ڏي اُتي هليا هالار

آڪيل آدلبين کي کڻي نه آهي ڪالهه

آءُ تڪيني جي ڪالهه - ماڌر مرڻ نه تيم

آءُ ورهي





لاڻ لهاري لڪڙيا هو نه جون واهون

گسائي صِن گسِ ويا اينهه ماڻا هون

ڏنب ڏهاڙي لي ته ان پنڌ نه پيرا هون

اسانجون آهون - من لوپي ڪنوين جي

آءُ ورهي

واو ولايت جاڏي اُگن مون اينڌا

ماڻهون شال مبارڪون ڏهاڙي ڏينڌا

هوجي طعام تيار تيا ڪاڻهو ڙي ڪينڌا

ٿما ڻي ٿيندا - پهنجي ونجي پاڻ سان

آءُ ورهي

انجهايت تنجي اتمم انڊرام

لا الٰه

سائين پڪن ڏٽيءَ جي ڏينهن ۾ فقير ڏيهو هو، ان کان پوءِ سندس پاءُ بُرهان فقير، ان کان پوءِ سندس پائٽيو سليمان فقير، ان کان پوءِ سليمان فقير جو پٽ بچل فقير، ان کان پوءِ بچل فقير جو پٽ الياس فقير، ان کان پوءِ موجوده سومار فقير راهوجو.

پڪا ۽ ڪِڙَ ڪافي ايراضيءَ ۾ ڇانيل آهن. ان کي چوڌاري لوڙهو لڳل آهي، ان کي هر سال "نئون" ڪيو ويندو آهي. اهو رجب مهيني جي پهرين اربَع تي نئون ڪيو ويندو آهي. ان لاءِ وڏيرو سليمان پنيرو ويٺل معروف پنيرو، سيد وڏو اجناٽي عرف جڙيل شاهه عرف غلام حيدر شاهه جماعتون وٺي، لوڙهي کي نئون ڪندا آهن.

امين سائين، پاڻ پڪن تي وڃڻ کان اڳ، ڪيترو وقت هن حال ۾ هوندا هئا، جو ظاهري لباس دنيوي هوندو هونِ ۽ اندريون لباس فقيري هوندو هون. جڏهن جَلوت ۾ ايندا هئا، تڏهن ٻاهريون لباس زيب تن ڪندا هئا، پر جڏهن خلوت ۾ ويندا هئا، تڏهن فقيري لباس پهريندا هئا. سندن رياضت جي مدت چار سال کن آهي، جيئن سندن معتقد آخوند الله بخش انصاريءَ جي هيٺئين بيت مان ظاهر آهي:

رياضت ۾ رهنما، ورهه گذاريا چار،
جئن پارس پهڻ سان ڪري، ڪامل ڪئي ساڪار،
جن داٽو دست نہ رکيو، تن ڀڪيو وڏي ٻار،
هاٽي تان مون ڏيڪار، ڪو هڪڙو مڙس ملڪ ۾.

امام بخش حاجاٽي (ڳوٺ سعيد آباد) جنهن جي چوڻ موجب، هن "پڪن ڏٽيءَ" جي زيارت ڪئي هئي، اهو روايت ٿو ڪري تہ هو آخوند اسماعيل ميرڙاٽيءَ جهڏي گدام واري وٽ پڙهندو هو. اهو آخوند صاحب، پنهنجي خطابين کي وٺي، جن ۾ مذڪور امام بخش حاجاٽو بہ هوندو هو پڪن تي اڱاري اربع تي ايندو هو. اربع جي رات جو اتي رهي، وري اربع جي ڏيڍ پهر جو واپس ٿيندا هئا. هن آخوند صاحب جي روايت موجب سيلاني فقير امين سائينءَ کي چوندو هو تہ ميلو تہ جيئري هت نہ هٽائجي، پر هالا هلي هٽائجي. پوءِ پاڻ هالا هليا ۽ پڪن بہ پيا پيرو ڪندا هئا. هن پڪن واري جوڳ، ڪين رباني جوڳي بنائي ڇڏيو، تنهن ڪري جوڳ وارين شين جو جَجهو شوق هوندو هون. هڪ دفعي، ناري جي سفر تي نڪتا تہ هڪ هنڌ





حڪم ڪيائون تہ، سندن سواريءَ واري اُٺ جي پاڪڙي ۾ گور ڪيون چوڌاري لٽڪايون وڃن. امين سائين جن، سنياسين وارو سير بہ جام ڪيو، جو سرور جي لانديين پٽ راهه واريءَ جي آثارن مان ظاهر آهي.

هاٽي اچون ٿا هن راهه واري تڪيي جي جاگرافيائي احوال تي: اهي لانديون يا تڪيو راهه واري پٽ تي واقع آهي ۽ جمڙائو واهه جي راهه واري بنگلي جي اپرندي طرف ميل کن پنڌ تي آهي: رئيس ڦوٽل خان پير ڳڙيءَ جي ڳوٺ کان ساڍا ٽي ميل کن اتر طرف ۽ ڄام ڏاتار جي مقبري کان ساڍا ٽي ڪوهه کن اوپر طرف آهي. هي مقام تعلقي سنجهوري ضلعي سانگهڙ ۾ آهي. پٽ، جنهن تي تڪيو يا لانديون ٺهيل آهن، سا ويهه پُرهه کن مٽي آهي. سڄي پٽ اتر کان ڏکڻ، ٻن- ٽن ٻلاڪن جي منڊي ۾ آهي. ايڪڙ کن ۾ زمين سنواريل آهي. ٻہ ڪِڙ ٺهيل آهن ۽ هڪ اوتارو. پهريون ڪِڙ اوڀرائون منهن، سائين پڪن ڏٽيءَ وارو آهي، جو چيرائين ڪکن جو ٺهيل آهي. ٻيو وري طالب المولىٰ جي ارشاد تي فقير محمد صادق (گلو فقير جي پائٽي جي پٽ)، ٺهرايو، ان جو بہ اوڀرائون منهن آهي. هيٺ بہ ٻہ اوتارا ٺهيل آهن، جي آئي وئي لاءِ ٺهرايل آهن. پٽ جي اولهه طرف کان ڍنڍ ڦري ڏکڻ تائين وڪڙيل آهي. اوپر طرف کان اچ وڃ ٿئي ٿي. ڍنڍ ۾ اونهاري ۾ پاٽي گهٽ ۽ سياري ۾ گهڻو آهي. گلو فقير ڏاهري اترادي اصل ويٺل ڳوٺ ابن شاهه ڪوٽ ڏيجي خيرپور رياست، ستن پيڙهين کان وٺي، سرور سائين جي ٿوڙ ۾ داخل هئا. اتان لڏي اچي راهه واريءَ تي ويٺا.[2]

هڪ دفعي گلو فقير جي دعوت تي سائين امين جن آيا. هي سمون جمڙائوءَ جي گسن کان اڳ جو هو. هر هنڌ ويراني ۽ غير آبادي لڳي پئي هئي. هڪ ڏينهن مانجهاندو ڪري، گلو فقير کي موجوده لانديين واري جاءِ تي وٺي آيا ۽ لڪڻ سان ليڪو ڪڍي، گلو فقير کي چيائون تہ، "هن جڳهه تي لانڊي ٺهرائجانءِ هي اسان جي ڪچهريءَ جو هنڌ ٿيندو." هن فقير حسب الحڪم لانڊي ٺهرائي، ان جي هميشہ خدمت ڪندو رهيو. ان جي وفات کان پوءِ، سندس مائي پائٽي، صفائي وغيره ڪندي هئي. ان بعد دائم فقير ڏاهري ويٺل ٽنڊوالهيار، "گل سائين" حضرت مخدوم غلام محمدؒ جن جي اجازت سان ڪم ڪار سنڀاليندو رهيو. هاٽي يوسف ڏاهري خدمت ڪندو

[2] گلو فقير ولد جهنڊو فقير ڏاهريءَ جي شجرة نسب لاءِ ڏسو ڪليات امين ، ص: 32.

رهي ٿو.

## 3: سيد حيدر شاهه "حيدر" اجناڻي رحمة الله عليه[3]

سيد حيدر شاهه ولد مير علي شاهه اجناڻي، مٽياري سادات جرار پوٽي جو نسلي سلسلو ڏهين پُريءَ ۾ حضرت امام موسيٰ ڪاظم جن سان گڏجي ٿو. شاهه صاحب جا وڏا جيئن پنهنجو ڳوٺ اچي ٻڏي ويٺا تيئن اُتي ئي رهيا ۽ شاهه صاحب جو تولد بہ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ ٿيو. ڳوٺ جو نالو سندس وڏي ڏاڏي اجن شاهه ڪري، "اجن شاهه" مشهور ٿي ويو آهي ۽ ان ڳوٺ کي "سيد جو ڳوٺ" بہ ڪري سڏيندا آهن. شاهه صاحب جي ڄمڻ بعد، سندس والده وفات ڪئي ۽ ڳوٺ جي هڪ مائي موچياڻي شاهه صاحب کي نپائڻ لڳي. سال کن جي گذرڻ بعد، شاهه صاحب جو والد بزرگوار وفات ڪري ويو. شاهه صاحب جڏهن نوَن يا ڏهن سالن جو ٿيو تڏهن سندس وڏي ياءُ، سيد ماڪن شاهه صاحب قرآن حڪيم حفظ ڪيو. ان بعد شاهه صاحب دائري شريف ۾ (اڏيري لال جي پرسان) وڃي، تعليم وٺڻ لڳو. ڪجهہ وقت گذرڻ بعد شاهه صاحب جي ڪوٺڙيءَ ۾ قسمت ٿي، جتي هڪ عالم وٽ تعليم وٺي، وقت جي دستور موجب فارغ التحصيل ٿيو. ان بعد شاهه صاحب مير نور محمد جي ٽنڊي اچي، شيخ عبدالله ڪتب فروش وٽ ڪتب فروشيءَ جو ڌنڌو شروع ڪيو. مير حسين علي خان جي خواهش تي جامع مسجد جي پيش امامي قبول ڪيائين. ان مير صاحب جي خرچ تي شيخ صاحب جي دختر نيڪ اختر سان سندس شادي ٿي.

حيدرآباد جي شاهي بازار ۾ هڪ وڏو ڪتبخانو کوليائين. شاهه صاحب کي ٽي فرزند تولد ٿيا. پر ننڍي هوندي ئي فوت ٿي ويا. ٿوري وقت کان پوءِ شاهه صاحب حج ادا ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو ۽ موٽي ٽنڊي نور محمد ۾ آيو. اتي ڪيس هڪ نياڻي ۽ فرزند تولد ٿيا. فرزند جو نالو مير علي شاهه رکيائين. ٿوري عرصي بعد، شاهه صاحب موٽي اچي پنهنجي اباڻي ڳوٺ "اجن شاهه" ۾ رهيو ۽ اعليٰ پيماني تي ڪتب فروشي شروع ڪيائين. اُتي بہ شاهه کي ٻہ فرزند تولد ٿيا. هڪڙي جو نالو سيد مٺن شاهه ۽ ٻئي جو نالو سيد يوسف شاهه رکيائين. ڪتب فروشيءَ جو مرڪز لاڙڪاڻو بڻايو ويو،

[3] مخدوم طالب الموليٰ، مضامين، طالب الموليٰ، ص: 130 کان 137.





جتي ڇهين- ٻارهين مهيني وڃي شاهه صاحب حساب ڪتاب صاف ڪندو هو. هالا ۾ بہ، شاهه صاحب جي ڪتب فروشيءَ جو ڌنڌو هلندو هو.

شاهه صاحب هڪ دفعي، جيئن لاڙڪاڻي مان بيخوش ٿي ڳوٺ موٽيو، تيئن ٻاروچي باغ وٽ، هالن کان اتر طرف، اٽڪل ڇئن يا پنجن ميلن تي زياده بيمار ٿي پيو، جو ڪيس کٽ تي کڻي ڳوٺ آيا ۽ ان ڏينهن ئي شاهه صاحب (10 محرم الحرام 1303هه) وفات ڪئي: يعني سائين پڪن ڏڻيءَ جي وفات کان ست مهينا اڳ.

شاهه صاحب پنهنجي وقت جي بهترين شاعرن مان هڪ هو. موزون ۽ غير موزون ڪلام لکيو اٿن، مگر افسوس آهي جو شاهه صاحب جو ڪلام سواءِ چند سنڌي ڏهرن ۽ هڪ منظوم خط جي، ٻيو سڀ ضايع ٿي ويو! سندن جيڪو ڪلام اسان کي هٿ آيو آهي سو خدمت ۾ حاضر ڪريون ٿا. شاهه صاحب هيٺيون منظوم خط پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ موڪليو:

اڏر ڪانگا ڪَهي وڃ پار پرينِ،
ڪنياتَل خوش هجين چؤ سؤ سلامن،
ٻڌي ٻانهون وهج تون وينتيءَ سان،
اکين مان آب واهي ڇئج جيئن چُوان،
ڪروڙين ڪرنشون آزيون ادب ڪج،
رڙي روئي تون عالم کي عجب ڏج،
رهج راهوندڙ ۾ ڪي روز راتيون،
لکيٽا لئج اُت لله لاتيون،
ويهي ورنهہ اڳيان وائي ورائج،
پري پؤنرا پلائيءَ جا پَلائج،
ادا، اُت حال هن مسڪين جو چؤ،
سڪي ساري، اٿس راهوندڙ جو رؤ،
(هلندڙ)

موزون آهي تہ سائين پڪن ڏڻيءَ جو جواب بہ هت درج ڪجي:

"العِشقُ نارُ اللهِ" کي، جي سالڪ سڃاڻي،
تان سر ڏئي سودو ڪري، نينهن وٺي ناڻي،



Gul Hayat Institute

وري وَجھ الله ڏي، پڏرو ٿي پاڙهي،
ڪنين سوري سيج ڪئي، ڪي گهميا منجھ گهاٽي،
ڪي ”سر در قدمي يار“ چئي، هليا ويا هاٽي،
انهيءَ اهڃاڻي اٿئي ”حيدر“ ڪم همت جو.

”حيدرشاهه“ همت سان، وٺ گاروڙين جو گس،
”لا“ ۾ لاهوتين جو، ڏوري پڇج ڏس،
ٿي آڌوتي اکڙين ڪان، نير وهايو وس،
پوءِ جوڳي چوندءِ جس، اچي آسڻ تنهنجي.

جي پانئين جوڳي ٿيان، تہ جونجهي ڏسج جوءِ،
مٽڪا مالها جا چني، هل هنئين جي سوءِ،
سيڪو داڻو دل جو، وجي پنبڻين وٽان پُوءِ،
پوءِ ”هو هو“ منجهان هوءِ، پاڙهي ٿيندا پڌرا.

وڏائون وحدت جا، دل اندر درياهہ،
بابو ڪاهين پر ڏي، سامي سنجھ صباح،
وٺي ويراڳين ڪي، صبر جي صلاح،
تن آديسين ڪي آهہ، اٿئي پهر الک جي

## 4: پير سيد صالح شاهہ جيلاني ”صالح“[4]

(1870-1943ع)

سيد صالح شاهہ جيلاني آفندي، صالح ڳوٺ راڻيپور ضلعي خيرپور ميرس ۾ سال 1870ع ۾ ڄائو. پاڻ سندس والد صاحب جي وفات بعد درگاهہ راڻيپور شريف جو گادي نشين ٿيو. سندس پيري مريدي جو سلسلو اڄ تائين جاري آهي. مرحوم صالح شاهہ نهايت اعليٰ دماغ، عالي همت، باتهذيب ۽ بااخلاق بزرگ ۽ وقت جو نهايت سٺو باعلم شاعر بہ هو. سندس تخلّص ”صالح“ هو ۽ ڪلام ۾ حقيقت سمايل اٿس. 1943ع ۾ وصال

[4] يادِ رفتگان، ص: 141/140.





ڪيائين.

## ڪلام

جنهن ڪي حملي حسن حيران ڪيو، تنهن دين ڪفر يڪسان ٿيو،
ڪري ترڪ زهد صنعان سپيو، چڙ‌ي تسبيح اهل زنار ٿيو.

وه خبر ”يحب الجمال“ عجب، وه حسن پر تي حال عجب،
آهي قالوا بليٰ جي چال عجب، پوءِ عروج نزول تڪرار ٿيو.

آهيون شاغل ڪثرت عيش ڪڏهن، دلريش گدا درويش ڪڏهن،
ڪٿ پير عقيدت ڪيش ڪڏهن، اِنهيءَ سير ۾ دل سرشار ٿيو.

آهيون رند قلندر مست ڪٿي، ٿيون نيست منجهان ٿا هست ڪٿي،
آهي شاهي بندوبست ڪٿي، ڪٿ ڪرڻ گدائي ڪار ٿيو.

”من عرف“ وارو مفهوم لهي، ڪيو ”صالح“ سر معلوم سهي.
وحدت ۾ ڪا المعدوم رهي، لَّاتُدۡرِكُهُ الۡاَبۡصَارُ ٿيو.

## 5: مرزا قليچ بيگ ”قليچ“[5]

(1853_1929ع)

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ 7 آڪٽوبر 1853ع ۾ تولد ٿيو. کيس انگريز سرڪار کان ٻہ خطاب مليا، هڪ ”خانبهادر“ ۽ ٻيو ”شمس العلماء“. سندس والد مرزا فريدون بيگ ايران کان آيو ۽ ٽنڊو ٺوڙهو (حيدرآباد) ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. اهو دور ٽالپرن جي حڪومت جو هو. مرزا صاحب سنڌي، فارسي، اردو، عربي ۽ انگريزي جي اعليٰ تعليم حاصل ڪئي. ڪافي وقت سرڪاري نوڪري بہ بهترين نموني سان هلائي. پاڻ شاعري جي هر پهلوءَ تي طبع آزمائي ڪيائين. حليم الطبع، صلح پسند، هر دلعزيز ۽ خوش اخلاق هو. نظم ۽ نثر جي اٽڪل ٽي سؤ کن ڪتابن جو مصنف ۽ مترجم وغيره ٿي گذريو آهي، جن ۾ ڪي ڇپيل ۽ ڪي اڻ ڇپيل

[5] مخدوم طالب الموليٰ، يادِ رفتگان، ص: 76-77.



Gul Hayat Institute

آهن. سندس انتقال 3 جولاءِ 1929ع ۾ ٿيو.

## ڪلام[6]

## (حضرت مخدوم امين محمد صاحب جي تتبَع تي)

دَرَدن جو دِل ۾ دلبَر، ڏُونهون اچي ڌُکايو،
محبّت جو مَچُ مَچائي، جيرو جگر جلايو.

هَٽَ سان ڦٽيو حَبِيبن ، توڙئون تَڙيو طبيبَن،
ڦُربئون کُهِي قريبَن، ساڙڻ جو ڪيو بہ سعيو.

جن سان رکي محبت، تِن تي وجهي مصيبت،
رَحمت جي لاءِ زحمت، سَودو ڪري سَوايو.

سُوريءَ تي ڪر چڙهائي، ٻَڪريءَ جان کي ڪَلائي،
کي ڪَرتَ سان چيرائي، ڪِن کي وِجهي کُهايو.

لَذت اچي ٿي جِن کي، سُورن کي ٿا سِکن سي،
ڪارڻ ڪُسڻ جي پِڙ تي، گردن اَچن جُهڪايو.

جي عشق توکي آهي، وَڃُ تون "قليچ!" ڪاهي،
سِرُ ڏي هَٿن سان لاهي، پورهيو ٿِيئي سَجايو.

## 6: قاضي يار محمد قريشي[7]

پروفيسر چنا، ڪلياتِ امين ۾ لکيو آهي تہ:
"اسان جي محترم اديب دوست، قاضي غلام محمد صاحب، ساڪن هالا پراڻا، مرحوم قاضي يار محمد صاحب جي باري ۾، جو ڪجھ لکي موڪليو آهي، اهو درج ڪجي ٿو:
"تاريخ ولادت متعلق ڪو بہ تصدّيق وارو احوال معلوم ٿي نہ سگهيو

[6] يادِ رفتگان، ص: 77.

[7] ڪلياتِ امين، ص: 61 کان 68.





آهي. سندس والد بزرگوار جو نالو، قاضي محمد روشن هو. سندن نسب ٽين پيڙهيءَ ۾ قاضي محمد قابل هالن پراڻن واري سان وڃي ملي ٿو. هي "هالن پراڻن وارن قاضين" جي نالي سان مشهور آهن. ڪين ڪو بہ اولاد ڪو نہ ٿيو. تاريخ وفات 25- شعبان المعظم 1316ھ بمطابق 8 جنوري 1899ع ڏينهن آچر آهي. سندن زندگيءَ جا ٻيا ابتدائي احوال اسان کي معلوم ٿي نہ سگهيا آهن تہ پاڻ، سرڪار جي کهڙي ملازمت ۾ هئا. آخر عمر ۾ ڪين پينشن ملندي هئي، جنهن مان خير جو گذارو ڪندا رهندا هئا. فارسي تعليم نهايت اعليٰ ورتل هين ۽ پاڻ فارسي شعر بہ چيو اٿن، جو زماني جي دستبرد ڪري، دستياب ٿي نہ سگهيو آهي. ان وقت، سندن هڪ ويجهو عزيز، قاضي ابو المعالي، هڪ وڏو اديب ۽ شاعر موجود هو، جنهن سان سندن ادبي محفلون نهايت آب و تاب سان ٿينديون هيون. مرحوم قاضي عبدالمعالي فارسيءَ جو مستند عالم هو، جنهن جو ڪلام فارسيءَ ۾ موجود هو. پر هاڻي عنقا وانگر غائب آهي.سندن تاريخ وصال اڳ آيل آهي. قاضي مرحوم يار محمد صوم و صلواة جو بيحد پابند هو. جيئن تہ هالن پراڻن وارا قاضي صاحب اصل کان حضرت مخدوم نوحؒ جن جا مريد هئا، تيئن ان وقت سائين پڪن ڏٽيءَ جي زماني ڪري، قاضي صاحب بہ پنهنجي مرشد سان حدِ ڪمال محبّت ۽ عقيدت رکندو هو. اڪثر سندن حاضريءَ ۾ رهندڙ هو. هڪ دفعي جي روايت آهي تہ، قاضي صاحب دستوري طرح، سائين پڪن ڏٽيءَ جن جي خدمت ۾ ويٺو هو. اوچتو سائين پڪن ڏٽيءَ، هڪ نظر فيض اثر ڏانهنس ڪئي، بس هيءَ نظر نہ هئي، ڪو راز هو يا الست جو آواز هو. نظر سان اچي اکين مان آب وهيو. پاڻي هو يا عشق جي برسات هئي، سا خبر تہ طالب ۽ مطلوب کي. ان بعد پاڻ ،سائين پڪن ڏٽيءَ جي شان ۾ سنڌي ڪلام چيو اٿس، جو سروري توڙ ۾ "ڏهر قاضي يار محمد" جي نالي سان مشهور آهي. ان بعد ايترو معلوم ٿيو آهي تہ هميشہ سندس اکيون آليون رهنديون هيون. سندس اندر جا آلاپ هيٺين طرح پيش ڪجن ٿا:[8]

(1)

رمز راهوندين جي، مون کي ماريو ماءُ،
وهڻ مون وِھ ٿيو، سُتي اچي نہ ساءُ،
ڪوجو وريو واءُ، جو دکيو دونهون درد جو.

[8] ڪليات امين ۾ قاضي صاحب جا جملي 29 بيت ڏنل آهن جن مان هتي بيت نمبر 1 کان 5 ڏجن ٿا باقي ابيَات لاءِ ڏسو ڪلياتِ امين، ص: 63 کان 68.

(2)

دکي دونهي درد جي، مَگَر مچايو،
بنان ساجن سيڪنهن، سار ٿي سجهايو،
ديرو دمايو، اچي مورت من ۾.

(3)

مورت رهي من ۾، باقي ڪين بچيو،
"كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ إِلَّا وَجْهَهُ"، انهيءَ رمز رسيو،
جڏهن سائينءَ سبب ڪيو، تڏهن گر ڪي رسيو گودڙيو.

(4)

گر ڪي رسيو گودڙيو، رڙهي ۾ راهوندِ،
سدا سارنگ جئن وسي، سندي برھ بوند،
هلي ڏسي ڪو هوند، تہ موٽڻ جي مس ڪري

(5)

رهن جي راهوندِ ۾، تنين وڏو ڀاڳ،
قادر ڪرم سان ڪري، منهنجو اتي ماڳ،
سَريو تن سهاڳ، رهن جي راهوندِ ۾.

## 7: آخوند الله بخش انصاري[9]

هي آخوند صاحب هالا نوان شهر جي صادقاڻي مُلن جي خاندان مان آهي. اهو خاندان، جناب حضرت مخدوم صاحب جي ڪوٽ جي ڀاهرين ڏاڪڻي پر ۾ متصل ساڪن آهي، يعني سندن قريبي پاڙي وارا آهن. هن آخوند صاحب جو ڳچ احوال اسان ڪي معلوم ٿي نہ سگهيو. پر ڪجھ، سندس سپوت پوٽي، حڪيم حافظ عبدالڪريم صاحب[10] کان معلوم ٿيو آهي، سو درج ڪجي ٿو. باقي سندس ڏهر، سي تہ اڳ ۾ ئي سروري ٽوڙن ۾ مشهور آهن.

[9] ڪلياتِ امين، ص: 56 کان 61 تائين.

[10] حڪيم حافظ عبدالڪريم انصاري 1900ع ۾ ڄائو ۽ 1988ع ۾ وفات ڪيائين.





آخوند الله بخش ولد آخوند حاجي محمد قابل، سائين پڪن ڏٽيءَ جو سچو ساٿياري ۽ مريد هو. اهو حال، سندس ڪلام "وِرھ جي ورلاپن" مان معلوم ٿيندو. جي هن صاحب، سائين پڪن ڏٽيءَ جيِ وفات بعد چيا آهن. شريعت جو پابند، صوم و صلواة تي مستحڪم ۽ روحانيت جي ريجھ جو راٽو هو. پاڻ ڏينهن ۽ رات ذڪر ۽ فڪر جي صحبت م گذاريندو هو. الله جي نيڪ ٻانهن وانگر پنهنجو پيٽ گذران هٿ جي پورهئي وسيلي ڪندو هو. انهيءَ ڪري سندس ڏينهن جو ڪجھ وقت، ٽوپ سبڻ ۽ تيل ڪڙي جي سودڻ ۾ گذرندو هو. آخوند مرحوم جي وڏي پوٽي، آخوند الله بخش (جنهن تي سندس نالو پيل آهي) کان معلوم ٿيو تہ آخوند مرحوم جي وفات، سندس تولد ٿيڻ کان هڪ سال اڳ ٿي آهي، آخوند الله بخش جي ولادت 1897-1898ع جي وچ ڌاري مطابق 1315ھ ٿي آهي. ان حساب موجب، اسان جو وڏو آخوند صاحب 1897ع مطابق 1314ھ ڌاري فوت ٿيو آهي. آخوند الله بخش جو ڪلام:[11]

(1)

خالق خاوند خلقٺهار، جنهن خلق ۾ خلقيو ملڪ مهندار،
تنهن نانءُ نبي جو آهي نروار، تنهن ڪي ساري صحيح سنڀار-
هاري، ڪر موچاري ڪار!

(2)

جهنگ "هئڻ" جو وڍ تون واڍا، ڪُهڙ ڪپي ڪر ڪرڙا ڪانڊا،
ڏئينس باھ برھ جا ٿانڊا، تنهن ۾ پاڻ ٻيائي ٻار-
هاري، ڪر موچاري ڪار!

(3)

ٻاجھ سان ٻانها ٻنا ٻَنڌُ، دَغا دَڙيءَ جو پٽي هَنڌ،
ڪوڏر هڻ، ڪري هيٺ ڪنڌ، سِٽا سڌاري سنئين سنوار-
هاري، ڪر موچاري ڪار!

[11] باقي ڪلام لاءِ ڏسو ڪلياتِ امين، ص: 56 کان 61 تائين.

(4)

هيٺ مٿانهين ڪر هڪجيهي، مِٺو ٻاڻ ٻنجهو وجهه ويهي،
نهورَ ڪڍِ نئين تون نيهي، سخت زمين ڪي ترڄي تار-
هاري، ڪر موچاري ڪار!

(5)

اڏون نائڪا ٽُڪيو ٿاهه، نارُ تنهين تي نينهن جو واهه،
رُونڻ اُٿل جو ڊپ نه لاهه، پاڻي اجايو هار مَ هار-
هاري، ڪر موچاري ڪار!

(6)

حُبَ جو هاري هر جوڙاءِ، غم جو، گهوڙو تنهن جو گهڙاءِ،
فڪر جو ڦار اُتِس ڦهڪاءِ، محبّت جو منجهه اَنّ ڇٽار-
هاري، ڪر موچاري ڪار!

(7)

”امين محمد“ جي واهه اراضي، شهر چڙدي ٿيو پڪن تي راضي،
”الله بخش“ اُت خاص نيازي، سنگ صفا ڪر نفس جو جهار-
هاري، ڪر موچاري ڪار!

## 8: سيٺ وشنداس مانجهوءَ وارو[12]

سنڌ جي هڪ انمول هستي، سيٺ وشنداس ولد سيٺ نهالچند پاروائي مانجهوءَ وارو، سائين پکن ڏڻيءَ جي ڏڻيءَ ڏوتل درٻار جو هڪ رتن هو. سيٺ وشنداس جو جنم سن 1843ع ۾ ڪوٽڙي تعلقي جي مانجهوءَ ڳوٺ ۾ ٿيو. سيٺ وشنداس جو پتا سيٺ نهالچند-لکميچند، هڪ واپاري هو؛ پر ساڳئي وقت هڪ درويش ۽ شاعر هو. سندس ڪيترا سارا مريد هئا. سکر جو درويش شاعر بچل شاهه پڻ سيٺ نهال جو مريد هو. سيٺ صاحب ڪي مريد، صدق ۽ لاڏڪوڏ وچان، ”ڀڳت نهال لال“ ڪري سڏيندا هئا.

ننڍپڻ ۾ سيٺ وشنداس جون ڪچهريون، سندس باغ ”بلاس“ ۾ ڪيترن مهنتن پنڊتن سان ٿينديون هيون، جنهن ڪري ننڍي هوندي کان

[12] ڪلياتِ امين، ص: 80/79/78





وٺي، سندس طبع ۾ ويراڳ جو سلو پيدا ٿيو، جنهن هن کي وطن جا وڻ ڇڏائي، ڳوٺ جليانوال ضلعي قصور، پجاب ۾ ستگر گلابداس جي چرنن ۾ پهچايو. مرشد جي روحاني رنگ، سيٺ وشنداس تي گهرو اثر ڪيو، جنهن ڪري پاڻ فرمايو اٿس:

انئي پهر عجيب جي، ارواح سان من لڳو،
سنگ ساجن شاهه جي، ڀَوَ ڀرم سڀ ڀولو ڀڳو.

پاڻ روحاني اپياس ۾ پڙ ٿي، هينئن ٻولڻ لڳو:

”نامئن هندو، نامئن تُرڪا، نامئن پنڊت قاضي ري،
نامئن سيد، شيخ، مُسلا، نامئن پيا غازي ري،
سچ بات مي اوران اوري، بيڪ بني سڀ بازي ري،
”وشنداس“ جب آپ پڇانيا، سرور رنگ ۾ راضي ري.

وشنداس کي مرشد پاران موڪل ملي. ٻارهن مهينن جي عرصي بعد، ڳوٺ پهتو. سندس ديانت ۽ سچائيءَ جو ناماچار وڌي ويو. انهيءَ زماني ۾ هالن جا پير حضرت مخدوم امين محمد صاحب اڃا ننڍي عمر جا هئا. حضرت مخدوم صاحب جن جي ڏيڏيءَ تان وشنداس کي آڇ ٿي ته عام مختار ٿي سندن سمورو ڪاروبار هلائي. وشنداس آڇ قبولي، سندن ڪاروبار ۾ مصروف ٿي ويو. تمام ديانتداريءَ سان نوڪري ڏنائين. سندس ديانت جون ڳالهيون ضرب المثال آهن.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته، سائين پکن ڏڻي رات جو 11-12 بجي ڏاري ننڊ مان اٿي ڳناس پاڻي پيئڻ لاءِ گهريو. جيتر ديوان صاحب پاڻي آندو، تيتر پکن ڏڻي ننڊ ۾ سمهي رهيا. ديوان صاحب پاڻيءَ جو گلاس ترءَ تي جهلي بيهي رهيو. جڏهن سائين صبح جو نماز تي سجاڳ ٿيو ته هڪ ماڻهو پاسي کان بيٺل ڏٺائين. پڇيائونس ته ڪير آهين؟ جواب مليو، ”قبله غلام وشنداس“ پاڻ ڏاڍو خوش ٿيا ۽ دعا ڪندي چيائون ته، ”تون سيٺ وشنداس آهين.“ پاڻ به ان وقت کان وٺي کيس ”سيٺ وشنداس“ سڏيندا هئا. پکن ڏڻيءَ جي وصال بعد، ٿوري وقت اندر نوڪري ترڪ ڪري، وڃي پنهنجي ڪاروبار کي لڳو ۽ ٿوري وقت اندر سنڌ جو ناميارو ”سيٺ“ ٿي ويو. هن جا ڪارخانا ۽ مشينون باڌهه، ڪنڊو، ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ برڪ هئا. سخاوت جو به سائين هو، پنگتي سڏارن ۾ به هڪڙو ئي هو، سندس سماجي خدمتون خاصيتون آهن.

سنگيت جو ڪوڏيو هو. هن وٽ راڳ روپ جون محفلون گرم هونديون



Gul Hayat Institute

هيون. هن وٽ هِدُوخان ۽ ان جو پٽ سينڌو خان[13] مکيہ گوَيا ٿي گذريا آهن. مرحوم سينڌو خَان هڪ بهترين خوشنويس، شاعر ۽ موسيقي، جو ماهر هو. هن پنهنجي حياتيءَ جا آخرين لمحات قبلہ طالب المولىٰ سان گذاريا. موسيقيءَ ۾ سندن رهنمائي ڪري، پاڻ 1948ع ۾ گذاري ويو ۽ ”محمد فقير“ ڪٽياڻ جي مقبري، ”ميخانہ منصوري“ ۾ ڪيس دفن ڪيو ويو.

سيٺ صاحب، ساهت جو بہ مشتاق ٿي گذريو آهي ۽ ڪيترائي ديني ڪتاب شايع ڪرائي، مسلمانن خواهہ هندن ۾ مفت تقسيم ڪندو هو. اهڙيءَ ريت 7 جنوري 1929ع ۾، پنجاسي ورهين جي عمر ۾ پرلوڪ پڌاريائين. سنڌ جي هر ڪنهن ٻچي جي وات ۾ هن جي وائي هئي. ڪنهن صاحب هن جي مشنِ جي راس ٿيڻ تي ڪافي ٺاهي، جو هرڪو ڪافي پيو ڳائيندو هو. انِ جو ٿَلُ هيءُ آهي:

ٿَلُ: واهہ ڙي وشنداس، تنهنجي مشن ٿي راس،
ڪُلون ڪن ڪُوڪار- پلو اَلا!

هن جو نامچار، سنڌ جي هر ڪنهن رسالي ۾ اخبار ۾ ايندو هو. سنڌ مدرسي جي هڪ مشهور مدرس، مولانا احمد خان نورنگزادي جو هڪ قابل داد قصيدو سيٺ صاحب جي شان ۾ ٺهيل آهي، ان جو مطلع ڏيئي، سيٺَ وشنداس جو ذڪر ختم ڪجي ٿو:

”هجي شال سرهو وشنداس سيٺ،
رهي غم ڪان آجو وشنداس سيٺ.

## 9: سيلو فقير سيلاني[14]

سروري جماعت ۾ حضرت پڪڻ ڌڻيؒ جن جي حلقي ۾ شامل جن فقيرن ۽ بزرگن جا نالا مشهور و معروف ٿيا انهن ۾ سيلو فقير سيلاني بہ صفِ اول ۾ اچي ٿو انهيءَ ڪري سندس احوال هتي ڏجي ٿو.[15]

13 استاد سينڌي خان جو انتقال 1948ع تي نہ بلڪہ 8 فيبروري 1942ع تي ٿيو.

14 خليفي سهيل عرف سيلو فقير سيلاني جي ولادت، والدين ۽ حالات بابت ڪا گهڻي معلومات نہ ملي سگهي آهي. عام طرح سان ڪيس ذات جو منگريو چون ٿا. ڪلياتِ امين جو مصنف پروفيسر چنا صاحب بہ ان راءِ جو حامي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ان جي برعڪس عالجيناب حَضرت مخدوم صاحب جن جي خاص ملازم حاجي محمد يوسف (ونديار) ارباب جو چوڻ آهي تہ ”حضرت قبلہ حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين فرمائيندا هئا تہ سيلو فقير ذات جو منگريو نہ پر سيد هو“. حاجي محمد يوسف اربابِ اِها ڳالهہ مون (مخدوم جميل الزمان) کي روبرو فيبروري 2000ع ۾ ٻڌائي هئي.

15 ڪلياتِ امين، ص: 22/21





”سهيل عرف سيلو، هڪ سروري درويش ۽ سيلاني فقير هو. فقير هميشہ سير و سياحت جو ڪوڏيو رهيو، ان ڪري ڪيس سڀ ”سيلاني“ سڏيندا هئا. فقير صاحب، ذات جو ”منگريو“ هو سندس مڪان، هالن ڪان اوپر ۽ اتر طرف هالا بئراج وٽ، ميل- سوا تي آهي. اهو فقير صاحب، ميان مگيلڌي ولد ميان الهہ اوپائي[16] وڏي جو صحبت يافتہ هو، ڪيس فيض بہ اتانهون مليو هو. سيلاني فقير جي صحبت ۽ مجاهدي، رياضت ۽ سلوڪ متعلق حضرت مخدوم مولوي غلام حيدر صدّيقيؒ ڪان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن، ميان مگيلڌي جن وٽان، ڪين هدايت ٿي تہ:

”فقير، هاڻي وچي روٽيءَ رڙيءَ جي ڪجي!“

سندن اها هدايت بہ مجاهدي لاءِ هئي. ان هدايت تي، فقير صاحب رخصتياب ٿي، اچي ٻني ڪئي. جيستائين سندس پوک پچي تيار ٿي، تيستائين ”فقر“ ڪري، ان تي گذران ڪندو هو. آخرڪار ان مجاهدي مان بہ ”فقير“ سيلاني پار ٿيو ۽ سروري توڙ ۾ ”خلافت“ حاصل ڪيائين.

امين محمد سائينءَ جي ملاقات ۽ صحبت متعلق روايت آهي تہ ”هڪ پيري، امين سائين، فقير صاحب وٽ ڪَهي ويا. اتي وڃي ڪين عرض ڪيائون تہ اسان سان بہ ”حال ونڊجي“ فقير صاحب، ٿاڏل (پنگ) گهوٽيل مان ڪجهہ ڏيٹو ڪيو، پر پاڻ فرمايائون تہ اسان کي شريعت شريف مطابق گهرجي، فقير ڳاڙهي مُستيءَ جو شُربت پيش ڪيو. جنهن مان ٿي سُرڪيون پريائون . پهرين سرڪ پيڻ ڪان پوءِ اُتي جي ماحول جي غيبي معاملات جو ڪشف ٿيڻ لڳن، ٻي سرڪ پيڻ ڪان پوءِ، مڪاشفي ۾ تيزي محسوس ٿين، ٽين سرڪ ڪان پوءِ، ڪشف جي واردات ايتري وڌي وِين، جو هالن ڏانهن واپس ورندي، واٽ تي هڪ حاملہ عورت کي فرمايائونَ تہ توکي پُٽ آهي اڳتي هلي. سندن اهو ڪشف سچو نڪتو ۽ ان عورت کي واقعي پٽ ڄائو.“[17]

فقير سهيل جي پهرين صحبت، ”سروري امانت“ کي حضرت امين سائينءَ ڏانهن منتقل ڪرڻ لاءِ ڪافي ثابت ٿي ۽

16 پير ميان مگيلڌو ولد ميان الهہ اوپايو. حضرت پڪن ڌڻيؒ جن جي ڏاڏي حضرت مخدوم امين محمد ثانيؒ جن جي چاچي حضرت پير ميان مگيلڌي جي اولاد مان هو سندس سلسلءِ نسب هن طرح آهي: پير ميان مگيلڌو بن الهہ اوپايو بن مگيلڌو بن ميان مٺن عرف عثمان بن حضرت مخدوم محمد زمانؒ.

17 اها روايت، حضرت مخدوم محمد زمان صاحب ”طالب المولىٰ سجّاده نشين حضرت غوث الحق نوحؒ. بيان فرمائي آهي. (ڪلياتِ امين).

"آنان ڪه خاڪ را به نظر ڪيميا ڪنند."

"آخرڪار سروري امانت، امين سائينءَ ڪي سونپي، سيلاني رمندو رهيو. سهيل فقير، 18 ربيع الاآخر 1302ھ مطابق 4 فيبروري 1885ع جو وفات ڪئي، يعني امين سائينءَ کان فقط هڪ سال اڳ، فقير صاحب کي سندس مرشد غوث الحق حضرت مخدوم نوح ﷺ عليہ جي درگاھ ۾، ڏاڪٽي چوڪنڊيءَ جي هيٺئين پڙ ۾، ٻيءَ قطار ۾ دفن ڪيو ويو."

## 10: منٺار فقير راڄڙ[18]

(1865_16 جنوري 1935ع)

منٺار فقير ولد قبول محمد ذات راڄڙ، ڳوٺ ڪاٽي راڄڙ، تعلقو ڪپرو، ضلعو سانگهڙ سنڌ. مرحوم جي طبيعت ننڍي هوندي کان وٺي فقيريءَ ڏي مائل هوندي هئي. سندس آباءَ و اجداد حضرت غوث الحق مخدوم نوحؒ جا مريد هئا ۽ پاڻ حضرت غوث الحقؒ جي تيرهين سجّاده نشين حضرت مخدوم امين محمد صاحب "امين"ؒ جي هٿ تي بيعت ڪيائين. هڪ سچو طالب ۽ فقير ٿي پيو. پنهنجي مرشد جي وفات بعد، بيحد اُداس ٿي پيو ۽ سندس ڏينهن سخت بيچينيءَ ۾ گذرڻ لڳا. هڪ رات پنهنجي مرشد کي خواب ۾ ڏٺائين. پاڻ، کيس هڪ ڪاغذ ڏنائون، ۽ چيائونس ته: "پڙھ!" فقير چيو ته، "اڻپڙهيل آهيان!" پاڻ وري چيائونس ته، "توکي پڙهايون ٿا ۽ پڙھ!" پوءِ پاڻ لکيل اکرن تي آڱر رکندا پڙهندا هليا ۽ فقير به اهي لفظ چوندو ويو. صبح جو فقير کي اکرن جي شناس هئي ۽ ڪوشش سان سنڌي لکڻ پڙهڻ ۾ چڱو ٿي ويو ۽ پنهنجي وقت ۾ شاعر به چڱو ٿيو. هي اها ڪافي هئي جا فقير کي خواب ۾ پڙهائي ويئي:

لاهي ويھ مَر لڏ، هل ته پهچين هوت ڪي!

ڪم نه ايندئي ڪيچ ري، ڪا ٻي اڏاوت اڏ... هَلُ ته.
پنيار هن پنيور جا، نيئي رسائيندءِ ڪڏ... هَلُ ته...
ٻانيڻ عشق ٻروچ جو، بيٺو ڪريئي، سڏ ... هَلُ ته...
هل ته ڪيچ قبول ٿئين، هٿ رُلاءِ مَر هڏ... هَلُ ته...
مٺان مُنجهين "منٺار"تون، ڏينهن وڃني ٿا، ڏڏ!... هَلُ ته.....

[18] ڪلياتِ امين، ص: 72 کان 74.





منٺار فقير، سائين امين محمدؒ جي شان ۾ جي ڍَهر چيا آهن. انهن مان چند هيٺ ڏجن ٿا:

(1)

مِيان "امين محمد" اُجرا، سَگهه پريا سروَرَ،
پلي خاوند خلقيئي، پاڪ ڏٽيءَ پرور،
توکي نَرَ نوازيو، ڏيهه ڏٽي ڏاتر،
تون تن جي پاڪر آهين، جنين تي چادر،
اتر ڏٽي اجاريون، ڪوڏ منجهان قادر،
ڪر مهر "منٺار" سان، ميان نِمُن ڏٽي نر،
ڪامل تنهنجا ڪر، مولیٰ مٺانهان ڪيا.

(2)

ميان "امين محمد" اُجرا، دل وٺيا دلدار،
طلب تنهنجی تات ٿم، سِڪ گهٽی سردار،
"منٺار" چئی منهنجا پرين، تون پيرو ڪج پتار،
تون نہ وسرين يار، مون نہ وسارج وَلها.

(3)

ميان "امين محمد" اُجرا، سخی شاهنشاھ،
تون بحر خدا جو بادشاھ، دُر منجهان درياھ،
ڪيئی نوازيئی ڪيترا، نظر ساڻ نگاھ،
ڪر مهر "منٺار" سان، يا سخی سرور شاھ،
دليئون پيير داناھ، سڻج منهنجا سڏڙا.

## 11: فقير حاجي محمد پريل مگسي

(1852_1911ع)[19]

هن صاحب جو اصل وطن ياڳناڙي هو ۽ بعد ۾ هن محبّت جي پرواني، امين سائينءَ جي شمع تي فدا ٿي، هالا شريف کي پنهنجو مسڪن بڻايو. هي

[19] ڪليات امين، ص: 68-69-70.

صاحب، اوّل پوليس کاتي ۾ جمعدار هو. پوءِ سائين پکن ڏٽيءَ جي صحبت ۾ نوڪري ترڪ ڪري، آخر تائين حضرت مخدوم صاحب جن جو خاص خدمتگار ٿي رهيو ۽ وفات بہ اتي ئي ڪيائين. جو ڪيس خدمتگارن جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. مرحوم، مرثيہ گو شاعر هو. سندس گهڻو ڪلام گم آهي، باقي بہ- ٽي بيت ۽ هڪ – بہ مرثيا موجود آهن.[20] مثال طور هيٺ ڏجن ٿا:

اول نانءُ الله جو، قادر ربّ قهار،
خاوند پنهنجي خلق ۾، سيّد ڪيو سردار،
سڀ تي نبی سرورﷺ ٿيو، مڙني جو مهندار،
ڪريو هَي! هَي! مير حسين لاءِ، جو اَڙيَن جو آڌار،
"پريل" تنهن پينار، آهي روز الست کان.

سائين پکن ڏٽيءَ جي ٺاهيل مشهور "لولي" جا پاڻ پنهنجي ننڍي ياءُ ميان غلام نبي عرف پنيلٽو جي حيدر آباد دکن ڏي اُسرڻ کان پوءِ، جدائيءَ جي جهوراٽي ۾ ٺاهي هئائون، ان جي ٽن بندن ۾ بہ پريل جو نالو اچي ٿو لوليءَ جو مطلع هي آهي جو وراٽي طور هر بند بعد ۾ اچي ٿو:

آءُ وري تو سري، واهر ڪر يار. آءُ تو لئي چري،
دک ماري دردن جي، آءُ وري!

اهي ٽي بند هي آهن:

(1)

الف آديسين جي، ماءُ نهوڙيس نينهن،
وري واريءَ تي وُنا، مون کي محبّت مينهن،
پهچان مان "پريل" چئي، ماءُ سنياسين سينئن،
ڏني ٽيڙم ڏينهن، ڪينر ڪاڙين جا.

(2)

ظ ظهوريءَ يار جي، راهوند رچايو،
ان کي مچ مجاز جو، الستئون آيو،
هلڻ جو هنگلاج ڏي، راول کي رايو،
"پريل" پچائيو، اندر عشق عجيب جو.

[20] يادرفتگان، مخدوم "طالب المولىٰ"، ص: 12.





(3)

ف فياضي ڳالهڙيون، دل ڪان ڪر مَ دور،
فهم فکر ڪان ڪيو، آديسين عبور،
ادنيٰ ڪان اعليٰ رسي، نرمل ٿيا نُور،
"پريل" تنهنجو پور، دردئون پوي دل ۾.

## 12: فقير پريل نوشهرائي[21]

پير ميان قربان علي ولد ميان جمال الدين عرف فقير "جمال" نوشهرائيءَ کان، جو فقير صاحب بابت احوال معلوم ٿيو، سو هيءُ آهي: فقير ميان محمد پريل ولد ميان غلام محمد، حضرت مخدوم عبدالرحمان گينڊائي نوشهرائيءَ جي خاندان جو فرد فريد هو. جيئن سندس خاندان اصل فقيراڻو هو، تيئن ان صاحب بہ فقيريءَ جي پاڪ پيروي اختيار ڪئي. هي صاحب حضرت مخدوم صاحب هالن واري جي خليفن مان هو. انهن ڏينهن ۾ حضرت مخدوم امين محمد سائين سجّاده نشين هو ۽ فقير صاحب سندن معتقد مريد. حڪيم ڪمال وارو ۽ شاعر شعور وارو هو. سندس ڪلام تہ گهڻو پيو پڙجي، پر هت ڪجھ قبلہ طالب المولىٰ ۽ حاجي محمد بچل جلباڻي کان معلوم ڪري ۽ سيد فاضل شاهہ واري ڪافين جي ڪتاب مان چونڊي، خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان:

### بيت

جي پائنين جوڳي ٿيان، تہ بَر ۾ بني چاڙهہ،
جيرا جگر ڦوڙهي، ڦَٽڙ ڦوڪي ٻار،
پسجين دوستاڻي دربار، انهيءَ پر "پريل" چوي.

### ڪافي

اڪيون ڪين مڃين، ڪنهن جون متيون،
جيڪي رمز سڄڻ جيءَ منجھ رتيون،
اڪيون عشق واريون عريان ٿين، سر گوئي تي ميدان ڏين،

[21] ڪلياتِ امين، ص: 71-72



Gul Hayat Institute

ڳوڙهيون ڪين مڃن، ڪنهين جون ڳتيون.
جڏهن عشق اچي امام ٿيو، تڏهن هوش عقل حيران ٿيو،
جيڪي پرت رکن، تن کي ڪري پتيون.
جيڪي مڇ ڏسي مستان ٿين، سي تہ ”پريل“ چوي پروان ٿين،
سي تہ نرڙ مشڪل، آهن توڙ تتيون.

## 13: فقير علي بخش پٽو[22]

(1251_1319هہ/1836_1902ع)

علي بخش فقير پٽو، ساڪن هالا، پڪن ڏٽيءَ جي خاص حاضريءَ جو ملازم ۽ درويش صفت ماڻهو هو. سندس مڪان (اوتارو)، اڄ تائين هالن ۾ موجود آهي. علي گنج واهہ جي ڏاکڻئين ڪپ تي، درگاهہ جي اُتر ۾ اهو واقع آهي. سندس والد جو نالو امام بخش هو. سندس خاندان اصل پٽاڻ جي ملڪ جو بڏڻ ۾ ٿو اچي. سندس وڏا بازداري جو ڪم ڪندڙ هئا، ان سبب، سندن رهائش حضرت مخدوم نوحؒ جن جي اولاد سان ٿي ۽ ان جاءِ تي رهڻ ٿين، جتي اصل درگاهہ هئي. سندن هجرت سبب، پٽاڻ خاندان بہ ساڻن گڏجي، هت هالن نوَن ۾ آيو.

علي بخش فقير جو تولد، هت هالن ۾ 9 ذي العقد 1251هہ (مطابق 26 فيبروري 1836ع) تي ٿيو ۽ سندس وڏن جي ڏنڏي ڪري، سندس رهڻ سائين پڪن ڏٽيءَ جن وٽ ٿيندو هو، جتي سندس وڏن وانگر ڪين شڪار ڪرائيندو هو. ساڻن گڏ رهڻ ڪري، ڪيس فقيريءَ جو لقب حاصل ٿيو. جيئن پاڻ پڪن تي رهڻ لڳا، تيئن فقير بہ پنهنجي سڪونت اوتاري ۾ اختيار ڪئي. پاڻ بہ هن اوتاري ۾ مدفون ٿيل آهي. فقير انهٺ ورهين جي ڄمارَ ۾ 27 رمضان المبارڪ 1319هہ (مطابق 8، جنوري 1902ع) تي انتقال ڪيو.

[22] ڪلياتِ امين، ص: 74-75- ولادت ۽ وصال جون عيسوي تاريخون تقويم هجري (قلمي) ۽ صد سالہ جنتريءَ تان ورتل آهن.





قبلہ طالب المولىٰ، فقير بابت، هڪ ڳالهہ پنهنجي والد صاحب جن کان ٻڌي هئي. اها هيٺ درج ڪجي ٿي:

هڪ دفعي پڪن وارا صاحب، شڪار تان موٽندي، هالن پراڻن ۾ آيا تہ پاڻي پيئڻ جي ضرورت ٿين. پاڻ بيهي رهيا ۽ فقير کي چيائون تہ ڪٿان پاڻي آڻي ڏي. فقير، اتي جي شاهَن وٽ ويو ۽ پاڻي گهريائين. شاهَن، پاڻي ڪو نہ ڏنو. پاڻ فقير کي بيعزتيءَ سان موٽايائون ۽ پڪن ڏٽيءَ جي باري ۾ بہ، سٺا الفاظ ڪم ڪو نہ آندائون! فقير اچي، ڪين ٻڌايو تہ هتي پاڻي سٺو ڪو نہ ٿو ملي، تنهن ڪري هلي ڳوٺ پيئجي. پاڻ بہ هليا آيا. ڪجهہ وقت بعد، انهن شاهَن تي سرڪاري طرح انڪوائري ٿي. شاهَن سمجهيو تہ اهو ڪم پڪن ڏٽيءَ ڪرايو آهي. شاهہ، ميڙ وٺي، پڪن ڏٽيءَ کان معافي وٺڻ آيا. پڪن ڏٽيءَ چيو تہ، ”اسان جي تہ ڪاوڙ ئي ڪا نہ آهي.“ شاهَن، اُهو واقعو ٻڌايو. پاڻ چيائون تہ، ”اسان کي فقير اها ڳالهہ ئي ڪا نہ ٻڌائي آهي.“

فقير کي سڏي، احوال پڇيائون فقير سچي حقيقت پيش ڪئي. پاڻ فقير کان دريافت ڪيائون تہ، ”بروقت اسان کي تو ڇو نہ انهيءَ راز کان واقف ڪيو؟“ فقير جواب ۾ عرض ڪيو تہ، ”قبلہ! اها ڳالهہ ٻڌايان ها تہ اوهان کي دل ۾ بہ ٿَڪا خيال ٿي پوي ها ۽ نتيجو سهڻو نہ نڪري ها. نوڪر جو ڪم آهي تہ پنهنجي رئيس کي سهڻيون ڳالهيون ٻڌائي ۽ سهڻيون صلاحون ڏئي“ ان تي پڪن ڏٽي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ ڪيس انعام اڪرام ڏنائون. ان واقعي کان پوءِ شاهَن سان قرب جو نئون ناتو شروع ٿيو.

## 14: قاضي عبدالله پورگر[23]

هالا شهر جي باشندن مان، جي سائين پڪن ڏٽيءَ جا مقرب ۽ معتقد هئا، انهن مان قاضي صاحب بہ هڪ آهي. قاضي صاحب، پورگرن جي خاندان مان هو ۽ تمام متقي ۽ صومُ و صلوات جو پابند رياضتي بہ هڪڙو هو. ميان محمد دائود پورگر، جنهن جي عمر هن وقت اٽڪل پنجهتر ورهيہ آهي، ان کان معلوم ٿيو تہ آخوند عبدالمجيد مجاور، قاضي صاحب وٽ، مسجد شريف ۾ پڙهائيندو هو. مرحوم قاضي صاحب، آخوند وٽ هر وقت مراقبي ۾ ويٺو هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن پڪن ڏٽي، پنهنجي فرزند حضرت

[23] ڪلياتِ امين، ص: 76.

مخدوم ظهير الدين صاحب سان گڏ، مرحوم قاضي صاحب وٽ صحبت لاءِ پڻ ويندا هئا. جڏهن قاضي مرحوم جي شادي ٿي هئي، تڏهن پکن ڏٽي، خاص طور وٽس مستورات سميت ويا هئا. آخري عمر ۾ قاضي صاحب حج تي ويو ۽ مديني منوّره ۾ 1307ھ (مطابق 89-1890ع) ۾ وصال ڪيائين.

## 15: پير محمّد عالم قريشي[24]

(ولادت 1942ع/ 1361ھ)

پير ميان محمّد عالم بن پير ميان تقي محمّد صدّيقي جي ولادت 14 ربيع الاول 1361ھ مطابق 1 اپريل 1942ع تي ڳوٺ اٽل شاھ لڳ ٻنون تعلقہ ميرپور بٺورو (ضلعو ٺٽو) ۾ ٿي. سندس والد پير ميان تقي محمّد صدّيقي جو انتقال رمضان/شوال 1360ھ مطابق سيپٽمبر/آڪٽوبر 1941ع ۾ ٿيو، انوقت پير ميان محمّد عالم ستن مهينن جو هئو، سندس سلسئہ نسب هيئن آهي: پير ميان محمّد عالم بن پير ميان تقي محمّد بن پير ميان محمّد شاھ بن پير ميان پاؤن علي بن پير ميان عبدالواحد بن پير ميان ربّ ڏنو بن پير ميان محمّد حفيظ بن پير ميان بهاءُ الدّين بن پير ميان محمّد شاھ بن پير ميان عبدالواحد بن پير ميان امين محمّد بن پير ميان فتح محمّد بن پير ميان ابراهيم بن حضرت مخدوم لاڪو لطف الله بن حضرت مخدوم امين محمّد اوّل بن حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور صدّيقي قريشيؒ

پير صاحب 1956ع ۾ سنڌي فائنل ۽ 1962ع ۾ سجاول مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو، لاڙ جي اديب ساقي سجاوليءَ کان ٻني ۾ انگريزيءَ جي تعليم ورتائين، 1965ع ۾ جونيئر اسڪول ٽيچر طور پرتي ٿيو، ليڪن آزاد طبعيت هئڻ ڪري هڪڙي سال اندر هيڊ ماستر سان ڪاوڙجي نوڪري ڇڏي ڏنائين. ساقي سجاولي جي صحبت ۾ ادب ڏانهن لاڙو ٿيس ۽ لڳ ڀڳ 40 ڪتابن جو مصنف آهي جن مان ڪجھ هي آهن: (1) 1100 حديثن جو مجموعو (2) رسالو سانوڻ فقير (3) خطوطِ طالب الموليٰؒ (4) مخدوم لاڪو

[24] پير صاحب جو احوال پير محمّد حفيظ بن پير محمّد هاشم سيريءَ واري وٽان مليو. پير ميان محمّد عالم تاريخ 7 نومبر 2009 تي اعليٰ حضرت قبلہ مخدوم امين محمّد سائينؒ پکن ڏٽي جن جو ڪجھ ڪلام منهنجي حوالي ڪيو، سندس بقول تہ هي ڪلام ڪتاب ڪليات امين ۾ درج ڪونهي ليڪن ذڪر وارن فقيرن کان مليو اٿس، سندس ڏنل ڪلامَ مان ڪجھ ڪلام ”ڪلامِ امين“ ۾ شامل آهي، جنهن لاءِ سندس شڪريو ادا ٿا ڪريون. (مخدوم جميل الزمان)





پير لطف اللهؒ (5) مخدوم سلطان پير ادهم ثانيؒ (6) قلندر لال شهباز سيوهاڻيؒ وغيره.

1962ع کان ڳوٺ پير علي مير لڳ نورو ٻارڻ تعلقہ سجاول (ضلعو سجاول) ۾ رهائش اٿس، کيس هڪڙي نياڻي ۽ ستن فرزندن جو اولاد آهي، جن جا نالا هي آهن: (1) پير ميان تقي محمّد (2) پير ميان فتح محمّد (3) پير ميان رضا محمّد (4) پير ميان نظر محمّد (5) پير ميان نور محمّد (6) پير ميان فضل محمّد (7) پير ميان ولي محمّد.

## 16: سومار فقير عرف سومر فقير[25]

فقير جو نالو سومار فقير هو پر ماڻهو کيس اڪثر سومر فقير چوندا هئا، سومر فقير جا وڏا اصل اجمير شريف جا رهاڪو ٻڌجن ٿا، فقير ننڍي هوندي اتان هتي آيو ۽ قبلہ حضرت غلام محمد گل سائين عليہ رحمة جن جي خدمت ۾ رهيو. سائن کيس ڏاڍو پائيندا هئا کيس ڪجھ عرصو محمد فقير ڪٽياڻ جي صحبت ۾ بہ موڪليائون. ان وچ ۾ فقير ڪجھ عرصو واپس اجمير شريف بہ ويو ۽ وري موٽي گل سائين جن جي خدمت ۾ رهيو ۽ قبلہ گل سائين جن جي وصال بعد سيد جڙيل شاھ اجناڻي وٽ رهڻ لڳو. قبلہ طالب الموليٰ سائين عليہ رحمة جن جڙيل شاھ کان راهونڊ شريف جي خدمت لاءِ ماڻهو گهريو، تہ پاڻ سومر فقير کي راهونڊ شريف تي ڇڏيائين، بس پوءِ تہ فقير راهونڊ جو ٿي ويو ۽ دل سان خدمت رياضت ڪيائين ۽ سالها سال ان جهنگ ۾ اڪيلو رهي الله الله ڪيائين. قبلہ طالب الموليٰ سائين کيس گهڻو پائيندا هئا. فقير جي ذات راهوجو يا اهڙي ڪا ذات هئي، پر هتي ڏاهرين سان گهڻي تعلق ڪري قبلہ طالب المولا سائين جن فقير کي فرمايو تہ ذات تہ تنهنجي ٻي آهي پر هاڻ اسين توکي ڏاهري ذات ٿا ڏيون. ائين سومر فقير ڏاهري ٿي ويو فقير جي خواهش تي قبلہ طالب المولا سائين جن فرمايو تہ تنهنجي آخري آرامگاھ محمد فقير ڪٽياڻ جي ٿلهي تي راهونڊ شريف ۾ ڪبي. فقير اندازاً 1993-1994 ڌاري وصال ڪيو ۽ اتي رکيو ويو.

[25] سومر فقير متعلق احوال پوڙهي فقير وڳڻ کان مليو، جيڪو پاڻ سومر فقير سان گڏ ۽ ان کانپوءِ راهونڊ جي خدمت ۾ رهيو ۽ دل سان رياضت ڪيائين، هينئر علالت جي بستري تي آهي.

## 17: روايتون ۽ راهوند شريف جي مختلف جاين جو تفصيل

**روايتون:**

روايت آهي تہ نوشهري فيروز طرف هڪ بزرگ نصير شاهہ نالي هو ان سائين پڪن ڏٽي عليہ رحمة جن ڏي هي بيت لکي موڪليو تہ:

خبــر ڏي کوهــ جــي، پــالهوڪي پيهــ
جس جڙئين چو چڏي، رينگو نڪي ريهـ
ڪـڏهن اچـن ٻـ چٺـا، ڪـڏهن اچـن ٿيهـ
جـن لـڄ نـ لِيهـ، سي پنيبيـون پـري آئيـون.

پڪن ڏٽي عليہ رحمة جن جواب ۾ هي بيت لکي موڪليو تہ:

ڪوهــ ڪنيــو خيراتــي، پــالهو پيــو آهــي
گهٽــي جـس جـڙئين، رينگـي سـان راهــي
مٽ پري تن منهن ڪيا، جن لڄ چڏي لاهي
گجهـ نـ ڳالهـائي امـين محمـد عشـق جـو.

جواب ملڻ سان اهو بزرگ هلي اچي سندن قدمين پيو.[26]

**قبلہ مخدوم غلام محمد گل سائينؒ بہ راهوند شريف تي اڪثر چلہ ڪشي ۽ ڪچهريون ڪندا هئا.**

ٻڌجي ٿو تہ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ هالا شريف مان ننگر جون ديڳيون تيار ڪرائي راهوند تي ڪٽائي هلندا هئا، اتي ديڳيون چڏي نوڪر موٽي ايندا هئا، باقي ڪي حال وارا فقير ساڻن گڏ هوندا هئا. اوچتو اوپرن ماڻهن جا جٿا چئني طرفن کان اچڻ شروع ٿيندا هئا، حالانڪ نہ اتي ايتري آبادي هئي ۽ نہ ئي اهي ماڻهو ڏٺل لڳندا هئا، پوءِ پاڻ ان گڏ ٿيل ماڻهن کي اهو ننگر ڪارائيندا هئا. ان بعد اهي ماڻهو وري واپس هليا ويندا هئا ۽ نوڪر اچي ٿانوَ واپس ڪٽي ويندا هئا. ان وقت موجوده سامان جي ڪمري اڳيان ٿلهي تي هڪ نم جو تمام وڏو ۽ گهاٽو وڻ هوندو هو ۽ پاڻ ان هيٺان اڪثر ماڻهن سان ملندا هئا ۽ ڪچهريون ڪندا هئا. اتان کان ڪجهہ اتر پاسي محمد فقير ڪٽياڻ جو ٿلهو هوندو هو، جتي فقير ويهي الله الله ڪندو هو اتي هينئر سومر فقير مدفون آهي.

---

[26] هي روايت پوڙهي فقير وڳڻ کان سومر فقير جي حوالي سان معلوم ٿي.





**راهوند شريف جي مختلف جاين جو تفصيل:**

راهوند شريف جي رياضت گاهہ کي پڪا شريف بہ چئجي ٿو، ان ڪري امين محمد سائينؒ کي پڪن ڏٽي يا پڪن وارو پير بہ چئبو آهي.

1. تڪيي جي جاءِ يا خاص چلہ ڪشي جي جاءِ، ڪچهري جي ٿلهن ۽ لانديين کان اتر طرف ڪجهہ فاصلي تي وٽن جي جهڳٽي ۾ آهي، تڪيي جي جاءِ تي سندن مچ مبارڪ آهي ۽ چار ڪاٺيون رکيل آهن، جيڪي پوءِ گاري سان راڱيون ويون، پاڻ ان ڪاٺين تي آرام فرمائيندا هئا. ڪاٺيءَ جو ڪجهہ اصلوڪو ٽڪر بہ رکيل آهي.
2. اتي ئي ٿورو اتر طرف هڪ ٻيو مچ آهي، جيڪو پنجتن پاڪ جي نالي سان منسوب آهي، ٻڌجي ٿو تہ هڪ دفعي هڪ بزرگ پنهنجي طالبن سان گڏجي راهوند شريف تي آيو تہ هلو تہ هلي امين محمد سائينءَ کي راهوند تان اٿاري هالا شريف چڏي اچون. اتي اچي پڇا ڪيائون پاڻ ان مهل تڪيي اندر هئا. هو بزرگ بہ اوڏانهن هليو، هن وڃي زور سان سلام ورايو پاڻ هيٺ ڪنڌ ڪريو ويٺا هئا سو مٿي نهاري ويهڻ لاءِ اشارو ڪيائون، هي ويٺا ۽ بزرگ کي لڙڪ وهڻ لڳا. ڪجهہ دير ڪانپوءِ پاڻ فرمايائون تہ ڪيئن اچڻ ٿيو؟ ان بزرگ چيو تہ قبلا حاضريءَ تي اچڻ ٿيو. پاڻ فرمايائون تہ حاضري ٿي هاڻ اوهان کي اجازت آهي. هو بزرگ پنهنجي ماڻهن سان واپس روانو ٿيو ۽ روئندو رهيو ڪنهن کي بہ پڇڻ جي همت نہ ٿي واپس وڃي ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ڪنهن فقير ان بزرگ کان پڇيو تہ سائين ڇا سبب آهي اوهين تہ امين محمد سائين کي اٿارڻ ٿي هليا ۽ اتان روئندا واپس آيا؟ ان بزرگ فرمايو تہ مونکان وڏي غلطي ٿي جو مون وڃي وڏي آواز سان سلام ورايو. ان مهل امين محمد سائين جن جي گوڏن تي ٻئي امام پاڪ عليہ السلام آرامي هئا، جيڪي پوءِ وٽن جي اتر طرف واري جهڳٽي ڏي روانا ٿيا ۽ سائين جن پاڻ سان ڳالهايو. اهو مچ ان وٽن جي جهڳٽي واريءَ جاءِ تي آهي.
3. راهوند شريف جي حد ۾ داخل ٿيندي ئي وڏو گول ٿلهو آهي، جتي قبلہ طالب المولا سائين جن مشاعرا ۽ محفلون ڪندا هئا ۽ سال ۾ هڪ دفعو ماڻهن جي وڏي ونگار ٿيندي هئي ۽ راهوند شريف جي سڄي حد کي ڏينگهرن جو لوڙهو ايندو هو، قبلہ طالب المولا سائين پاڻ موجود هوندا هئا ۽ راڳ بہ پيو هلندو هو ۽ سيني جي ننگر جو انتظام بہ اتي ئي ٿيندو هو.

4. ان کان اولهہ طرف لانديءَ آهي، جتي سياري ۾ مچ ڪچهري ۽ فقراهہ جي رهائش هئي. ذوالحج ۽ رجب مهيني جي سهائي اربع تي خاص محفل ۽ ذڪر و سماع جو اهتمام ٿئي، سياري ۾ لانديءَ ۾ ٿئي،
5. ۽ اونهاري ۾ گول ٿلهي تي، لانديءَ جي پير ۾ مسجد شريف آهي.
6. گول ٿلهي کان اوپر طرف سامان رکڻ يا ڪنهن مهل فقيرن جي رهڻ جو ڪمرو آهي، جنهن اڳيان ڪنهن وقت بہ نم جو وڏو ۽ گهاٽو وڻ هوندو هو، جتي گل سائين جن ماڻهن سان ڪچهريون ڪندا هئا.
7. ڪمري کان اتر طرف نلڪو آهي، جتي ڪنهن وقت ۾ کوهہ هو. نلڪي کان اتر طرف محمد فقير ڪٽياڻ جو ٿلهو آهي، جتي هينئر سومر فقير مدفون آهي.
8. گول ٿلهي کان اتر طرف مٿي امين محمد سائين پڪن ڏاڏي جي ڪچهري جي لانديءَ يا ڪڙهو، جتي هينئر پڪي جاءِ آهي.
9. **نانگ مان ڪاني ٿيڻ**: روايت آهي تہ امين محمد سائين جن تڪيي جي جاءِ تي هيٺ ڪنڌ ڪريو ويٺا هئا، تہ هڪ نانگ آيو ۽ اچي ڦوڪون ڏيڻ لڳو. پاڻ مٿي نهاريائون تہ نانگ ڪاني ٿي پيو، اهو ڪاني ٿيل نانگ ڪافي عرصو اتي پيل هو، پوءِ اهو قبلہ طالب المولا سائين جن ڪٽائي هالا شريف آيا، سومر فقير سائن کان گهر ڪئي تہ اهو ڏجي تہ اتي رکجي، سائين فرمايو تہ اهو تہ هاڻ هتي ئي هوندو باقي توکي ٻيو ملندو پوءِ فقير کي اهڙو ئي ٻيو ڪانيءَ جو نانگ ٿيل ملي ويو، جيڪو هن وقت اتي رکيل آهي.

## 18: واقعاتي تاريخ

(1254_1303 هـ/1838_1886ع)

### 1838ع

26 آڪٽوبر 1838ع (7 شعبان المعظم 1254هـ):

حضرت مخدوم امين محمد ثالث پڪن ڏاڏي بن حضرت مخدوم محمد زمان رابع صدّيقي قريشي رحمة الله عليه جنجي هالا نوان ۾ ولادت ٿي.





### 1840ع

آخوند حافظ حاجي عبدالغني بن آخوند حافظ ٻاجهو هالا ۾ تولد ٿيو. (1256هـ)

### 1843ع

1259هـ:

اُستو گلاب سومرو (ڪٽي) بن حاجي پريل سومرو هالا ۾ ڄائو.

### 1845ع

26 ڊسمبر(26 ذوالحج 1261هـ)

حضرت خواجہ غلام فريد بن خواجہ خدا بخش چاچڙان شريف ۾ تولد ٿيو.

### 1852ع

2/1 _ ڊسمبر (19- صفر 1269هـ)

حضرت مخدوم امين محمد ثالثؒ 13- سجّاده نشين جي حيثيت ۾ حضرت غوث الحق مخدوم نوحؒ جي گادي تي ويٺا.. پاڻ حضرت مخدوم نوحؒ جي 12- سجّاده نشين، حضرت مخدوم محمد زمان رابعؒ جا وڏا فرزند هئا.

### 1853ع

17- فيبروري (9- جمادي الاول 1269هـ)

فقير محمد يوسف عرف "نانڪ يوسف" گذاري ويو.

29- آگسٽ:

سنڌ جي گورنر سر چارلس نيپئر جو 65 سالن جي ڄمار ۾ هيمپشائر، برطانيا ۾ لاڏاڻو ٿيو. هو 1843ع کان 1847ع تائين مقبوضہ سنڌ جو گورنر ٿي رهيو.

7- آڪٽوبر:

خانبهادر شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ "قليچ" ولد مرزا فريدون بيگ ڄائو.

26- ڊسمبر:

لارڊ ايلفنسٽن، و سڪائونٽ فالڪليند جي جاءِ تي بمبئي جو گورنر مقرر ٿيو.



Gul Hayat Institute

## 1854ع

22- نومبر (1- ربيع الاول 1271ھ)
مير محمد خان ٽالپر، دهلي ۽ پنجاب کان ٿيندو حيدرآباد پهتو.

## 1855ع

5- مارچ (15- جمادي الثاني 1271ھ)
مير محمد خان ٽالپر جو انتقال ٿيو. "ٽالپري مقابرن ۾ سندس جدا مقبرو آهي، جنهن ۾ ساڻس گڏ فقط سندس پٽ مير شاهنواز خان رکيل آهي." مير صاحب جي سجع هيءَ هئي:

"مير محمد مة او کرم"

## 1857ع

2- اپريل (7-شعبان 1273ھ)
مولوي عزيز الله متعلوي جو وصال ٿيو. پاڻ قرآن مجيد جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هئائين. سندس تدفين لنواري شريف ۾ ٿي.
28- آگسٽ:
هزهائينيس مير شهداد خان "حيدري" ولد هزهائينيس مير نور محمد خان جو ڪلڪتي ۾ اسيري جي حالت ۾ انتقال ٿيو.

## 1859ع

2- فيبروري (28-جمادي الثاني 1275ھ)
محمد محسن 'بيڪس' روهڙائي جي ولادت ٿي. "بيڪس" سنڌ جي ناميارِي صوفي ۽ شاعر فقير عبدالقادر عرف قادر بخش 'بيدل' جو فرزند هئو.
18- فيبروري (15- رجب 1275ھ)
پير سيد محمد ياسين شاهه راشدي، جهنڊي واري جو وصال ٿيو. "پهرين کين ڳوٺ راڄو خاناڻي ۾ دفن ڪيو ويو. هڪ سال گذرڻ بعد سندن وڏي فرزند پير فضل الله شهيد سندن جسم اتان ڪيرائي شاهه شريف جي مسجد جي اتر پاسي دفن ڪرايو."

## 1860ع

5- اپريل (14-رمضان 1276ھ)
مولانا مخدوم غلام محمد ملڪاڻي جي ولادت ٿي.





18- اپريل (27- رمضان 1276ھ)
مولانا حاجي محمد هالائي بن آخوند محمد اسماعيل بن آخوند دين محمد جي ولادت ٿي.
29- سيپٽمبر (14- ربيع الاول 1277ھ)
پير محمد اشرف شاهه ڪاماري واري جو وصال ٿيو. سندس ولادت 1214ھ/1799-1800ع ۾ ٿي، پاڻ پير محمد غوث جو فرزند هئو، سندس ڳوٺ ۽ آخري آرام گاهه ڪامارو شريف، تعلقي ٽنڊو الهيار ضلعي حيدرآباد ۾ آهي.
16- ڊسمبر (3- جمادي الثاني 1277ھ)
مرزا خسرو بيگ جو انتقال ٿيو. "مرزا خسرو بيگ ايران کان خريد ٿي مير ڪرم علي خان ٽالپر وٽ بطور غلام آيو، جنهن کيس پالي، آزاد ڪري، اميريءَ جي منصب تي پهچايو. خسرو بيگ، سيني علومن ۾ طاق هو. طب سان بہ خاص شغف هئس ۽ انهيءَ فن ۾ 'طبِ خسروي' جي نالي سان ڪتاب مرتب ڪيائين، جيڪو سندس خاندان ۾ محفوظ آهي."

## 1861ع

13- مئي:
نارٿ ويسٽرن ريلوي "North Western Railway" ڪراچي کان ڪوٽڙي جي درميان پهريون دفعو 169 ڪلوميٽر لائين جو آغاز ڪيو.
28- سيپٽمبر:
پير علي اصغر 'علي' شاهه راشدي جي ولادت ٿي، سندس تخلّص 'علي' هئو.
4- نومبر (1- جمادي الاول 1278ھ)
حضرت غوث الحق مخدوم نوحؒ جي 14- سجّاده نشين مخدوم محمد زمان سرڪار جي ولادت ٿي. پاڻ حضرت مخدوم امين محمد ثالث عرف پڪن ڏڻيؒ جن جا وڏا فرزند هئا، سندن وصال 1913ع ۾ ٿيو.

## 1862ع

6- اپريل (6-شوال 1278ھ)
الحاج الحافظ خواجہ محمد حسن جان قنڌار ۾ ڄائو. پاڻ حضرت خواجہ عبدالرحمانؒ جو وڏو فرزند هئو.



Gul Hayat Institute

12- مئي:
مرزا دوست محمد بيگ ’دوست‘ ولد مرزا علي بخش بيگ ڄائو.
4- آگسٽ (7- صفر 1279ھ)
پير سيد شاھ مردان شاھ اول جي ولادت ٿي.

## 1863ع

3- مارچ:
مولوي غلام رسول عرف محمد هاشم شڪارپوري ڄائو. سندس تخلّص ’هاشم‘ هئو. مولوي غلام رسول، حضرت رئيس العارفين خواجہ امين چشتيؒ جي خليفي، مولانا حافظ صاحبڏني چشتيءَ جو پڙپوٽو هئو.
11- مارچ:
ميجر جيمز آئوٽرام جو فرانس ۾ لاڏاڻو ٿيو.
23- مارچ:
ساڌو هيرانند حيدرآباد ۾ ڄائو، ”سنڌ سڌار“ جو ايڊيٽر هئو.
28- آڪٽوبر (15- جمادي الاول 1280ھ)
صاحبِ شريعت حضرت مخدوم محمّد ظهيرالدينؒ جي ولادت ٿي. پاڻ حضرتِ غوث الحق مخدوم نوحؒ جي 13- سجّاده نشين مخدوم امين محمد ثالثؒ جا ٻيو نمبر فرزند ۽ حضرت غوث الحق مخدوم نوحؒ جا پندرهون نمبر سجّاده نشين هئا. ڪين ”محمد پريل ڄام“ ۽ ”پرو ڄام سائين“ جي نالن سان پڻ سڏيو ويندو هئو.
5- ڊسمبر:
سنڌ جي پهرئين ڪمشنر سر بارٽل فريئر، مير يار محمد بن مير مراد علي خان وٽ وڃي ٽالپرن جي عهد جي تاريخ لکڻ لاءِ فرمائش ڪئي، جنهن تي مير صاحب 1279ھ/1862-1863ع ۾ ’فريئر نامو‘ لکيو.

## 1865ع

3- جون:
جارج-V لنڊن ۾ ڄائو، سندس پورو نالو جارج فريڊرڪ ارنسٽ البرٽ هئو. 6- مئي 1910ع تي برطانيا جي تخت تي ويٺو، سندس تاج پوشي واري رسم 22- جون 1911ع تي ٿي.
5- جون (10- محرم 1282ھ)
فولاد علي فقير شر تولد ٿيو.





26- آڪٽوبر (5-جمادي الثاني 1282ھ)
صوفي حمل فقير سندس شجرو تحرير/قلمبند ڪيو.

## 1866ع

18- جنوري:
ڪيمچند امرت راءِ مير چنداڻي، پرمانند ميوارام سان گڏ ڪرسچن ٿيو. سندس عيسائي نالو ’ٿامس‘ ۽ پرمانند جو نالو ’فيلڪس‘ رکيو ويو. پاڻ حيدرآباد جي ’پرڀات‘ ۽ ’سنڌ واسي‘ جو ايڊيٽر ٿي رهيو.
22- مارچ (5-ذوالقعد 1282ھ)
پير علي محمد قريشي غوث پوٽو گذاري ويو.
14- اپريل:
دارالعلوم ديوبند جو افتتاح ٿيو.
13- آگسٽ:
مير امام بخش خان ٽالپر کي بمبئي قانون ساز ڪائونسل ۾ نشست ملي.
29- سيپٽمبر (14- جمادي الاول 1283ھ)
پير امام بخش شاھ قريشي بڪيرائي جو وصال ٿيو.

## 1867ع

16- جولائي (14-ربيع الاول 1284ھ)
پير علي محمد شاھ بن پير صبغت الله شاھ ’تجر ڌڻي‘ جو وصال ٿيو.

## 1868ع

21- آڪٽوبر (5- رجب 1285ھ)
اميد علي شاھ ولد نظر محمد شاھ جو ٽنڊي محمد خان ۾ انتقال ٿيو. سندس اصل رهائش اگهيم ڪوٽ اگهاماڻن ۾ هئي.
30- نومبر (15- شعبان 1285ھ)
علامہ اسد الله شاھ ٽکڙ ۾ ڄائو. پاڻ حڪيم، حاجي حافظ، قاضي ۽ شاعر ٿي گذريو. سندس تخلّص ’فدا‘ هو. ’خلافت تحريڪ‘ جي اڳواڻن مان هو ۽ ’بهارِ اخلاق‘ رسالو جاري ڪيائين.
حضرت پير ميان جان محمد بن حضرت مخدوم امين محمد ثالثؒ جي ولادت ٿي. (1285ھ)



Gul Hayat Institute

## 1869ع

15- فيبروري:
مرزا اسد الله خان ’غالب‘ (ڄمر 1797ع) جو دهليءَ ۾ انتقال ٿيو.

*بيدادِ عشق سے نہیں ڈرتا مگر، اسد*
*جس دل پہ ناز تھا مجھے وہ دل نہیں رہا۔*

2- آڪٽوبر:
موهن داس ڪرم چند گانڌي ڄائو.

## 1870ع

20 فيبروري (18 ذيقعد 1286هه)
مفتي سعد الله انصاري ”رياض“ هالائي جي ولادت ٿي.
21- فيبروري:
نواب احمد خان جي وفات ٿي، پاڻ وزيراعظم نواب ولي محمد خان لغاريءَ جو فرزند هو.
21- اپريل (19- محرم 1287هه)
سيد علي محمد شاهه دائري واري جو انتقال ٿيو.
18- مئي (16- صفر 1287هه)
فاتحِ سنڌ، مير فتح علي خان ٽالپر جي شهزادي، بيبي بلقيس جو انتقال ٿيو.
”اڄ بہ ڪيترائي ڪتاب نظر مان گذرن ٿا، جيڪي ان بلند اقبال ۽ پاڪيزه ذوق واري سنڌي شهزاديءَ پنهنجي خاص ڪتب خاني لاءِ نهايت اهتمام سان نقل ڪرايا هئا، انهيءَ شهزادي جو عقد مير نور محمد خان سان ٿيو.“
حضرت پير ميان مٺن بن حضرت مخدوم امين محمد ثالثؒ جي ولادت ٿي. (1287هه)

## 1871ع

13- جنوري (20- شوال 1287هه)
سيد حاجي محمد حافظ شاهه، اگهئين ٽڪڙ ۾ ڄائو. پاڻ سيد اله بخش شاهه جو چوٿون نمبر فرزند هو.
9- جون (20- ربيع الاول 1288هه)
مخدوم عبدالرحمان پنهنجي والد مخدوم محمد هاشم جي فارسي ڪتاب





”حيات العاشقين يعني مناسڪ حج“ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو، جيڪو محمدي ڇاپخاني بمبئي مان شايع ٿيو.
17- جولائي:
نواب حاجي غلام حيدر خان، ڳوٺ تاجپور ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو، پاڻ نواب ولي محمد فقير جو فرزند هو.

## 1872ع

19 جنوري (8 ذيقعد 1288هه)
حضرت پير ميان فتح محمد ثاني بن حضرت مخدوم امين محمد ثالثؒ جي ولادت ٿي.
10- مارچ:
امامِ انقلاب حضرت مولانا عبيدالله سنڌيؒ چيانوالي ضلعي سيالڪوٽ ۾ ڄائو.

## 1873ع

15- جنوري (16- ذيقعد 1289هه)
فقير عبدالقار ’بيدل‘ جو انتقال ٿيو. ڪيس قادر بخش پڻ سڏيو ويندو آهي. سندس والد خليفو محمد حسن هئو. فقير قادر بخش 1230هه/1814ع ۾ ڄائو. سندس چٽيءَ جو نالو عبدالقادر رکيو ويو، مگر پاڻ، پيران پير دستگير حضرت غوث الاعظم سيد عبدالقادر جيلانيؒ جي احترام سبب قادر بخش سڏائڻ لڳو. بيدل فقير جو شجره نسب حضرت غوث بهاءُالحق زڪرياؒ سان ملي ٿو. سڀ کان پهريائين سندس ڏاڏي حضرت عبدالقادر قريشي ملتان مان هميشہ لاءِ لڏي اچي روهڙيءَ ۾ سڪونت اختيار ڪئي. بيدل فقير سڀ کان اڳ هڪ فارسي غزل چيو جنهن جي مصرع هن طرح آهي:

*زاہد از مسجد یکبار بہ میخانہ در آ*
*عہد و پیمانہ شکن طالب پیمانہ در آ۔*

فقير بيدلؒ جي مزار هاءِ اسڪول روهڙيءَ جي پرسان آهي.
9- سيپٽمبر:
بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو اجلاس شروع ٿيو، جيڪو 9-11-13-17-25-26-27-29 کان 30- سيپٽمبر تائين هليو.



Gul Hayat Institute

## 1874ع

24- جنوري:
ويرومل بيگراج، سکر ۾ ڄائو. شري گوڪلداس جي صحبت ڪيس سياست ۾ وٺي آئي.
13- مارچ (25- محرم 1291ھ)
مولوي محمد صادق، کڏي وارو تولد ٿيو.

## 1875ع

20- جون:
پير ميان خدا ڏنو شاهه ولد پير ميان امام بخش رضوي نصرپور ۾ ڄائو. سندس اصل نالو بنده حسين شاهه هو. پاڻ حضرت سيد غلام حسين شاهه عرف گل پير رضوي جو 3- نمبر سجّاده نشين هو. سندس وصال 1938ع ۾ ٿيو.

## 1876ع

11- جنوري:
مير سهراب خان ثاني 'مسڪين' ولد مير محمد حسن خان ٽالپر منگهڻ واري ۾ وفات ڪئي.
12- سيپٽمبر:
مرزا علي نواز بيگ 'خسروي' حيدرآباد ۾ ڄائو.
25- ڊسمبر:
بانيءِ پاڪستان، قائداعظم محمد علي جناح ڄائو.

## 1877ع

2- نومبر:
آغا خان سوئم ڪراچي ۾ ڄائو.

## 1878ع

30- مارچ:
مير حسين علي خان 'حسين' جو انتقال ٿيو. مير صاحب 1859ع ۾ گورنر جنرل لارڊ ڊلائوزي جي حڪم سان ڪلڪتي مان حيدرآباد پهتو، جتي مذڪوره تاريخ تي وفات ڪيائين. ڪيس سندس آبائي قبرستان يعني ميرن جي قبن واري ٽڪريءَ تي دفن ڪيو ويو.





## 1879ع

26- جنوري (2- صفر 1296ھ)
صوفي شاعر حمل فقير لغاري جو وصال ٿيو.
30- مارچ:
مير شير محمد خان جي هندو منشي موريي فقير ڏگهن سنڌي بيتن ۾ ليلان چنيسر "قصو ڪوئنرو چنيسر" جي عنوان سان جوڙي راس ڪيو.
1- اپريل:
سنڌ جو قادرالڪلام شاعر محمد صدّيق 'مسافر' ٽنڊي باگي ضلعي بدين ۾ تولد ٿيو.
31- جولائي (11-شعبان 1296ھ)
درگاهه حضرت مخدوم نوحؒ جي مجاور حاجي محمد صالح، "تحفة الاوليا" جو قلمي نسخو لکي پورو ڪيو. سندس والد حافظ ويڙو هئو.
27- نومبر (12- ذوالحج 1296ھ)
مولانا نور محمد شهدادڪوٽيءَ جو 90 ورهين جي ڄمار ۾ انتقال ٿيو. پاڻ ياڳناڙيءَ جي شهر 'ڪنڊي' ۾ تولد ٿيو. سندس سلسلو قادري هو.
حضرت پير ميان نبي بخش بن حضرت مخدوم امين محمد ثالثؒ جي ولادت ٿي. (1297ھ)

## 1880ع

9- نومبر:
حاجي شير محمد چغدو ڄائو. سندس والد حاجي محمد صالح چغدي جو وصال 1- جون 1922ع ۾ ٿيو.

## 1881ع

8- جنوري (7- صفر 1298ھ)
خواجه محمد حسن "شاهه مدني" جو مديني شريف ۾ انتقال ٿيو. "سندن مرقد قبهءِ اهل البيت جي ويجهو جنت البقيع ۾ خواجه محمد پارسا جي قبر وٽ ڪيو ويو."
18- جنوري:
آخوند محمد قاسم هالائي (ڄم 1806ع) جو وصال ٿيو. پاڻ آخوند نعمت الله جو فرزند هئو. آخوند قاسم هالن پراڻن جي سانوٽي آخوندن مان هڪ بهترين عالم فاضل شاعر ٿي گذريو آهي، سندس تخلّص "قاسم" هو.

Gul Hayat Institute

12- اپريل:

آغا خان اول جو انتقال ٿيو.

6- جولائي:

حڪومتِ هندستان ۾ روينيو ۽ زراعت جا محڪمه قائم ٿيا.

25- جولائي:

خان بهادر حاجي امام بخش خان "صابر" جتوئي، عرف شاهنواز خان جي ولادت ٿي.

31- جولائي (5- رمضان 1298ھ)

'بيڪس' روهڙائي جو وصال ٿيو.

## 1882ع

5- نومبر (23-ذوالحج 1299ھ)

مولانا عبدالرحمان ميمڻ شڪارپوريءَ جو وصال ٿيو.

30- نومبر:

نواب الهداد خان 'صوفي' ولد نواب ولي محمد خان لغاري جو وصال ٿيو.

## 1883ع

26- فيبروري:

مخدوم پير ميان غلام حسين 'شيدا' هالا نوان ۾ تولد ٿيو. سندس والد جو نالو مخدوم پنيلڏو 'پنيل' هئو.

## 1884ع

27- فيبروري (30- ربيع الثاني 1301ھ)

پير سيد حامد شاهه راشدي ڄائو.

15- مارچ:

مولوي الله بخش 'ابوجهي' جي ڪوشش سان 'مجمع محمّديﷺ' نالي جماعت وجود ۾ آئي، جيڪا بعد ۾ "سنڌ محمدن ايسوسيئيشن" جي نالي ۾ تبديل ٿي. سنڌ جي مختلف هنڌن تي ان جون شاخون قائم ٿيون تفصيل هن ريت آهي:

18- جون 1884 شڪارپور ۾، مرزا علي محمد جي مدد سان.

20- سيپٽمبر 1884ع لاڙڪاڻي ۾ مرزا قلب علي جي مدد سان، ۽ 12-مارچ 1885ع جيڪب آباد ۾.





16- مارچ:

خانبهادر حسن علي آفندي، پنهنجن ساٿين سان گڏجي، محمدنﷺ ايسوسيئيشن جو بنياد وڌو.

27- مارچ:

مخدوم ميان غلام رسول عرف 'احمد علي' صدّيقي، هالا نوان ۾ ڄائو.

6- جولائي (13- رمضان المبارڪ 1301ھ)

نواب مير گل محمد خان 'زيب' جي ولادت ٿي. پاڻ واليءَ جهل بلوچستان سردار قيصر خان جو ٻيو نمبر فرزند ۽ بهترين شاعر هو.

9- آگسٽ:

هزهائينيس مير علي نواز خان 'ناز' ڄائو. سندس والد جو نالو مير امام بخش خان هئو.

27- آگسٽ (6- ذيقعد 1301ھ)

قاضي شفيع محمد پاٽائي، خيرپور ناٿن شاهه جي ڪاردار مولچند کي اسلام قبول ڪرڻ لاءِ منظوم خط لکيو.. ان جون چار سٽون آهن:

بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ
لَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ الله
شکر خدا کہ این نبیؐ کرد پاک و صاف
از آتش ہزار گناہ و خطا معاف

## 1885ع

23- جولائي (10- شوال 1302ھ)

ميان عبدالرحيم جو وصال ٿيو. سندس ولادت 1238ھ مطابق 1822-1823 ۾ ٿي، پاڻ دين محمد عباسي جو فرزند هو.

29- آگسٽ:

ڪشنچند 'بيوس' ڄائو.

4- سيپٽمبر:

ميان جان محمد 'فدا' ولد ميان فيض محمد، ڪڪڙ ضلعي دادو ۾ ڄائو. سندس سلسلو ڇهين پيڙهيءَ ۾ ميان سرفراز ڪلهوڙي سان ملي ٿي.



Gul Hayat Institute

23- آڪٽوبر (13- محرم 1303ھ)

سيد حاجي حيدر شاھ "حيدر" اول اجناڻي جو وصال ٿيو. سندس هٿن اکرن سان عربي ۾ لکيل 'سيرت پاڪ' جو ناياب نسخو، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي لائبريريءَ ۾ موجود آهي. سيد حيدر شاھ کي ڳوٺ اجن شاھ جي پرسان سندس آبائي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

## 1886ع

10- جنوري:

ميان غلام سرور 'فقير' قادري لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو ميان نور محمد قادري هو.

13- فيبروري (8- جمادي الاول 1303ھ)

حضرت غوث الحق مخدوم نوحؒ جي 16- سجّاده نشين حضرت مخدوم غلام محمد 'مغموم' (وصال، 1944ع) جن جي هالا ۾ ولادت ٿي. سندن والد حضرت مخدوم ظهيرالدين، حضرت مخدوم نوحؒ جا 15- سجّاده نشين هئا.

19- اپريل:

نواب خداداد خان ثاني جي ولادت ٿي.

29- جون (26-رمضان 1303ھ)

حضرت غوث الحق مخدوم نوحؒ جي 13- سجّاده نشين حضرت مخدوم امين محمد ثالثؒ جو انتقال ٿيو.

Gul Hayat Institute

# تصویرون







Gul Hayat Institute



محمد فقير ڪٽياڻ جو ٺلهو جتي راهوڻ شريف جي خدمتگار سومر فقير جي مزار آهي.



آرام جو تڪيو ۽ مچ مبارڪ گڏيل نظارو.







راهوڻ شريف جو خدمتگار سومار فقير عرف سومر فقير.



Gul Hayat Institute

# کتابیات







Gul Hayat Institute

# ڪتابيات


1. ڪلياتِ امين، سنڌي ادبي بورڊ 1966ع
2. ڪلياتِ امين، سنڌي ادبي بورڊ 1990ع
3. تذڪرهٔ مخدومانِ هالا، طالب الموليٰ اڪيڊمي 2017ع
4. گلزارِ صديقؓ طالب الموليٰ اڪيڊمي 2011ع
5. رسالہ سروريہ (سلسلو 9)، مرتب محمّد عظيم ڪنڀار، حاجي محمد بچل يادگار ڪاميٽي عمر ڪوٽ
6. نوائي فراق، اسحاق ميمڻ هالائي








Gul Hayat Institute